ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 04 جولاءِ 2026ع 18 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 روپيه شمارو (318)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 4th July 2026
Daily Ibrat Karachi

بلوچستان ۾ بريڪ فيل ٿيڻ سبب مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي، عورتن ۽ ٻارن سميت 40 ڄڻا فوت

حادثو بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا واري سرحدي علائقي ۾ پيش آيو، جتي صوبائي حڪومتن جون ريسڪيو ٽيمون پهچي ويون، امدادي ڪارروائين بعد لاش ۽ زخمين کي ڪڍيو ويو

بس ۾ گنجائش کان وڌيڪ مسافر سوار هئا، اڪثر ۾ خراب ٿيل ٻي بس جا مسافر پڻ ان ئي بس ۾ ويٺل هئا، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل آفيسر تفصيلي جاچ ۾ مصروف ٿي ويا

فوتين جي سڃاڻپ ۽ زخمين جي علاج لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، بلوچستان حڪومت ڏکويل خاندانن جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي، جلد حقيقتون پڌريون ٿينديون: صوبائي انتظاميا

صدر آصف علي زرداري جو ژوب-شيراني شاهراهه وٽ پيش آيل المناڪ بس حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار، زخمين کي هر ممڪن ۽ بهترين طبي سهولتون ڏيڻ جو حڪم

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي ضلعي ژوب جي داناسر واري علائقي ۾ هڪ مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 40 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن پوليس موجب، حادثو بريڪ فيل ٿيڻ سبب پيش آيو زخمين ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل آهن جن کي علاج لاءِ ٻي ايچ کيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران غير معياري سرنج جي تياري ۽ استعمال تي مڪمل پابندي لاڳو ڪرڻ جو حڪم

ايڊز ۽ هيپاٽائيٽس سي جهڙين وچڙندڙ بيمارين جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس ٿيو

قانون واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي قانوني ۽ ريگيوليٽري فريم ورڪ ۾ ضروري ترميمون تجويز ڪرڻ جي به هدايت

وچڙندڙ بيمارين کي ڦهلجڻ کان روڪڻ جي لاءِ جاري ڪوشش ۾ عالمي حصيدارن جي مدد تمام گهڻي اهم آهي: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ ۾ وچڙندڙ بيمارين کي ڦهلجڻ کان فوري طور تي روڪڻ جي لاءِ غير معياري سرنج جي تياري ۽ استعمال تي مڪمل پابندي لاڳو ڪرڻ ۽ ڏوهاري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا ۾ 6.3 جي شدت جو زلزلو سونامي وارننگ جاري نه ٿي

زلزلي جو مرڪز زمين جي سطح کان 126.8 ڪلوميٽر اونهائي ۾ هيو

هانگ ڪانگ (اي پي پي) انڊونيشيا جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ايراني پرڏيهي وزير سان ملاقات

تهران (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

تهران: وزيراعظم شهباز شريف ايران جي گهرو وزير اسڪندر مومني سان ملاقات ڪري رهيو آهي

آمريڪا سان ڳالهين دوران ايراني عهديدارن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو

آمريڪا وچ اوڀر جي ٻين ملڪن ذريعي ايران کي ان خطري کان آگاهه ڪيو هو

اسرائيل عباس عراقچي ۽ محمد باقر قاليباف قتل ڪرڻ جو ارادو رکندو هو

نيويارڪ (اي پي پي) ٿالبوارين آمريڪي اخبار نيويارڪ ٽائمز ۽ واشنگٽن پوسٽ انڪشاف ڪيو آهي ته هلندڙ سال جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٽيڪسيشن لاءِ نظام کي ڊجيٽلائز ڪري رهيا آهيون، اوڳاڙين ۾ اضافو ٿيندو: ناڻي وزير

هي اجلاس پوسٽ بجيٽ ميٽنگ ناهي پر هي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جي شروعات آهي: محمد اورنگزيب

بجيٽ جي تياري هاڻ فنانس ڊويزن وٽ آهي، ايف بي آر صرف ٽيڪس ايڊمنسٽريشن ۽ ٽيڪس وصولين بابت مسئلا ڏسندو

حڪومت تعميراتي شعبي جي حوصلا افزائي ڪندي ۽ فائلن جي ڪاروبار لاءِ ڪا سهولت نه ملندي، هر شخص جو رڪارڊ موجود آهي

فيصل آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته ٽيڪسيشن لاءِ نظام کي ڊجيٽلائز ڪيو پيو وڃي، جنهن سان نه صرف ليڪيج جو خاتمو ٿيندو ۽ محصولن جي وصولي ۾ واڌ ٿيندي فيصل آباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريءَ ۾ ڪاروباري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وينزويلا ۾ زلزلي سبب رياست لاگوارا جا سمورا سرڪاري عهديدار فوت

زلزلي سبب متاثر علائقن جي اڏاوت لاءِ 20 ڪروڙ ڊالرن جو فنڊ قائم ڪرڻ جو اعلان

زلزلي سبب 855 کان به وڌيڪ عمارتن کي نقصان ٿيو آهي: وقتي صدر ڊيلسي روڊ ريگيز

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا ۾ زلزلي سبب متاثر علائقن جي اڏاوت لاءِ 20 ڪروڙ ڊالرن جو فنڊ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب وينزويلا جي وقتي صدر ٻڌايو ته زلزلي ۾ 12 هزار کان به

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيمبر آف ڪامرس جي نمائش جو افتتاح ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ ترڪي ۾ ساموندي معاملن ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون تي اتفاق

اتفاق راءِ استنبول ۾ وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري ۽ ترڪي جي ٽرانسپورٽ واري وزير عبدالقادر وچ ۾ ملاقات ۾ طئي ٿي

ٻنهي ملڪن ساموندي انفراسٽرڪچر جي ترقي ۽ جديد ٽرانسپورٽ نظام کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو

تعاون کي هٿي ڏيڻ سان پاڪستان ۽ ترڪيه جي پُراڻي حصيداري وڌيڪ مستحڪم ٿيندي ۽ خطي ۾ اقتصادي خوشحاليءَ کي هٿي ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ترڪيه ساموندي معاملن ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪندي اقتصادي رابطن جي استحڪام، جديد انفراسٽرڪچر جي ترقي ۽ پائيدار معاشي اوسر لاءِ گڏيل عزم ڪي ورجايو آهي، وزارت مان جاري بيان موجب

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ريلوي ۽ ناڻي وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ليا جهلم ڊبل ڪيرج وي جي تعمير بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

مهمند ۾ ايڊيشنل ايس ايڇ او ۽ ايليٽ فورس جو جوان شهيد، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا

ٽاڪي يڪ غنڊ جي حد مچني، ورسڪ لفٽ ڪينال ويجهو معمول جي گشت تي موجود پوليس موبائل تي دهشتگردن بزدلاڻو حملو ڪيو

فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ يڪ غنڊ ٿاڻي جو ايڊيشنل ايڇ او زيت الله ۽ ايليٽ فورس جو جوان نور زيب بهادريءَ سان وڙهندي شهادت ماڻي

فتنه الخوارج جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون بنا فرق جي جاري رهنديون: مهمند ايجنسي جي پوليس انتظاميا

پشاور (اي پي پي) فتنه الخوارج دهشتگردن سان بهادريءَ سان مقابلي دوران ايڊيشنل ايس ايڇ او ۽ ايليٽ فورس جو جوان شهيد ۽ ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا. مهمند پوليس جي ترجمان موجب ٿاڻي يڪ غنڊ جي حد مچني، ورسڪ لفٽ ڪينال ويجهو معمول جي گشت تي موجود پوليس موبائل تي دهشتگردن بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بيروزگاري ۽ بيماري کان تنگ اچي ڇهن ٻارن جي پيءُ آپگهات ڪري ڇڏيو

سلطان آباد جي علائقي هجرت ڪالوني ۾ ميرپور خاص واسي پيءُ خودڪشي ڪئي

فوتي بيروزگاري ۽ بيماري سبب ذهني پريشاني ۾ مبتلا هو، لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سلطان آباد جي علائقي هجرت ڪالوني ۾ بيروزگاري ۽ بيماري کان تنگ اچي ڇهن ٻارن جي پيءُ ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي ريسڪيو اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ائٿليٽڪس فيڊريشن آف پاڪستان ڪامن ويلٿ رانديون لاءِ 6 رڪني ٽيم جي موڪلڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) ائٿليٽڪس فيڊريشن آف پاڪستان ڪامن ويلٿ رانديون لاءِ 6 رڪني ٽيم جي موڪلڻ جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو: سنڌ يونائيٽيڊ ٿنڪرز فورم

پاڻي جي ورچ واري نظام ۾ مڪمل شفافيت آڻي ڊيلٽا تائين ماحولياتي وهڪرو يقيني بڻايو وڃي

ملڪ ۾ معاشي ۽ موسمياتي بحران آهي، پر حڪمرانن جي ترجيحن ۾ ماحوليات جو تحفظ شامل ناهي: زين شاهه

صوبي جا مالي وسيلا سنڌ جي عوام جي ڀلائي، بنيادي ڍانچي جي بهتري ۽ عوامي ضرورتن تي خرچ ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ يونائيٽيڊ ٿنڪرز فورم پاران پاڪستان آمريڪن ڪلچرل سينٽر (PACC) ڪراچي ۾ "موسمياتي تبديلي، ان جا اثر ۽ چيلنجز" جي عنوان سان سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ٽورانٽو: سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي 42 هين سالياني گڏجاڻي ۾ ميزبان دنيا جي مختلف حصن مان آيل مهمانن کي اجرڪون اوڍائي رهيا آهن

ٽورانٽو ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي 42 ساليانه گڏجاڻي شروع

شاندار تقريب ۾ اتر آمريڪا، سنڌ، وچ اوڀر ۽ دنيا جي مختلف علائقن مان آيل مهمانن شرڪت

ثقافتي پروگرام، ادبي ويهڪون، علمي مذاڪرا، نوجوانن لاءِ سرگرميون، ڪاروباري ويهڪون ٿينديون

ٽورانٽو (رپورٽ ضياء قريشي / سبين ميمڻ) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي ٻائيتاليهين ساليانه گڏجاڻي جو باقاعده آغاز ٽورانٽو ۾ مقامي انتظامي ڪميٽي پاران منعقد ڪيل شاندار آجياڻي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ پوليس جو اهلڪار هلندڙ ٽرڪ سان لٽڪي پيو، وڊيو وائرل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي شاهراهه تي پورٽ قاسم ويجهو هڪ ڪرالر نه روڪڻ تي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪڪڙ ويجهو پراڻي تڪرار تان ٻن ڌرين جي هڪٻئي مٿان فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل 2 مرڻينگ

ڳوٺ جبيرجي ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو

فائرنگ جي نتيجي ۾ يعقوب عرف صوف چانڊيو قتل، معشوق ۽ رفيق چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا

پوليس پهچي مقتول جو لاش ۽ زخمين کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ڇهن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجهو رڪڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ جبيرجي ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو، جنهن دوران ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي آهي ، فائرنگ جي نتيجي ۾ يعقوب عرف صوف چانڊيو موقعي تي مارجي ويو، جڏهن ته معشوق چانڊيو ۽ رفيق چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڳوٺاڻيون عورتون ۽ ٻار هينڊ پمپ تان پيئڻ جو صاف پاڻي ڀري رهيا آهن

مختلف ملڪن جا صدر، پارليامينٽ سربراهه، وزيراعظم ۽ وزير آخري رسمن ۾ شرڪت ڪندا

ڪيترن ئي ملڪن جا 800 کان وڌيڪ پرڏيهي صحافي آخري رسمن واري تقريب جي ڪوريج ڪندا

شهيد کي پيغام پيش ڪرڻ واري ترتيب منعقد ڪئي وئي، مختلف ملڪن جي اڳواڻ شرڪت ڪئي

تهران: قومي ڪميٽي جي سيڪريٽري موجب، ڪيٽي ملڪن جي اختيارين ۽ شخصيتن شرڪت جي راضپو ظاهر ڪيو آهي ايراني گهرو وزير اسڪندر مومني چيو آهي ته مختلف ملڪن جا صدر پارليامينٽ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

مختلف ملڪن جا صدر، پارليامينٽ سربراهه، وزيراعظم ۽ وزير آخري رسمن ۾ شرڪت ڪندا

ڪيترن ئي ملڪن جا 800 کان وڌيڪ پرڏيهي صحافي آخري رسمن واري تقريب جي ڪوريج ڪندا

شهيد کي پيغام پيش ڪرڻ واري ترتيب منعقد ڪئي وئي، مختلف ملڪن جي اڳواڻ شرڪت ڪئي

تهران: قومي ڪميٽي جي سيڪريٽري موجب، ڪيٽي ملڪن جي اختيارين ۽ شخصيتن شرڪت جي راضپو ظاهر ڪيو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

شهيد جي آخري رسمن جو شيڊول جاري ڪيو ويو، تدفين مشهد ۾ ٿيندي

اڄ عوامي الوداعي تقريب تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز گرينڊ مصلي ۾ ٿيندي

مرڪزي جنازي نماز سڀاڻي صبح ادا ڪئي ويندي، اٺ جولاءِ تي نجف ۽ ڪربلا ۾ جلوس نڪرندا

تهران: شهيد شهيد آيت الله علي خامنه اي جي آخري رسمن جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي، ڪالهه پيغام پيش ڪرڻ واري تقريب

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

تهران: ايران جي سياسي ۽ عسڪري قيادت آيت الله علي خامنه اي جي آخري رسمن ۾ شريڪ آهي

اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر شهيد آيت الله علي خامنه اي جون آخري رسمون شروع

هزارين سوڳوارن جي موجودگي ۾ شهيد خامنه اي جو تابوت امام خميني مصلي مرڪز ۾ آندو ويو

جنازي نماز ۽ تدفين جون تقريبون 9 جولاءِ تائين جاري رهنديون، مختلف ملڪن جي وفد پهچڻ لڳا

آخري رسمن ۾ ڏيڍ ڪان ٻن ڪروڙ تائين ماڻهن جي شرڪت ٿي سگهي ٿي، انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن: اختياريون

اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿيل اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جون آخري رسمون

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿيل اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جون آخري رسمون باضابطا طور تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز امام خميني مصلي ۾ شروع

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

شهيد جي جنازي نماز پڙهائڻ لاءِ ڪنهن به مذهبي اڳواڻ جو نالو سامهون اچي نه سگهيو

تهران: اهو به اڃا تائين واضح ناهي ته علي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ شهيد جي چاليهي تائين مختلف صوبن ۾ مذهبي ميڙاڪا، دعائون ۽ عبادتون ٿينديون

تهران: ايراني اختيارين اعلان ڪيو آهي ته تدفين ڪانپوءِ چاليهه ڏينهن تائين مختلف

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

تهران: وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير پيپلز پارٽي جو چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ايم اين اي عبدالقادر پٽيل ايراني روحاني پيشوا آيت الله علي خامنه اي جي آخري رسمن ۾ شريڪ آهن

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل سميت پاڪستاني اعليٰ وفد شهيد آيت الله خامنه اي جي جنازي ۾ شريڪ

ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي دعوت تي وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد جنازي ۾ شرڪت ڪئي

اعليٰ سطحي وفد ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ عطا تارڙ به شريڪ

شهيد آيت الله خامنه اي ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين غير معمولي بصيرت، حڪمت ۽ دورانديشي سان ايراني قوم جي رهنمائي ڪئي: وفد

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي ايران جي اڳوڻي رهبر اعليٰ شهيد آيت الله خامنه

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

شهيد جي آخري رسمن جو شيڊول جاري ڪيو ويو، تدفين مشهد ۾ ٿيندي

اڄ عوامي الوداعي تقريب تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز گرينڊ مصلي ۾ ٿيندي

مرڪزي جنازي نماز سڀاڻي صبح ادا ڪئي ويندي، اٺ جولاءِ تي نجف ۽ ڪربلا ۾ جلوس نڪرندا

تهران: شهيد شهيد آيت الله علي خامنه اي جي آخري رسمن جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي، ڪالهه پيغام پيش ڪرڻ واري تقريب

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران بلوچستان بس حادثي ۾ قيمتي جانين جي زيان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪشمير مسئلي کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي اثرائتي انداز ۾ اجاگر ڪيو ويندو: شرجيل ميمڻ

سنڌ جي سينئر وزير سان وفاقي وزير ۽ ڪشمير بابت پارلياماني ڪميٽي جي چيئرمين رانا محمد قاسم نون ملاقات ڪئي

والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي لڳاتار ڀڃڪڙين ۽ عوام تي جاري ڀارتي ظلمن جي سخت مذمت

سنڌ حڪومت والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم کي بينقاب ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان وفاقي وزير ۽ ڪشمير بابت پارلياماني ڪميٽي جي چيئرمين رانا محمد قاسم نون

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان رانا محمد قاسم نون ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، ٽر ۽ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ ملوث جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي اسٽيل ٽائون جي علائقي سومار

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۾ هائيڊرو يونين حيسڪو جي چونڊن ۾ سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

ڄامشورو (ء ر) هائيڊرو يونين سي بي اي ڊويزن حيسڪو ڄامشورو جي ساليانه چونڊون ٿي گذريون ، جن ۾ سمورا عهديدار بنا مقابلي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مالي سال 2027ع دوران مجموعي قومي پيداوار جي اوسر واري شرح ٽقريبن 4 سيڪڙو رهڻ جو امڪان

مالي سال 2026ع جي شروعاتي ڪاٿي موجب 41.5 ارب ڊالرن جو پرڏيهه مان ايندڙ ناڻو متوقع آهي: گورنر اسٽيٽ بئنڪ

ملڪ ۾ معاشي سرگرمين ۾ ترتيبوار تيزي اچي رهي آهي ۽ اقتصادي اوسر اسٽيٽ بئنڪ جي اميدن موجب رفتار وٺي رهي آهي

حڪومت جي پرڏيهي قرضن جي ساخت به بهتر ٿي آهي، مختصر مدي جي ڪمرشل قرضن تي دارومدار ترتيبوار گهٽ ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد چيو آهي ته مالي سال 2027ع دوران مجموعي قومي پيداوار جي اوسر واري شرح ٽقريبن 4 سيڪڙو رهڻ جو امڪان. مالي سال 2026ع جي شروعاتي ڪاٿي موجب 41.5 ارب ڊالرن جو پرڏيهه مان ايندڙ ناڻو متوقع آهي پاڪستان جي ٻاهرين شعبي جي صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن اها ڳالهه جمعي تي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ نينگر مٿي تي پاڻي هاري گرمي ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪندي

گل پلازه سانحي ڪيس ۾ پراسيڪيوشن پوليس جو چالان ٻيهر واپس ڪري ڇڏيو

پوليس جاچ کي اڻپوري ۽ ناقص قرار ڏيندي ڪيترين ئي اهم خامين جي نشاندهي ڪئي وئي

چالان سان گڏ عدالتي ڪميشن جي رپورٽ پڻ شامل نه ڪئي وئي آهي: پراسيڪيوشن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي واري ڪيس ۾ پراسيڪيوشن پوليس جو چالان ٻيهر واپس ڪري ڇڏيو ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ گل پلازه سانحي واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران پراسيڪيوشن پوليس پاران جمع ڪرايل چالان هڪ ڀيرو ٻيهر واپس ڪري ڇڏيو پراسيڪيوشن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سڄي سنڌ ۾ جماعت اسلامي پاران بجلي جي لوڊشيڊنگ، مهانگي بجلي ۽ اوور بلنگ خلاف مظاهرا ٿيا

صوبائي، ضلعي ۽ مقامي اڳواڻن، عالم سڳورن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي اڳواڻي ۾ 400 هنڌن تي احتجاج

ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ ۾ سخت گرمي باوجود 12 کان 18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ عوام سان ظلم آهي: اڳواڻ

آءِ پي پيز سان عوام دشمن معاهدا ختم ڪري، ٿر جي ڪوئلي ۽ ونڊ پاور ذريعي سستي بجلي ڏني وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ جي اپيل تي بدترين لوڊشيڊنگ، مهانگي بجلي ۽ اوور بلنگ خلاف اڄ جمعي ڏينهن صوبي جي 400 کان وڌيڪ هنڌن تي احتجاجي مظاهرا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

چلاس: پاڪستان جو جبل چاڙهو محبوب علي 8125 ميٽر اوچي نانگا پربت جي چوٽي سر ڪرڻ ڪانپوءِ قومي جهنڊو جهولائي رهيو آهي

دهشتگردن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻيندڙ پوليس جوانن جي جنازي نماز پوليس لائين ڳلنڌي ۾ ادا

پشاور (اي پي پي) فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي حملي جو بهادريءَ سان

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاران بلوچستان ۾ افسوسناڪ بس حادثي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي ۽ وڏي وزير

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

آخري رسمن ۾ اطلاعات کاتي آفيسرن، صحافين سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

سوات ويجهو حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد هو ڊگهي عرصي کان ڪيپ سنلمن گهرواري ۽ ٻن ٻارن ٻار جو علاج جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي جنازي نماز ادا، سوين سوڳوارن جي شرڪت سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي جنازي نماز گلزار

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ مسافر بس جي المناڪ حادثي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان جي ژوب

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ پوليس پاران موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار پرديپ ولد لڇمڻ ڀيل، سريش ولد نرسنگهه ڀيل ۽ ڪيلاش رٻاري کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

گرفتار جوابدارن جي نشاندهي تي جهڏو مان مجموعي طور 5 موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون آهن

جوابدارن جو هڪ ساٿي شان آرائين فرار ٿي ويو آهي، جلد ڪيس گرفتار ڪنداسين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ شهر ۾ گذريل هڪ مهيني دوران موٽر سائيڪل چوري جي وڌندڙ وارداتن خلاف پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي، چوري ٿيل 5 موٽر سائيڪلون برآمد ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر دانش جي نگراني هيٺ اسپيشل برانچ جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ٻارڙا واٽر ڪورس جي مٽي مان رانديڪا ٺاهي رهيا آهن

ڪراچي ۾ گهر اندر فائرنگ جي واقعي ۾ عورت قتل، جوابدار گرفتار

ڊيفنس فيز 5 ۾ گهر اندر فائرنگ سبب 45 سالن جي حميرا خاتون زال امداد قتل ٿي وئي

پوليس فائرنگ ڪندڙ جوابدار کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، واقعو ذاتي جهيڙي سبب پيش آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ درخشان ٿاڻي جي حد ڊيفنس فيز 5 سعودي ايمبيسي جي ويجهو گهر ۾ فائرنگ جي دوران 45 سالن جي عورت حميرا خاتون زال امداد قتل ٿي وئي آهي مقتوله جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ذاتي جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ عورت قتل ٿي وئي آهي واقعي بابت پوليس وڌيڪ شاهديون گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندر فائرنگ سبب نوجوان ناري قتل، مختلف واقعن ۾ 7 ڄڻا زخمي

نارٿ جي علائقي ۾ گهر جي اندر فائرنگ ۾ 17 سالن جي ناري زينب ڌي واصف قتل ٿي وئي

مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ فائرنگ جي واقعن ۾ 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ فائرنگ جي واقعن ۾ ناري قتل، جڏهن ته 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. نارٿ ڪراچي سيڪٽر 11 اي فرقانيا مسجد جي ويجهو گهر جي اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ 17 سالن جي ناري زينب ڌي واصف قتل ٿي وئي آهي واقعي جو اطلاع

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس ۽ پاڪستان آءِ بئنڪ سوسائٽي اسپتال وچ ۾ معاهدو ٿي ويو

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان ۽ اسپتال جي صدر قاضي ساجد علي جي موجودگي ۾ تقريب منعقد ٿي

پوليس آفيسرن، اهلڪارن، رٽائرڊ ملازمن ۽ انهن جي گهرڀاتين کي معياري طبي سهولتون ملنديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس ۽ پاڪستان آءِ بئنڪ سوسائٽي اسپتال وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪراچي پوليس ۽ پاڪستان آءِ بئنڪ سوسائٽي اسپتال (PEBS) وچ ۾ ڪراچي پوليس جي آفيسرن اهلڪارن رٽائرڊ ملازمن ۽ انهن جي گهرڀاتين کي معياري طبي سهولتون

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ٽائمز هائير ايجوڪيشن جي امپيڪٽ رينڪنگس ۾ شامل

يونيورسٽي تعليمي معيار، تحقيقي اثر ۽ پائيداري جي بنيادن کي مضبوط ڪري رهي آهي: وي سي

امپيڪٽ رينڪنگ ۾ شموليت يونيورسٽي جي ڪارڪردگيءَ ۾ نمايان بهتري جي عڪاسي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي کي ٽائمز هائير ايجوڪيشن جي "امپيڪٽ رينڪنگس" ۾ شامل ڪيو ويو آهي اها درجي بندي دنيا جي يونيورسٽين جو جائزو انهن جي گڏيل قومن جي پائيدار ترقي جي مقصدن (SDGs) جي حوالي سان انهن جي ڪردار ۽ تعاون جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير قانوني ترسيل پرڏيهين خلاف ڪريڪ ڊائون، 10 افغاني گرفتار

ملير پوليس شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حدن ۾ ڪارروائي ڪندي افغان شهرين کي سوگهو ڪيو

بنا قانوني تصديق رهائش فراهم ڪندڙ گودام مالڪ کي به حراست ۾ ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ملير پوليس غير قانوني پرڏيهي رهواسين ۽ افغان تارڪين وطن خلاف جاري ڪريڪ ڊائون دوران شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حدن ۾ ڪارروائي ڪندي 10 افغان شهرين کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڪين بنا قانوني تصديق رهائش فراهم ڪندڙ گودام مالڪ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سان گجرات چيمبر آف ڪامرس جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ هنگامي امدادي خدمتن ۽ باهه وسائڻ لاءِ ٻه نوان فائر اسٽيشن قائم

ميئر مرتضيٰ وهاب گلستان جوهر ۽ بولٽن مارڪيٽ ۾ نون بحال ڪيل فائر اسٽيشنن جو افتتاح ڪيو

سنڌ حڪومت جي سهڪار سان جديد ترين فائر فائٽنگ مشينري ۽ سامان پڻ خريد ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب شهر ۾ هنگامي امدادي خدمتن ۽ باهه وسائڻ جي صلاحيت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ ست پوليس اهلڪار نوڪرين تان برطرف، 88 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مختلف سزائون

ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري اردلي روم ڪوٺائي شوڪاز نوٽيسن ۽ ٻين مختلف معاملن بابت ٻڌڻي ڪئي

فرضن ۾ غفلت ڪرڻ تي 7 اهلڪارن کي نوڪرين تان برطرف ڪري 88 اهلڪارن کي مختلف سزائون ڏنيون ويون

عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت واري ذميواري ۾ غفلت يا لاپرواهي ڪندڙن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي لاڙڪاڻو فرضن ۾ غفلت ڪرڻ تي 7 پوليس اهلڪارن کي نوڪرين تان برطرف ڪري 88 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي مختلف ڊپارٽمينٽل سزائون ڏنيون آهن ان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
گارڊين سوٽ نمبر 23 سال 2026

مسمات ماريه ظفر ٽالپر ...اپليڪينٽ ،بخلاف، جان اعظم ساند ولد عبدالغفار ساند رهندڙ بنگلو نمبر A-81/1 قاسم آباد حيدرآباد 03243986246 ...اپوننٽس (1) عبدالهادي ... مائنر

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 08-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 246 سال 2026

مسمات صائمه ڌيءُ شاهنواز رند رهندڙ ڳوٺ حاجي مهر خان رند تعلقو نوابشاه ...پلينٽف ،بخلاف، مهتاب ولد الهه داد رند رهندڙ سچل ڪالوني لاڙڪاڻو...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 17-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 74 سال 2026

رجب ولد علي محمد لاشاري رهندڙ محلا غلام حيدر شاه ڪالوني تعلقو نوابشاهه ...اپليڪينٽ ،بخلاف، مسمات نوران بيواهه رجب لاشاري رهندڙ محلا غلام حيدر شاه ڪالوني تعلقو نوابشاهه ...اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغين نالي (1) ريان عمر 6 سال جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 72 سال 2026

مسمات شهنيلا زال شاه محمد راڄپر رهندڙ ڪاٺانڌ نگر تعلقو سڪرنڊ ...پلينٽف ،بخلاف، ممتاز علي ولد امير بخش راڄپر رهندڙ ڳوٺ احمد خان راڄپر تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ...ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 07-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي/ گارڊين I جج هالا
(روبرو جناب وسيم احمد لاڪير)
گارڊين سوٽ نمبر 35 سال 2025

مسمات اميران بيگم بيواهه غازي خان رهندڙ شاهه حبيب ڪالوني پٽ شاهه ضلعو مٽياري ...اپليڪينٽ ،بخلاف، (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس (1) غلام علي ولد مرحوم غازي خان (2) راضي خان ولد مرحوم غازي خان،مائنر

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7، گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ 1890 تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 10-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي/ گارڊين I جج هالا

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته عرضدار محمد آصف پنهور ولد محمد يوسف پنهور رهندڙ ڳوٺ خان محمد پنهور تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات حميده زال محمد يوسف تاريخ 05-04-2025تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 199،279،186 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه پنهواري ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث جيئرا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) محمد آصف پٽ (2) محمد واصف پٽ (3) محمد حارث پنهور پٽ (4) منتظر ابراز (ڌي) (5) بيبي مريم پنهور ڌي جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري مقرر معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته عرضدار مسمات رضيه ولد محمد بخش رهندڙ ڳوٺ ساٽي ميربحر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد بخش ولد آچر خان تاريخ 16-04-2023تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 156 ايراضي حصي موجب ديهه هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث جيئرا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) مسمات رضيه (بيواهه) (2) رضوان علي پٽ (3) محمد آصف پٽ (4) انس پٽ (5) رضواءِ (ڌي) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام ۽ خاص کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات گلناز بيواهه محمد يعقوب پرڳڙي درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي محمد يعقوب پرڳڙي ولد عثمان پرڳڙي رهندڙ ڳوٺ لعل بخش پرڳڙي پوسٽ آفيس موري منگر تعلقو حيدرآباد جيڪو مورخ 01-05-2026 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي سندس حياتي ۾ فقط هڪ شادي ڪئي هئي ۽ فقه سني سان تعلق رکندڙ هو فوتي جا ماءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏي سندس حياتي ۾ فوت ٿي ويا آهن تنهنڪري هيٺ ذڪر ڪيل قانوني وارث آهن جن جو اهڙو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) محمد گلناز (بيواهه) (2) محمد عثمان (پٽ) (3) محمد اسحاق پٽ (4) محمد اسامه پٽ (5) ڪرن ڌي (6) نجمه (والده مسمات نظيران) ڌي (7) رخسانه (والده مسمات نظيران) ڌي ڪنهن به شخص يا اداري کي ان بابت ڪو اعتراض هجي يا پنهنجو پاڻ کي فوتي جو وارث سمجهندو هجي ته هو 07 ستن ڏينهن اندر اسان جي آفيس نيو بلڊنگ اپٽ جڪرا ڪاٽڪ حيدرآباد ٽنڊو جام روڊ ۾ پنهنجن ڪاغذي ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض پيش ڪري ٻي صورت ۾ مقرر معياد گذرڻ بعد مٿي ڄاڻايل وارثن کي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض قابل قبول نه (نوٽ) فوتي تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ماسٽر طور سرڪاري ملازم هو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن جي سڌ لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته اسان کي عرضدار فقير محمد جاکرو ولد گل محمد جاکرو درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي گل محمد جاکرو ولد نور دين جاکرو جي نالي شهر ۾ سٽي سروي نمبر 601 ايراضي 91.3 وال وارڊ A داخل ٿيل آهي جيئن ته منهنجو والد سال .. ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي ۽ ڪيس کي مذڪور هيٺيان وارث ڇڏي ويو آهي ۽ مرڻ بعد سٽي سروي نمبرن جو فوتي ڪاتو ناهي ڏنو وڃي (1) فقير محمد جاکرو آهي بنسبت جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي انهي وارثي تي اعتراض هجي ته پنهنجو اعتراض صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ڏهن ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ سندس ڪا به حجت ٻڌڻ جوڳي نه هوندي

سٽي سروي آفيسر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته تنوير احمد ولد خورشيد احمد شيخ سروي نمبر 398/3,4انٽري نمبر 55 ايراضي 04-06 ايڪڙ ديهه گجو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ميرپورساڪرو II

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي ارشاد ولد امام بخش سان لاتعلقي جو اظهار ٿو ڪيان اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو ان جي ڪنهن به قسم جي غير قانوني سرگرمين سان نه ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن ضرورت وقت ڪم اچي سگهي

امام بخش ولد اعجاز احمد موچي رهندڙ ڳوٺ سيتون ٽپال گهر شهدادپور تعلقو ٽنڊو آدم

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان جو ڀاءُ نالي محمد اويس مغل ولد محمد اسلم مغل شناختي ڪارڊ نمبر 4130316994983 سان لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو ان جي ڪنهن به قسم جي غير قانوني سرگرمين سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن ضرورت وقت ڪم اچي سگهي

(1) محمد ارسلان مغل ولد محمد اسلم مغل (2) محمد بلال مغل ولد محمد اسلم مغل (3) عبدالوهاب مغل ولد محمد اسلممغل رهندڙ واپڊا آفيس سڪندرآباد ڪالوني ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد

بقايا | 1 | روزاني عبرت

جا سربراهه وزيراعظم ۽ وزير ان تقريب ۾ شرڪت ڪندا. سرڪاري اختيارين جي دعويٰ آهي ته 800 پرڏيهي صحافي ان تقريب جي ڪوريج ڪندا. آخري رسمون، جنازي نماز ۽ تدفين جون تقريبون لاڳاپيل اختيارين طرفان اعلانيل منصوبي موجب آخري رسمن وارين تقريبون ڪيترن مرحلن ۾ مسلسل ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهنديون. ڪالهه ڪي جولاءِ تي بين الاقوامي پيما جي تقريب ٿي جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا اڳواڻ هڪ خاص تقريب ۾ خامنه اي کي پيما پيش ڪئي ان تقريب ۾ ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي دعوت تي وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد ايران جي اڳوڻي رهبرِ اعليٰ شهيد آيت الله علي خامنه اي جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي پاڪستان جي اعليٰ سطحي وفد ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، سنڌ سماءَ واري وزير عطاءُ الله تارڙ، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا اعليٰ حڪومتي عهديدار شامل هئا.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

آهي ايراني گهرو وزير اسڪندر مومني چيو آهي ته مختلف ملڪن جا صدن پارليامينٽ جا سربراهه وزيراعظم ۽ وزير ان تقريب ۾ شرڪت ڪندا. سرڪاري اختيارين جي دعويٰ آهي ته 800 پرڏيهي صحافي ان تقريب جي ڪوريج ڪندا. آخري رسمون، جنازي نماز ۽ تدفين جون تقريبون لاڳاپيل اختيارين طرفان اعلانيل منصوبي موجب آخري رسمن وارين تقريبون ڪيترن مرحلن ۾ مسلسل ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهنديون. ڪالهه ڪي جولاءِ تي بين الاقوامي پيما جي تقريب ٿي جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا اڳواڻ هڪ خاص تقريب ۾ خامنه اي کي پيما پيش ڪئي ان تقريب ۾ ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي دعوت تي وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد ايران جي اڳوڻي رهبرِ اعليٰ شهيد آيت الله علي خامنه اي جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي پاڪستان جي اعليٰ سطحي وفد ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، سنڌ سماءَ واري وزير عطاءُ الله تارڙ، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا اعليٰ حڪومتي عهديدار شامل هئا.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

ڪان پوءِ اڄ چار پنج جولاءِ تي عوامي الوداعي تقريب تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز گرينڊ مصليٰ ۾ ٿيندي، چار جولاءِ تي مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي دروازا کوليا ويندا ۽ پنج جولاءِ تي رات اٺين وڳي بند ڪيا ويندا. مرڪزي جنازي نماز پنج جولاءِ جي صبح ادا ڪئي ويندي، خامنه اي کانسواءِ سندس نياڻي بشريٰ حسيني خامنه اي، ننهن زهرا حداد عادل (سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي جي گهر واري)، ناٺي مصباح الهدي باقري ۽ ڏوهٽي زهرا محمدي جا تابوت به سوڳوارن لاءِ رکڻ جو امڪان آهي ڇهه جولاءِ تي تهران ۾ جنازي جو جلوس ڪڍيو ويندو اهو جلوس مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي شروع ٿيندو انتظاميا راڄڌاني ۾ هڪ ڪليل رستو چونڊيو آهي اختيارين موجب، جنازي نماز جي امڪاني هجوم لاءِ ڪو به هڪ روڊ ڪافي نه هوندو

بقايا | 4 | روزاني عبرت

بلوچستان جي وڏي وزير جي سنڌ سماءَ وارن معاملن بابت صلاحڪار شاهد رند پنهنجي بيان ۾ چيو ته حادثو بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا واري سرحدي علائقي ۾ پيش آيو جتي بلوچستان ۽ ڪي پي حڪومتن جون ريسڪيو ٽيمون امدادي ڪارروائين ۾ مصروف ٿي ويا. سندس چوڻ هو ته پي ڊي ايم اي، صحت کاتي ايف سي ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا پڻ سرگرم آهن جڏهن ته فوري سهڪار لاءِ خيبرپختونخوا حڪومت جا ڳورا مهيا وڃن ٿا شاهد رند موجب، شروعاتي اطلاعن موجب بس ۾ گنجائش کان وڌيڪ مسافر سوار هئا. جڏهن ته اڳ ۾ خراب ٿيل بس جا مسافر پڻ ان ئي بس ۾ ويٺل هئا. ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل آفيسر حادثي جي سببن بابت تفصيلي جاچ ڪري رهيا آهن

بقايا | 5 | روزاني عبرت

غفلت جي مرتڪب ماڻهن ۽ اسپتالن خلاف قانوني ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ايڊز ۽ هيپاٽائيٽس سي جهڙين وچڙندڙ بيمارين جي روڪٿام لاءِ ڪيل قدمن جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس جمعي ڏينهن منعقد ٿيو اجلاس ۾ قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ، صحت واري مملڪتي وزير ڊاڪٽر مختار احمد ڀرٿ، اٽارني جنرل آف پاڪستان منصور اعوان، گلوبل فنڊ جي نمائندي اڙاسڪون گويريا، عوامي صحت جي ماهرن، قومي صحت واري وزارت، ڊريپ جي نمائندن ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم هدايت ڪئي ته وچڙندڙ بيمارين جي ڦهلجڻ کي فوري طور تي روڪڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ غير معياري سرنجن جي تياري ۽ استعمال تي مڪمل پابندي لاڳو ڪئي وڃي هن ضابطي جي خلاف سرنجن جي استعمال ۾ ملوث ماڻهن ۽ اسپتالن يا ان کي روڪڻ ۾ مجرماڻي غفلت ڪندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ ۽ وچڙندڙ بيمارين تي ضابطو آڻڻ لاءِ ماهرن جي هڪ خاص ڪميٽي ٺاهڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ڪميٽي پنهنجون سفارشون تيار ڪرڻ وقت صوبن سان مشاورت يقيني بڻائي

بقايا | 6 | روزاني عبرت

۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان تهران ۾ ملاقات ڪئي آهي تفصيلن موجب ملاقات دوران فيلڊ مارشل سيد عاصم منير شهيد آيت الله خامنه اي جي ايران لاءِ خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ايران جي رهبرِ اعليٰ شهيد آيت الله علي خامنه اي جي آخري رسمن ۾ شرڪت لاءِ تهران ۾ موجود آهي

بقايا | 7 | روزاني عبرت

اتر پاسي واري صوبي جي علائقي هال ماهيره ۾ جمعي تي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا انهن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 6.3 رهي. آمريڪي عرضيات کاتي جي سروي موجب زلزلي جي شدت 6.2 ٻڌائي وئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب جرمن ريسرچ سينٽر جيو سائنسز (جي ايف زيڊ) جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته زلزلي جو مرڪز زمين جي سطح کا 126.8 ڪلوميٽر اونهائي ۾ هيو مقامي وقت موجب زلزلو سادي ٻارهين وڳي آيو انڊونيشيا جي جيو فزڪس ايجنسي پاران زلزلي کانپوءِ سونامي وارننگ جاري ناهي ڪئي وئي

بقايا | 8 | روزاني عبرت

برادريءَ جي نمائندن جي اجلاس کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته هي اجلاس پوسٽ بجيٽ ميٽنگ ناهي پر هي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جي شروعات آهي ۽ ان جي شروعات فيصل آباد چيمبر کان ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته بجيٽ جي تياري هاڻ فنانس ڊويزن وٽ آهي، جڏهن ته ايف بي آر صرف ٽيڪس ايڊمنسٽريشن ۽ ٽيڪس وصولين بابت مسئلا ڏسندو. هن چيو ته معاشي ترقيءَ لاءِ نجي شعبي کي اڳواٽي ڪرڻي آهي. فنانسنگ جي حوالي سان هن چيو ته وياج جي شرح 22 سيڪڙو کان گهٽ ڪري 11.5 سيڪڙو ڪئي وئي آهي. بجلي جي ٽيرف جي حوالي سان هن چيو ته ڪراس سبسڊيز ختم ڪيون ويون آهن جنهن سان بجليءَ جا ريٽ مستحڪم ٿيندا. ٽيڪسيشن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته ان تي 2 سالن کان ڳالهيون جاري هيون جنهن جي نتيجي ۾ ايڊوانس ۽ سپر ٽيڪس ختم ڪيو ويو آهي هن آءِ ٽي جي شعبي جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ چيو ته ان 4.5 ارب جو روانگي واپار ڪيو آهي. حڪومت ان لاءِ وڌيڪ سازگار ماحول مهيا ڪري رهي آهي هن چيو ته حڪومت تعميراتي شعبي جي حوصلا افزائي ڪندي ۽ فائلن جي ڪاروبار لاءِ ڪا سهولت نه ملندي. آٽوميشن جي حوالي سان وفاقي وزير چيو ته هر شخص جو مڪمل رڪارڊ نادرا ۽ ايف بي آر وٽ موجود آهي جنهن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويندو ان سان ليڪيج کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي

بقايا | 9 | روزاني عبرت

جو پوليس جي جوانن بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ يڪه غنڊ ٿاڻي جو ايڊيشنل ايچ او زيت الله ۽ ايليٽ فورس جو جوان نور زيب بهادريءَ سان وڙهندي شهادت ماڻي جڏهن ته موبائل ڊرائيور ظاهر زخمي ٿي پيو پوليس فورس جي مؤثر جوابي ڪارروائي جي نتيجي ۾ دهشتگرد پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ناڪام رهيا. عملدارن موجب جوابي ڪارروائيءَ ۾ ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا، جن جي تصديق پڻ ٿي چڪي آهي. جڏهن ته فتنه الخوارج دهشتگرد هڪ ايم-4، هڪ ڪلاشنڪوف ۽ 3 ميگزين ڇڏي ڀڄي وڃڻ تي مجبور ٿيا. واقعي کان فوري پوءِ ڊي ايس پي سرڪل يڪه غنڊ دلفراز خان ايس ايچ او قاسم جان ۽ ٻي پوليس فورس علائقي کي گهيري ۾ وٺي سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته فتنه الخوارج دهشتگردن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪوششون جاري آهن مهمند پوليس ان عزم کي ورجايو ته فتنه الخوارج جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون بنا فرق جي جاري رهنديون ۽ شهيدن جون قربانيون هرگز رائيگان وڃڻ نه ڏنيون وينديون

بقايا | 10 | روزاني عبرت

منظوري ڏئي ڇڏي آهي اهڙو اظهار جمعي تي اٿليٽڪس فيڊريشن آف پاڪستان جي صدر برگيڊيئر (ر) وجاهت حسين ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته ڪامن ويلٿ گيمز 23 جولاءِ کان 2 آگسٽ تائين گلاسڪو اسڪاٽ لينڊ ۾ کيڏيون وينديون جنهن ۾ شرڪت لاءِ اٿليٽڪس فيڊريشن آف پاڪستان 6 رڪني جٿي کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ هي جٿو 5 رانديگرن ۽ هڪ آفيشل تي ٻڌل هوندو ان رانديگرن جو تعلق پاڪستان آرمي پاڪستان واپڊا ۽ پاڪستان نيويءَ سان آهي پاڪستان آرمي جي فريال فاروق (ڊسڪس ٿرو) ۽ محمد اسماعيل (400 ميٽر ريس)، پاڪستان واپڊا جي رانديگرن ارشد نديم ۽ ياسر علي جيولين ٿرو جي ايونٽ ۾ شرڪت ڪندا. پاڪستان نيوي جو انصر عباس لانگ جمپ جي ايونٽ ۾ حصو وٺندو جڏهن ته پاڪستان آرمي سان تعلق رکندڙ صوبيدار ميجر اشرف علي ٽيم سان گڏ آفيشل ڊيوٽي سرانجام ڏيندو

بقايا | 11 | روزاني عبرت

فوتي جي سڃاڻپ 48 ورهين جي پيو طور ٿي ايس ايچ او سول لائن جاويد اقبال موجب شروعاتي جاچ مطابق فوتي جي وارثن ٻڌايو ته هو بيروزگاري ۽ بيماري سبب ذهني پريشاني ۾ مبتلا هو ۽ ان ئي سبب ڦاهو ڏئي خودڪشي ڪئي. فوتي ڇهن ٻارن جو پيءُ هو ۽ سندس اصل واسطو اندرون سنڌ جي ميرپورخاص سان هو پوليس قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا | 12 | روزاني عبرت

۾ ماحوليات جي ماهرن دانشورن صحافين وڪيلن سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن سميت مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين سيد زين شاهه چيو ته پاڪستان هن وقت معاشي ۽ موسمياتي بحران کي هڪ ئي وقت منهن ڏئي رهيو آهي پر حڪمرانن جي ترجيحن ۾ ماحوليات جو تحفظ شامل ناهي هن چيو ته حڪمران عوامي مسئلن بدران ذاتي ۽ سياسي مفادن کي ترجيح ڏئي رهيا آهن جڏهن ته موسمياتي تبديلي جهڙي سنگين قومي مسئلي کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي هن چيو ته وفاقي ۽ سنڌ حڪومت بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ رڳو 7 سيڪڙو واڌ ڪئي جڏهن ته مهانگائي جي شرح لڳ ڀڳ 11.5 سيڪڙو آهي جنهن سان ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت عوام کي حقيقي رليف ڏيڻ ۾ ناڪام رهي آهي سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو

بقايا | 13 | روزاني عبرت

واري تقريب سان ٿيو جنهن ۾ اتر آمريڪا، سنڌ، وچ اوڀر ۽ دنيا جي مختلف علائقن مان آيل مهمانن معزز عالمن دانشورن ڊاڪٽرن واپارين ۽ سنڌي برادري جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب جي ميزباني مقامي انتظامي ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالرئوف شيخ ۽ عورتن واري شعبي جي نائب صدر شاهده شيخ ڪئي، جن سڀني مهمانن کي دل جي گهراين سان ڀليڪار چيو ڊاڪٽر عبدالرئوف شيخ پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ چيو ته دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل معزز مهمانن جي موجودگي اسان لاءِ وڏي اعزاز ۽ خوشي جو سبب آهي هن چيو ته هن گڏجاڻي جو مقصد سنڌين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ پنهنجي ثقافت، ٻولي ۽ سڃاڻپ کي هٿي وٺرائڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين پنهنجي ورثي کي منتقل ڪرڻ آهي شاهده شيخ پڻ سڀني مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته سنڌي روايتن، ثقافت ۽ خانداني قدرن جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙيون گڏجاڻيون انتهائي اهم آهن جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل سنڌي هڪ ٻئي سان ملي پنهنجا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائين ٿا. ان موقعي تي سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته هي گڏجاڻي صرف هڪ ساليانو ميلو نه پر سنڌي تهذيب، تمدن، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ جو جشن آهي هن چيو ته تنظيم هميشه دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ ۽ سنڌي ورثي کي زنده رکڻ لاءِ سرگرم رهي آهي. تنظيم جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته تنظيم اتر آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين کي متحد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

بقايا | 14 | روزاني عبرت

ٽريفڪ پوليس جي اهلڪار پاران خطرناڪ قدم کڻي ورتو جتي اهلڪار هلندڙ ٽرڪ سان لٽڪي پيو. هن واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي تيزي سان وائرل ٿي وئي. وڊيو سامهون اچڻ بعد ڊي آءِ جي ٽريفڪ فوري نوٽس وٺندي واقعي جي انڪوائري جو حڪم ڏنو ان سلسلي ۾ ايس ايس پي ٽريفڪ ملير کي هدايت جاري ڪئي وئي آهي ته هو مڪمل رپورٽ پيش ڪري ٽريفڪ پوليس ترجمان موجب جيڪڏهن انڪوائري ۾ غفلت يا خلاف ورزي ثابت ٿي ته ذميوارن خلاف قانون ۽ محڪمانه ضابطن تحت سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ڪراچي ٽريفڪ پوليس واقعي جي تحقيقات جو باقاعده آغاز ڪري ڇڏيو آهي

بقايا | 15 | روزاني عبرت

، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته اطلاع تي رکڻ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي بعد پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال دادو منتقل ڪري ڇڏيو . ذريعن موجب واقعي کان پوءِ ٻنهي ڌرين مورچا سنڀالي ورتا آهن ۽ علائقي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي ، جڏهن ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو پڻ جاري آهي پوليس وڌيڪ نفري طلب ڪري صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته رکڻ پوليس ٻجل چانڊيو ، علي احمد چانڊيو ، علي شير ۽ دلشير چانڊيو کي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي ، ٻئي طرف چانڊيا برادري جي پراڻي تڪرار سبب هيٺر تائين ٻنهي ڌرين جا 5 ماڻهون قتل ٿي ويا آهن

بقايا | 16 | روزاني عبرت

سلسلي ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري پنهنجي آفيس ۾ اردلي روم ڪوٺائي شوڪاز نوٽيسن ۽ ٻين مختلف ڊپارٽمينٽل معاملن بابت ٻڌڻي ڪئي اردلي روم دوران فرضن ۾ غفلت ڪرڻ تي 95 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف ڊپارٽمينٽل ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي جن مان هيڊ ڪانسٽيبل سعيد احمد، ڪانسٽيبل نظام الدين عبدالقيوم افتخار احمد، پي آر سي منصور احمد، توفيق احمد ۽ غلام مصطفيٰ سميت 7 پوليس اهلڪارن کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو جڏهن ته 88 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي فارفيوچر ۽ سينچوئر سميت مختلف ڊپارٽمينٽل سزائون ڏنيون ويون ان موقعي تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت جهڙي اهم ذميواري ۾ غفلت يا لاپرواهي ڪندڙ ڪنهن به پوليس آفيسر يا اهلڪار سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي

بقايا | 17 | روزاني عبرت

کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي طور گلستان جوهر ۽ بولٽن مارڪيٽ ۾ نون بحال ڪيل فائر اسٽيشنن جو افتتاح ڪري ڇڏيو هي قدم ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي ان جامع حڪمت عملي جو حصو آهي، جنهن جو مقصد شهر جي ريسڪيو ۽ فائر فائٽنگ نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪري شهرين کي تيز مؤثر ۽ معياري هنگامي خدمتون فراهم ڪرڻ آهي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته انهن فائر اسٽيشنن جو قيام شهر ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ جي حوالي سان هڪ اهم سنگ ميل آهي هن ٻڌايو ته گلستان جوهر فائر اسٽيشن لڳ ڀڳ ٻن ڏهاڪن کانپوءِ بحال ڪئي وئي آهي جيڪا ڊگهي عرصي کان غيرفعال ۽ ويران پئي هئي هاڻي ان کي مڪمل طور فعال ايمرجنسي ريسپانس سينٽر بڻايو ويو آهي

بقايا | 18 | روزاني عبرت

کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي پوليس موجب ايس ايس پي ملير ۽ اعليٰ اختيارين جي هدايتن تي ضلعي اندر غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي شهرين خلاف مهم تيزي سان جاري آهي ڳجهي اطلاع تي اندرون گلو ڪٻاڙ ڪمپائونڊ، اسماعيل ڳوٺ ۾ ڇاپو هڻي 10 افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو جن وٽ پاڪستان ۾ رهائش جا قانوني دستاويز موجود نه هئا. پوليس موجب گرفتار ڪيل سمورن افغان شهرين خلاف فارنرز ايڪٽ (Foreigners Act) تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته غير قانوني پرڏيهي شهرين کي بنا قانوني ڪوائف ۽ تصديق جي رهائش فراهم ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪٻاڙ جي گودام جي مالڪ اختر دين ولد جامي دين کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن خلاف ٽيمپرري ريزيڊنٽس ايڪٽ (Temporary Residents Act)تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ترجمان ضلعي ملير پوليس موجب اعليٰ اختيارين جي حڪمن تي غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي شهرين ۽ کين پناهه فراهم ڪندڙ عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون

بقايا | 19 | روزاني عبرت

بنياد تي وٺندي آهي مخصوص پائيدار ترقياتي هدفن جي درجي بندي (2026ع لاءِ) ۾، سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي 15 ايس ڊي جي لائيف آن لينڊ واري درجي ۾ سنڌ صوبي ۾ پهرين ۽ پاڪستان ۾ 5 پوزيشن حاصل ڪئي اهڙي طرح 14 ايس ڊي جي — لائيف بلو واٽر لاءِ سنڌ مدرسه يونيورسٽي سنڌ ۾ پهرين ۽ پاڪستان ۾ 7 نمبر تي رهي 13 ايس ڊي جي — ڪلائيميٽ ايڪشن ۾ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي سنڌ ۾ 4 ۽ پاڪستان ۾ 18 نمبر تي رهي 4 ايس ڊي جي - معياري تعليم ۾ سنڌ مدرسه يونيورسٽي سنڌ ۾ 9 ۽ پاڪستان ۾ 32 نمبر تي آئي آهي ان طرح 17 ايس ڊي جي - پارٽنرشپس فار دي گولز ۾ سنڌ مدرسه يونيورسٽي سنڌ ۾ 12 ۽ پاڪستان ۾ 44 نمبر تي رهي سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ يونيورسٽي جي فيڪلٽي ۽ لاڳاپيل شعبن جي آفيسرن کي ان ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته سنڌ مدرسه يونيورسٽي پنهنجي تعليمي معيار تحقيقي اڻ ۽ پائيداري جي بنيادن کي مضبوط ڪري رهي آهي

بقايا | 20 | روزاني عبرت

فراهم ڪرڻ لاءِ مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) تي صحيحون ڪيون ويون معاهدي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب ڪراچي پوليس آفيس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ۽ PEBS اسپتال جي صدر قاضي ساجد علي جي موجودگي ۾ منعقد ٿي معاهدي تحت ڪراچي پوليس جي آفيسرن اهلڪارن رٽائرڊ ملازمن ۽ انهن جي گهرڀاتين کي PEBS اسپتال ۾ اکين دل ڊايابيٽس ڏندن وات جي ڪينسر ۽ بريسٽ ڪينسر جي سرجري سميت ٻيون طبي سهولتون مفت يا رعايتي بنيادن تي فراهم ڪيون وينديون

بقايا | 21 | روزاني عبرت

ملندي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي مقتولا جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهدين گڏ ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي منگهوپير جي علائقي پير محمد ڳوٺ ۾ توحيد مسجد لڳ فائرنگ جي دوران اعظيم ولد ايم منور شهزاد ولد نصيب شاهد ولد غلام ساقي ولد نثار ارشد ولد سرور ۽ شان ولد علي زخمي ٿي پيا آهن بن قاسم ٿاڻي جي حد گهگهر ڦاٽڪ لڳ فائرنگ ۾ ساجد الله ولد محمد شيراز زخمي ٿي پيو آهي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا | 22 | روزاني عبرت

جمعي تي اها اتفاق راءِ استنبول ۾ ساموندي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري ۽ ترڪيه جي ٽرانسپورٽ انفراسٽرڪچر واري وزير عبدالقادر اورال اوغلو وچ ۾ ملاقات ۾ ٿيو ملاقات دوران ٻنهي وزيرن پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ جاري تعاون جو جائزو ورتو ۽ ساموندي معاملن ٽرانسپورٽ انفراسٽرڪچر ۽ لاجسٽڪس جي شعبن ۾ پائيداريءَ کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي مختلف پاسن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ٻنهي اڳواڻن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ويجهي تعاون سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي ناتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو ٻنهي ملڪن ساموندي انفراسٽرڪچر جي ترقي ۽ جديد ٽرانسپورٽ نظام کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو وزيرن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته مضبوط ساموندي ۽ ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ نه صرف واپار جي تعاون ۾ مددگار ثابت ٿيندا پر علائقائي رابطن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ ڏکڻ ايشيا جي معاشي ترقيءَ جي راهه هموار ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندا. ملاقات ۾ پائيدار ترقيءَ جي موقعن ساموندي ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾ گڏيل سيڙپڪاريءَ جي امڪانن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي ڌرين ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته تعاون کي هٿي ڏيڻ سان پاڪستان ۽ ترڪيه جي پراڻي حصيداري وڌيڪ مستحڪم ٿيندي ۽ خطي ۾ اقتصادي خوشحاليءَ کي هٿي ملندي

بقايا | 23 | روزاني عبرت

وڌيڪ شهري زخمي ٿيا آهن جڏهن ته امدادي ۽ ڳولا جون ڪارروايون جاري آهن هيسٽائين 6 هزار 462 ماڻهن کي ملبي مان زنده ڪڍيو ويو آهي وقتي صدر انساني امداد ۽ امدادي ٽيمون موڪلڻ وارن ملڪن جو شڪريو ادا ڪندي عالمي برادري کان وينزويلا جي لڳاتار امداد جاري رکڻ جي اپيل ڪئي هن اهو به اعلان ڪيو ته وينزويلا عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي سهڪار سان 20 ڪروڙ ڊالرن جو نئين سر تعمير بابت فنڊ قائم ڪندو

بقايا | 24 | روزاني عبرت

شروعات ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ جنگبنديءَ لاءِ ڳالهين دوران اسرائيل ايراني عهديدارن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو جڏهن ته آمريڪا وچ اوڀر جي ٻين ملڪن ذريعي ايران کي ان خطري کان آگاهه ڪيو هو نيويارڪ ٽائمز ۽ واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ موجب آمريڪي عملدارن نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته اسرائيل ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ملڪ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جيڪو ايران جي پارليامينٽ جو اسپيڪر پڻ آهي، کي قتل ڪرڻ جو ارادو رکندا هئا.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

علي خامنه اي جي جنازي نماز ۽ تدفين جون تقريبون 9 جولاءِ تائين جاري رهنديون سندس خاندان تدفين وارين تقريبن جي منتظمين طرفان ايران ۽ عراق ۾ ڪيترن ئي تقريبن جو اعلان ڪري چڪو آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ستن ڏينهن تائين جاري رهندڙ تقريبن لاءِ سپاهه پاسداران سيڪيورٽي ادارا ۽ مختلف سرڪاري کاتا سرگرم آهن علي خامنه اي جي آخري رسمن لاءِ مختلف ملڪن جي وفدن جي اچڻ جو سلسلو جاري آهي صدر مسعود پزشڪيان پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ۽ عدليا جي سربراهه غلام حسين سميت اعليٰ اختيارين ايراني عوام کي تقريبن ۾ شرڪت جي اپيل ڪئي آهي

بقايا | 26 | روزاني عبرت

خامنه اي جي جنازي نماز ڪير پڙهائيندو شيعه مذهبي روايت، خاص ڪري مراجع تقليد جي حلقن ۾ جنازي نماز پڙهائيندڙ شخص جي چونڊ رڳو مذهبي نه پر علامتي ۽ سياسي اهميت به رکي ٿو ڪجهه مبصرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن مجتبيٰ خامنه اي ڪيترن ئي مهينن جي غير حاضري کانپوءِ عوامي منظرنامي تي آيو ۽ جنازي نماز جي امامت ڪري ٿو ته ان جون مختلف سياسي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون جڏهن ته علي خامنه اي جي وصيت جي مواد جي سرڪاري طور تي منظر عام تي نه اچڻ جي ڪري ان حوالي سان في الحال پڪ سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي

بقايا | 27 | روزاني عبرت

صوبن ۾ مذهبي ميڙاڪا، دعائون ۽ عبادتون ٿينديون ۽ تدفين جي ورسي تائين وڌيڪ تقريبون ۽ ڪانفرنسن جو به بندوبست ڪيو ويندو

بقايا | 28 | روزاني عبرت

اي جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي. ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي دعوت تي وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد ايران جي اڳوڻي رهبر اعليٰ شهيد آيت الله علي خامنه اي جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي. آيت الله علي خامنه اي 28 فيبروري تي ايران تي ٿيل حملن دوران شهيد ٿيو هو. وزيراعظم آفيس مان جاري بيان موجب، پاڪستان جي اعليٰ سطحي وفد ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سنڌ سماءَ واري وزير عطاءُ الله تارڙ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا اعليٰ حڪومتي عهديدار شامل آهن ان موقعي تي وزيراعظم اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر کي پيما پيش ڪندي چيو ته هن ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين غير معمولي بصيرت، حڪمت ۽ دور انديشي سان ايراني قوم جي رهنمائي ڪئي سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي قيادت ۾ پارلياماني وفد، پارليامينٽ جا ميمبر ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پڻ وزيراعظم سان گڏ جنازي ۾ شريڪ ٿيو جنازي نماز ۾ شرڪت کانپوءِ وزيراعظم ترڪي جي سرڪاري دوري لاءِ استنبول روانو ٿي ويو

بقايا | 29 | روزاني عبرت

ڪان پوءِ اڄ چار پنج جولاءِ تي عوامي الوداعي تقريب تهران جي وڏي مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز گرينڊ مصليٰ ۾ ٿيندي، چار جولاءِ تي مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي دروازا کوليا ويندا ۽ پنج جولاءِ تي رات اٺين وڳي بند ڪيا ويندا. مرڪزي جنازي نماز پنج جولاءِ جي صبح ادا ڪئي ويندي، خامنه اي کانسواءِ سندس نياڻي بشريٰ حسيني خامنه اي، ننهن زهرا حداد عادل (سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي جي گهر واري)، ناٺي مصباح الهدي باقري ۽ ڏوهٽي زهرا محمدي جا تابوت به سوڳوارن لاءِ رکڻ جو امڪان آهي ڇهه جولاءِ تي تهران ۾ جنازي جو جلوس ڪڍيو ويندو اهو جلوس مقامي وقت موجب صبح ڇهين وڳي شروع ٿيندو انتظاميا راڄڌاني ۾ هڪ ڪليل رستو چونڊيو آهي اختيارين موجب، جنازي نماز جي امڪاني هجوم لاءِ ڪو به هڪ روڊ ڪافي نه هوندو

بقايا | 30 | روزاني عبرت

جي سرحدي علائقي شيراني دانا سر ۾ پيش آيل بس حادثي ۾ قيمتي جانين جي زيان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جمعي ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم افسوسناڪ حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فوت ٿيندڙن جي درجن جي بلندي ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي وزيراعظم حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي

بقايا | 31 | روزاني عبرت

سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ آزاد جمون ڪشمير جي هاڻوڪي صورتحال، ڪشمير مسئلي، قومي يڪجهتي ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين اهم معاملن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي لڳاتار ڀڃڪڙين ۽ معصوم ڪشميري عوام تي جاري ڀارتي ظلمن جي شديد مذمت ڪئي وئي ملاقات ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ڪشمير مسئلي کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي اثرائتي انداز ۾ اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪشمير بابت پارلياماني ڪميٽي ۽ سنڌ حڪومت ۾ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو

بقايا | 32 | روزاني عبرت

ڳوٺ سان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث جوابدار حضور بخش ولد محبوب علي کي گرفتار ڪري ورتو آهي رينجرز موجب گرفتار جوابدار پنهنجي ساٿين سان گڏ اسٽيل ٽائون بن قاسم ٽائون شاهه لطيف ٽائون ۽ ملير جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڦر زيورن ۽ موبائل فونن جي ڦرجي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته جوابدار ۽ سندس ساٿي صبح جو روزگار تي ويندڙ ملازمن جو پيڇو ڪري کين ڦر ڪندا هئا.

بقايا | 33 | روزاني عبرت

ڪامياب ٿي ويا. چونڊيل عهديدارن ۾ چيئرمين مظفر حسين قريشي وائيس چيئرمين محمد صفدر ملاح جنرل سيڪريٽري خالد حسين ڪوهارو ۽ جوائنٽ سيڪريٽري محمد يامين ٻبر چونڊيا ويا ان موقعي تي نئين چونڊيل چيئرمين مظفر حسين قريشي خطاب ڪندي چيو ته هو سڀني ملازم ڀائرن جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهن

بقايا | 34 | روزاني عبرت

پريس ڪانفرنس دوران چيو اسٽيٽ بئنڪ مالي سال 27-2026ع جي روشنيءَ ۾ ملڪي معيشت بابت اهم اڳڪٿي ۽ مرڪزي بئنڪ جي معاشي جائزي کان تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر چيو ته ملڪ ۾ معاشي سرگرمين ۾ ترتيبوار تيزي اچي رهي آهي ۽ اقتصادي اوسر اسٽيٽ بئنڪ جي اميدن موجب رفتار وٺي رهي آهي، وڏي پيماني جي صنعتي پيداوار جي سراسري ساليانئي اوسر واري شرح 6 سيڪڙو رهي، جڏهن ته ڪجهه مهينن ۾ اها شرح 10 سيڪڙو تائين پڻ پهچي وئي صنعتي شعبي جي مضبوط ڪارڪردگي عيوض مالي سال 2027ع دوران مجموعي قومي پيداوار جي اوسر واري شرح تقريبن 4 سيڪڙو رهڻ جي اميد آهي هن چيو ته مالي سال 2026ع جا مجموعي معاشي اهڃاڻ وڏي حد تائين اسٽيٽ بئنڪ جي اميدن موجب رهيا، جيئوٽيڪ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ هاڻوڪي واڌ سبب جون 2026ع ۾ مهانگائيءَ جي ساليانئي شرح وڌي 11.1 سيڪڙو ٿي وئي جڏهن ته پوري مالي سال دوران ناڻي واڌ 7.04 سيڪڙو رهي، جيڪا اسٽيٽ بئنڪ جي وچين مدت جي هدف جي ويجهو آهي هن چيو ته پاڪستان جي ٻاهرين شعبي جي صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي جاري کاتن جو خسارو جيڪو مالي سال 2022ع ۾ 17.5 ارب آمريڪي ڊالر (جي ڊي پي جو 4.7 سيڪڙو) هو ۽ جنهن سبب آمدني واپار ۽ منافعي جي پرڏيهه منتقلي تي پابندي لاڳو ڪرڻي پئي هئي مالي سال 2023ع ۾ گهٽ ٿي 3.3 ارب ڊالر مالي سال 2024ع ۾ 2.1 ارب ڊالر جڏهن ته مالي سال 2025ع ۾ 2.1 ارب ڊالر (جي ڊي پي جو 0.5 سيڪڙو) جو سرپلس رڪارڊ ڪيو ويو هن چيو ته مالي سال 2026ع جي پهرين 11 مهينن دوران اهي جاري کاتا سرپلس ۾ رهيا ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي اميد آهي ته پوري مالي سال ۾ ان جو توازن جي ڊي پي جي ٻڙيءَ کان هڪ سيڪڙو جي وچ ۾ رهندو جيڪو مرڪزي بئنڪ جي مقرر هدف جي هيٺين حد موجب آهي گورنر ٻڌايو ته مناسبتا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ نمايان واڌ ٿي آهي ۽ مالي سال 2026ع جي پڄاڻيءَ تي اسٽيٽ بئنڪ جي مناسبتا جي ناڻي وارا ذخيرا وڌي 18.4 ارب ڊالرن تائين پهچي ويا، جڏهن ته هڪ سال اڳ هي 13 ارب ڊالر هئا.

بقايا | 35 | روزاني عبرت

پوليس جي جاچ کي اڌوري ۽ ناقص قرار ڏيندي ڪيترين ئي اهم خامين جي نشاندهي ڪئي آهي ذريعن موجب پراسيڪيوشن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي چالان ۾ جن خامين جي نشاندهي ڪئي وئي هئي، انهن جاچ رپورٽ ۾ به اهي خاميون ختم نه ڪيون ويون ان صورتحال کانپوءِ ڊي آءِ سائوٿ ڪراچي معاملي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس طلب ڪري ورتو آهي پراسيڪيوشن موجب چالان سان عدالتي ڪميشن جي رپورٽ شامل نه ڪئي وئي، جڏهن ته ان ڳالهه جي به مڪمل جاچ نه ڪئي وئي ته عمارت جا ايمرجنسي گيٽ ڇو بند هئا، رستا ڪنهن بند ڪيا ۽ هڪ دڪان جي جاءِ تي ٻه ۽ ٽي دڪان ڪيئن قائم ڪيا ويا.

بقايا | 36 | روزاني عبرت

ڪيا ويا، جن کي صوبائي، ضلعي ۽ مقامي

اڳواڻن عالم سگهڙن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن خطاب ڪيو مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جن تي "مهانگي بجلي نامنظور"، "عوام تي ظلم نامنظور"، "سستي بجلي، مڪمل بجلي"، "ناجائز بلنگ بند ڪريو"، "بجلي جا بل گهٽايو"، "عوام تي رحم ڪريو"، "بجلي ڏيو روزگار بچايو"، "ناجائز ٽيڪس ۽ اضافي چارجز ختم ڪريو"، "بلنگ ۾ شفافيت آڻيو"، "ظلم جا هي ضابطا نامنظور"، "بجلي جا اگهه گهٽايو"، "حق ڏيو حق ڏيو سستي بجلي جو حق ڏيو"، "سنڌ مان اونداهي ختم ڪريو لوڊشيڊنگ بند ڪريو"، "اسان کي بجلي گهرجي، سنڌ جي ترقي گهرجي"، "بجلي کان سواءِ نه سنڌ پڙهندي نه اڳتي وڌندي"، "لوڊشيڊنگ نامنظور" ۽ ٻيا نعرا لکيل هئا. ان موقعي تي مقررين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جي اپيل تي اڄ جمعي ڏينهن سڄي سنڌ ۾ عوام بدترين لوڊشيڊنگ خلاف روڊن تي نڪري آيو شهرين پبلڪ چوڪن

بقايا | 37 | روزاني عبرت

مقابلو ڪندي شهيد ٿيل ايڊيشنل ايس ايچ او زيت الله ۽ ايليٽ فورس جي جوان نور زيب جي جنازي نماز پوليس لائن غلنئي ۾ مڪمل سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي. مهمند پوليس جي ترجمان موجب جنازي نماز ۾ ڊي پي او مهمند رضا محمد، ڪمانڊنٽ ايم آر عاصم محمود، قومي اسيمبلي ميمبر ساجد خان ايس پي انويسٽيگيشن زاهد عالم خان ايس پي سي ٽي ڊي قاضي عصمت، اي ڊي سي افتخار احمد ۽ ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽرز لياقت علي سميت پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن جوانن ۽ شهيد ٿي ويلن جي وارثن ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا | 38 | روزاني عبرت

سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي بلوچستان جي ضلعي ژوب ۾ پيش آيل افسوسناڪ بس حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته معصوم ۽ بيگناهه ماڻهن جي جاني نقصان جي خبر انتهائي ڏکوئيندڙ آهي هن چيو ته هن المناڪ حادثي سبب متاثر خاندانن جي تڪليف ۾ هو برابر جا شريڪ آهن

بقايا | 39 | روزاني عبرت

ضلعي ۾ مسافر بس جي المناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي وڏي وزير چيو ته ژوب بس حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي کيس دلي صدمو پهتو آهي ۽ هو فوت ٿيلن جي وارثن جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومن کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سندن وارثن کي صبر جميل نصيب ڪري سيد مراد علي شاهه حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن جي جلد صحتيابي لاءِ پڻ دعا ڪئي وڏي وزير چيو ته هن ڏکئي گهڙيءَ ۾ سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جا عوام متاثر خاندانن سان گڏ بيٺل آهن هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ ملڪ کي اهڙن المناڪ حادثن کان محفوظ رکي

بقايا | 40 | روزاني عبرت

هجري، اسڪيم 33 ۾ واقع مسجد رفيق ۾ ادا ڪئي وئي عليم الدين خان ڪجهه ڏينهن اڳ سوات ۾ پيش آيل روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پيو هو ۽ ٻن ڏينهن تائين اسلام آباد جي الشفاءِ انٽرنيشنل اسپتال ۾ علاج هيٺ رهيا، جتي هو لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي گهرواري ۽ ٻه ٻار اڃا تائين اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن

بقايا | 41 | روزاني عبرت

رجب علي جي هيڊ ڪانسٽيبل ديوان راجب ۽ ٻين اهلڪارن تي ٻڌل ٽيم ڪارروائي ڪري مک جوابدارن ڳوٺ ملهو ڀيل واسي پرديپ ولد لڇمڻ ڀيل ۽ اسلام ڪوٽ واسي سريش ولد نرسنگهه ڀيل کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن جي نشاندهي تي پوليس جهڳي جي رهواسي ڪيلاش ريباري کي به گرفتار ڪري ورتو

بقايا | 42 | روزاني عبرت

آهي ۽ فائرنگ ڪندڙ جوابدار کي پوليس حراست وٺي ڇڏيو آهي ٻئي پاسي اورنگي ٽائون سيڪٽر 4 Eغوثيا مسجد جي ويجهو گهر ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 40 سالن جو شمشاد خان ولد ممتاز خان فوت ٿي ويو آهي.

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
(ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري) ڊسٽرڪٽ سڄاول

نمبر: ڊي اي او/سڄاول/اي ايس اينڊ ايڇ ايس/اسٽيبلشمينٽ/(1945)/2026 — سڄاول، تاريخ: 29/06/2026

آساميون خالي آهن

ڊسٽرڪٽ سڄاول جي ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري آفيس
ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ بي پي ايس-01 کان 04 جي عهدن تي ڀرتي / مقرري

ڊسٽرڪٽ سڄاول جي ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري آفيس / ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ بي پي ايس_01 کان بي پي ايس_04 جي عهدن تي شروعاتي ڀرتي / مقرري لاءِ ضلعو سڄاول جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوارن کان درخواستون گهربيون وڃن ٿيون. جيڪي هيٺين ريت آهن:_

سيريل نمبر	عهدو	بي پي ايس	عهدن جو تعداد	عمر جي حد	ڊوميسائل	قابليت / تجربو
01	نائب قاصد / چوڪيدار	بي پي ايس_01	57	28_18	سڄاول	ترجيحي طور مڊل پاس
02	بورچي (ڪُڪ)	بي پي ايس 02	1			ترجيحي طور مڊل پاس

شرط ۽ ضابطا / عام هدايتون:

1. درخواست هيٺ ڏنل فارميٽ مطابق هجڻ گهرجي، جنهن سان گڏ ٻه پاسپورٽ سائيز تصويرون، تعليمي سرٽيفڪيٽن جون تصديق ٿيل ڪاپيون، ڊوميسائل، پي آر سي (PRC)، سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) ۽ ٻيا گهربل دستاويز هجڻ لازمي آهن.
2. سموريون درخواستون اشتهار جي ڇپجڻ جي 15 ڏينهن اندر هن آفيس تائين پهچڻ گهرجن.
3. اڌورين يا دير سان ملندڙ درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو.
4. جيڪي اميدوار اڳ ئي ملازمت ۾ آهن، اهي پنهنجي کاتي (پراپر چينل) معرفت درخواست ڏين.
5. عورتن، اقليتن ۽ معذورن جو ڪوٽا سرڪاري پاليسيءَ موجب برقرار رکيو ويندو.
6. نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)5-64/2011(Part-II) ڪراچي، تاريخ 06 مارچ 2025 جي تحت موجوده سرڪاري پاليسي / رولز موجب وڌ ۾ وڌ عمر جي حد ۾ (05) سالن جي عام ڇوٽ هوندي.
7. هي جڳهون مڪمل طور تي عارضي بنيادن تي آهن ۽ سنڌ سروسز (اپوائنٽمينٽ، پروموشن ۽ ٽرانسفر) رولز 1973 تحت آزمائشي عرصو (پروبيشن پيڊ) پورو ٿيڻ بعد مستقل ڪيون وينديون.
8. صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي ٽيسٽ / انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
9. ٽيسٽ / انٽرويو ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي قابلِ قبول نه هوندو.
10. مجاز اٿارٽي بغير ڪو سبب ٻڌائڻ جي عهدن کي وڌائڻ، گهٽائڻ يا منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
11. ڀرتيون مڪمل طور تي ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي ڪيون وينديون.

APPLICATION FORM	Please paste two recent passport size photo.
Name of Post	
Name of Applicant	
Father's Name	
CNIC No.	
Date of Birth	
Qualification	
Experience	
District of Domicile	
Postal Address	
Cell No.	

(شفيق محمد ٻارڻ)
ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري
ڊسٽرڪٽ سڄاول

INF/KRY/2756/2026

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

NATIONAL SKILLS UNIVERSITY ISLAMABAD
PUBLIC SECTOR UNIVERSITY
unesco UNEVOC

ADMISSIONS OPEN FALL 2026

Apply online at https://nsu.edu.pk/admissions

SCAN TO APPLY

DEGREE PROGRAMS (4 Years)

Department of Electrical Engineering Technology
- Bachelor of Engineering Technology (Computer)
- Bachelor of Engineering Technology (Electrical)
- Bachelor of Engineering Technology (Robotics & AI)

Department of Computing & Emerging Technologies
- Bachelor of Science In Computer Science Specializations in: • Data Science, • Artificial Intelligence, • Software Engineering
- Bachelor of Engineering Technology (Cybersecurity)
- Bachelor of Engineering Technology (Artificial Intelligence)
- B.Sc. Information Engineering Technology

Department of Management Sciences
- Bachelor of Science in Business Analytics
- Bachelor of Science in Financial Technology & E-commerce
- Bachelor of Science in Hospitality & Tourism Management
- Bachelor of Business Administration (BBA)

Department of General Studies
- BS Computational Mathematics and Artificial Intelligence
- BS Mathematics

Department of Health Sciences Technology
- BS Medical Laboratory Technology
- BS Biotechnology

Department of Mechanical Engineering Technology
- Bachelor of Engineering Technology (Mechanical) (Year-Long Industrial Training For Selected Students in China)

Department of Civil Engineering Technology
- Bachelor of Engineering Technology (Civil)

SALIENT FEATURES
- Financial assistance for deserving students
- Scholarships for top position holders
- PM Laptop Scheme Eligibility
- State-of-the-Art Computer Labs
- Qualified & Experienced Faculty
- Wi-Fi Available throughout Campus
- Strong Industry Linkages & Partnerships
- Mosque, Sports Grounds on Campus
- 24/7 Campus Security & CCTV Surveillance
- Green & Environmentally Friendly Campus
- Hostel Facility for Male and Female Students
- Located Within Walking Distance of Metro Station

ALL DEGREE PROGRAMS ARE APPROVED BY THEIR RESPECTIVE REGULATORY BODIES

UNIVERSITY HIGHLIGHTS
- UNESCO-UNEVOC recognized university
- Top Skills University in Pakistan
- Specialized Skill-Based education
- Affordable Fee Structure
- UI GreenMetric World University Rankings

NCEAC

ELIGIBILITY CRITERIA

Programs	Eligibility Criteria	Required Marks
Technology Programs, Computing and Emerging Technologies Programs	Intermediate (Pre-Engineering/Pre-Medical, ICS) or DAE in any engineering technology discipline	50%
BS MLT& Biotechnology	Intermediate (Pre-Medical / Medical Laboratory Technology)	50%
Management Sciences & General Studies Programs	Higher Secondary School Certificate or equivalent	50%

• I.Com / F.A. pass candidates are eligible for admission in BSCS program
• F.Sc. / Pre-Medical are also eligible for engineering technology program

PID(I)87/26

URAAN PAKISTAN

For More Information Contact Us: 051-9250908

1st Admission Test : Sunday July 12th, 2026

Faiz Ahmed Faiz Road , H 8/1, Islamabad — Website: https://nsu.edu.pk — admissions@nsu.edu.pk

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بلوچستان ۾ ڪي پي ڪي سرحد تي جيءَ جھوريندڙ حادثو! صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر: ترقيءَ جو راز عهدن بدران پنهنجي ڪم تي فخر ۾ آهي! صفحو 4

ايران لاءِ آبنائي هرمز ايترو اهم ڇو آهي؟ ڊاڪٽر رشيد احمد صفحو 4

مختيار انڙ: اڄوڪو ڏينهن — 04 جولاءِ صفحو 4

ايل ايڇ ڊبليو پروگرام پي پي ايڇ آئي توڙي خانگي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوين عورت ملازمن سخت گرمي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ٻين ملازمن سوڌو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي PPHI يا ڪنهن به اين جي او يا خانگي اداري حوالي ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: حليم لغاري

24 هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز سراپا احتجاج آهن، جيڪڏهن جائز مطالبا فوري طور تي تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌايو ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي سڏ تي سنڌ حڪومت پاران ايل ايڇ ڊبليو پروگرام پي پي ايڇ آئي توڙي خانگي جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف ڪالهه سوين عورت ملازمن سخت گرمي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز اينڊ ايمپلائيز يونين (رجسٽرڊ) جي مرڪزي صدر حليم ذوالقرنين لغاري، رابعه ڊوگر، خالده جمالي، زرينا صديقي، عائشه خان حاڪم زادي ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سپروائيزرز ڊرائيورن ۽ ٻين ملازمن سوڌو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي خطاب ڪندي حليم ذوالقرنين لغاري چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي PPHI يا ڪنهن به اين جي او يا خانگي اداري حوالي ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ جون 24 هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز سراپا احتجاج آهن جيڪڏهن سندن جائز مطالبا فوري طور تي تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌايو ويندو ۽ بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو هنن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز گذريل 30 سالن کان عوام جي خدمت ڪري رهيون آهن جڏهن ته 14 سالن جي ڊگهي جدوجهد، لاٺي چارج، گرفتارين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس برداشت ڪرڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت ملازم مستقل ته ٿيا، پر اڄا تائين کين سروس اسٽرڪچر، پروموشن ۽ ٻين جائز سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پروگرام جا اعليٰ آفيسر 17هين گريڊ مان ترقي ڪري 19هين گريڊ تائين پهچي ويا آهن جڏهن ته ليڊي هيلٿ ورڪرز ليڊي هيلٿ سپروائيزرز (LHS)، ڊرائيورز ۽ اڪائونٽ سپروائيزرز اڄا تائين چوٿين، پنجين ۽ ستين گريڊ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن هن الزام هنيو ته ڪجهه آفيسرن پاران تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ مبينا طور پاڪٽ يونينون ٺاهي پيون وڃن پر ملازم اهڙين سازشن کي ناڪام بڻائيندا احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته اڪائونٽ سپروائيزرز ڊرائيورن ۽ ليڊي هيلٿ سپروائيزرز جون پوسٽون ختم يا ايڊجسٽ نه ڪيون وڃن ملازمن جا اسڪيل فوري طور تي ريوائز ڪري سروس اسٽرڪچر ۽ سموريون جائز مراعتون ڏنيون وڃن پيٽرول جي مد ۾ ڪيل 80 سيڪڙو بجيٽ ڪٽوتي ختم ڪري بجيٽ بحال ڪئي وڃي، ليڊي هيلٿ سپروائيزرز جي گاڏين جي مرمت لاءِ فنڊ جاري ڪري پراڻين گاڏين جي جاءِ تي نيون گاڏيون فراهم ڪيون وڃن خالي پيل اسامين تي اين ٽي ايس يا آءِ بي اي سکر ذريعي شفاف ڀرتيون ڪيون وڃن ڊيوٽي دوران فوت ٿيل ملازمن جي وارثن کي فوتي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون وڃن ۽ رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۽ ٻين رهيل معاملن کي ترت حل ڪيو وڃي آخر ۾ يونين اڳواڻن بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري ۽ بختاور ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته هو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شروع ڪيل ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کڻن ٻي صورت ۾ احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

سٽي پريس ڪلب مٽياري جي نئين عمارت جي افتتاحي تقريب

ٽائون چيئرمين سيد حسن مرتضيٰ جاموٽ ربن ڪٽي افتتاح ڪيو

ماجد علي ميمڻ چيئرمين کي سنڌ جو ثقافتي بوسڪي جو پٽڪو اوڍايو

... ميمڻ، چيئرمين پروفيسر شوڪت ميمڻ، پريس ڪلب جي صدر اويس گل ميمڻ، جنرل سيڪريٽري ضمير خاصخيلي ٽائون ڪميٽي مٽياري جي وائيس چيئرمين حاجي پرويز ميمڻ، پاران ڪيو ويو جنهن ۾ مٽياري جي سياسي سماجي اڳواڻ حاجي الطاف خاصخيلي، ، سينيئر صحافي جي ايم بابو خاصخيلي، ڪامران ميمڻ، طارق ميمڻ عزيز ميمڻ وقار منگواڻي ڪائونسلر آصف ميمڻ، رضا ميمڻ کان سواءِ پريس ... سدائين مٽياري شهر ۽ هتي جي عوام لاءِ آواز بلند ڪيو آهي سالن کان ڪنهن بند پيل پريس ڪلب جي بحالي يقينن صحافين جي وڏي ڪاميابي آهي اسان سڀ هميشه پريس ڪلب سان گڏ هونداسين ان موقعي تي سٽي پريس ڪلب پاران 13 آگسٽ جي شام 14 آگسٽ جي رات جشن آزادي جو ڀرپور پروگرام ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪري ڇڏيو

مٽياري: ٽائون چيئرمين سيد حسن مرتضيٰ جاموٽ ربن ڪٽي افتتاح ڪيو

باڊهه ريلوي اسٽيشن ۾ پوڙهيت خاندان خيمي اندر زندگي گذارڻ تي مجبور

سيد سڄل شاهه جي گهرواري سيد زادي حضوران خاتون مالي تنگدستي سبب پريشان

پوڙهيت جو هڪ پٽ سيد زاهد شاهه ڪراچي ۾ پسند جي شادي ڪري الڳ ٿي ويو

اسان کي هڪ گهر تعمير ڪرائي ڏنو وڃي ۽ مالي سهائتا ڪئي وڃي: حضوران خاتون

باڊهه: ريلوي اسٽيشن ۾ پوڙهيت خاندان خيمي اندر زندگي گذارڻ تي مجبور

... اندر زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي وئي آ ان سلسلي ۾ هن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ڪيس ٻن پٽن جو اولاد هو جن مان هڪ پٽ سيد زاهد شاهه ڪراچي ۾ پسند جي شادي ڪري الڳ ٿي ويو جڏهن ته ٻيو پٽ سيد حبدار علي شاهه حيدرآباد ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ سخت زخمي ٿيو جنهن جو حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسپتالن ۾ ڊگهي عرصي تائين علاج ڪرايو ويو هن چيو ته علاج دوران حيدرآباد وارو گهر وڪرو ڪرڻ سميت سڄي ... سنڌس مڙس پڻ بيمار آهي جنهن جو غربت سبب علاج نه ٿو ٿي سگهي سيده چيو ته ڪڏهن پاڙيسري ماني ڏين ٿا ته گذر ٿي وڃي ٿو ٻي صورت ۾ فاقه ڪشي ۾ وقت گذري پيو هن حڪومت توڙي انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ اڳواڻن سميت وس وارن کان گهر ڪئي ته کين هڪ گهر تعمير ڪرائي ڏنو وڃي ۽ مالي سهائتا ڪئي وڃي

ڏگهڙي ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ جماعت اسلامي پاران احتجاجي مظاهرا

بجلي بلن ۾ فڪس چارجز، مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف مظاهرا ڪيا ويا

بيروزگاري ۽ نون ٽيڪسن جا بار وڌندڙ معاشي بدحالي کي وڌائي رهيا آهن: ڪاشف شيخ

ڏگهڙي: بجلي بلن ۾ فڪس چارجز،مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف مظاهرا ڪيا ويا

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ جماعت اسلامي جي سڏ تي بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز جي نالي تي لاڳو ڪيل اضافي ٽيڪس، مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. مظاهرا جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جي اپيل تي سنڌ جي ٻين شهرن وانگر ڏگهڙي جي مختلف مسجدن ٻاهران منعقد ڪيا ويا احتجاجي مظاهرن کي خطاب ڪندي امير جماعت اسلامي ڏگهڙي احمد شڪيل جماعت اسلامي ضلعي پبلڪ ايڊ ڪميٽي جي صدر محمد ياسين گجر ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته موجوده حڪمران عوام تي مهانگائي، بيروزگاري ۽ نون ٽيڪسن جا بار وجهي معاشي بدحالي کي وڌائي رهيا آهن هنن چيو ته بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز جي نالي تي هڪ هزار رپيا اضافي وصول ڪرڻ عوام سان سراسر ناانصافي آهي جنهن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي مقررن وڌيڪ چيو ته پيٽروليم ليوي جي نالي تي پڻ عوام کان اضافي رقم ورتي پئي وڃي جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي باوجود ملڪ اندر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ مناسب گهٽتائي نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته سنڌ، خاص طور سنڌ جا شهري ۽ ٻهراڙي وارا علائقا مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاجي مظاهرن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن، ذميوارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين مهانگائي، بيروزگاري ۽ ناجائز ٽيڪسن خلاف سخت نعريبازي ڪئي جڏهن ته سندن هٿن ۾ بجلي، گيس، پيٽرول، اٽو ۽ ٻين ضروري شين جي اگهن ۾ گهٽتائي جا مطالبا لکيل بينر، پينا فليڪس ۽ پلي ڪارڊ موجود هئا. مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز سميت سمورا غير ضروري ٽيڪس فوري طور ختم ڪري عوام کي مهانگائي مان رليف فراهم ڪيو وڃي

ضمير سهتي ڏي هڪ لک 58 هزار رپيا پگهار ۽ سولر پليٽن جا رهندڙ آهن: احسان علي

ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو

فوجي ضمير سهتي کي گرفتار ڪري ڪيس کان پيسا وٺرائي ڏيارايا وڃن

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) ڳوٺ موٿيارجا سهتا يوسي رسول آباد رهواسي احسان علي سهتو پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ دانهيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ويهه ڏينهن اڳ مان هتي ئي فوجي ضمير سهتي خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي هئي جنهن ۾ ٻڌايو هو ته منهنجا ضمير سهتي ڏي هڪ لک 58 هزار رپيا پگهار ۽ سولر پليٽن جا رهندڙ آهن پيسا ڇهن مهينن کان وٺي نٿو ڏئي اهڙي پريس ڪانفرنس کان پوءِ ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون به ڏئي ٿو چوي ٿو ميڊيا موٽڪي چا ڪندي ، پيسن تان هٿ کڻي وڃ نه ته پوءِ توکي پيسا ڪير ڏيندس رسول آباد ۽ هنگورجا جي پوليس منهنجي ڪيس ۾ بيل آهي جنهن وقت به پوليس کي حڪم ڪندس انهي مهل توکي کنهي ڪٿي گم ڪري ڇڏيندس، هن وڌيڪ چيو ته ضمير جي پيءُ منهنجي گهر واري آهي هاڻي چوي ٿو ته جيڪو پيءُ کي مان ڏاجو ڏنو هو اهو ڏاجو ڪيائي پنهنجا پيسا ڪڻ. هن چيو ته ضمير سهتو وڏو ظالم ۽ ڏاڍو مڙس آهي ڪنهن به ڳوٺ واري جي ڳالهه نٿو مڃي موت کي هن مان خطرو آهي مان ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب ۽ ٻين وس وارن کي ٻانهون ٻڌي اپيل ڪيان ٿو ته فوجي ضمير سهتي کي گرفتار ڪري ڪيس کان پيسا وٺرائي ڏيارايا وڃن

ڪوٽڙي: ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو

دڙو پرسان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان بازياب نه ٿي سگهيو وارثن پاران پوليس جاچ تي بي اعتمادي ظاهر

باثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پُشت پناهي جو الزام

اغوا ڪندڙن کي دڙو شهر جي باثر سياسي شخصيتن جي سرپرستي حاصل آهي، کين فرار ڪرايو آهي، معاملي جي جاچ ڪرائي کين به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي: عبدالغفور گگو

جوابدارن ثناءُ الله گگو نور احمد گگو ۽ اسد الله گگو کي سرپرستي حاصل آهي، پوليس سياسي دٻاءُ هيٺ ڪري نوجوان کي بازياب ڪرائڻ لاءِ سنجيده نه آهي

(ن ع) دڙو شهر پرسان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان عبدالاڙان گگو بازياب نه ٿي سگهيو وارثن پاران پوليس جاچ تي بي اعتمادي ظاهر باثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پشت پناهي جو الزام سجاول ضلعي جي دڙو شهر پرسان ڳوٺ مولوي احمد گگو جي رهواسي 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل 16 ورهين جي نوجوان عبدالعزان گگو جي والد عبدالغفور گگو ۽ نوجوان جي مامن سڪندر گگو ۽ علي اڪبر گگو نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن کي دڙو شهر جي باثر سياسي شخصيتن جي سرپرستي حاصل آهي جن کين فرار ڪرايو آهي معاملي جي جاچ ڪرائي کين به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي مبينا طور 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان عبدالعزان گگو جي وارثن دڙو شهر جي باثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي الزام هڻندي چيو آهي ته سندن نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن ثناءُ الله گگو نور احمد گگو ۽ اسد الله گگو کي سندس سرپرستي حاصل آهي

ٺٽو: پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پشت پناهي جو الزام

دادو شهر ۾ سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ

سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ، ذوالفقار آباد، سنڌو درياهه تي ڊاڪا، 28هين ترميم، ڪرپشن، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش، اجالا پروين ۽ پريا ڪماري جي اغوا ڪارڪاري خلاف نعريبازي

پيادل مارچ شهر جو گشت ڪري پريس ڪلب دادو پهتو. پيادل مارچ ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ارسا پاڻي چوري ۾ سهولتڪار آهي، هڪ طرف سنڌ ۾ سخت پاڻي جي کوٽ آهي، ٻئي طرف پنجاب سڄو سال چشمه ۽ تونسا ڪئنال هلائي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي

دادو(ن ع) سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ ، ذوالفقار آباد ، سنڌو درياهه تي ڌاڙي ، 28هين ترميم ، ڪرپشن ، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ، اجالا پروين ۽ پريا ڪماري جي اغوا ڪاروڪاري سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي "متحد ۽ مضبوط سنڌ " جي عنوان سان 24 ڏينهن دادو شهر ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ ڪيو ويو. پيادل مارچ شهر جو گشت ڪري پريس ڪلب دادو پهتو. پيادل مارچ ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، دادو شهر جي مک ڪچهري روڊ تي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي صدر زينت سمون ، امير زادي برهماڻي ، عذره رند ، ڪشف سولنگي ، خيرالنساء سومرو ، قومي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر سومر چانڊيو ، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊوڪيٽ منور جتوئي ، اصغر رند ، منور ملاح ، تجويز چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي عورتن ، اقليتن ۽ ٻارن لاءِ قتل گاهه بڻايو ويو آهي ، سنڌ جي گهرو وزير جو پاڻي جي موٽر چوري ٿئي ٿي ته سڄي سنڌ حڪومت ننڊ حرام ڪري پوليس موٽر هٿ ڪري وٺي ٿي ، پر ميهڙ مان معصوم اجالا پروين سولنگي اغوا آهي ۽ پنجن سالن کان اغوا ڪيل پريا ڪماري کي بازياب نه ٿو ڪرايو وڃي . سنڌ جا ضلعا وڏيرن ، سردارن ۽ وڏيرن کي جاگيرون ڏاهي ڏنا ويا آهن . ڪرپشن ، لاقانونيت جو راڄ آهي ظلم خلاف "متحد ۽ مضبوط سنڌ " جي عنوان سان جدوجهد ڪري سڄي سنڌ کي گڏ ڪري رهيا آهيون ، ارسا پاڻي چوري ۾ سهولتڪار آهي . هڪ طرف سنڌ ۾ سخت پاڻي جي کوٽ آهي ، ٻئي طرف پنجاب سڄو سال چشمه ۽ تونسا ڪئنال هلائي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي . انڊس رور سسٽم ۾ ضرورت جيترو پاڻي ناهي ، ان باوجود سنڌ دشمن ڪئنال ۽ ڊيم ٺاهڻ جون سازشون جاري آهن ، 28هين آئيني ترميم ۾ سنڌ خلاف وحدت جي سازش ڪئي وئي ته لکين پاڻرن سان گڏ سنڌياڻي تحريڪ جون پيئرون به رستن تي اچي ويندون ۽ اسان حڪومت کي هلڻ نه ڏينداسين . ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان منصوبا سنڌ کي بنجر بڻائڻ جا منصوبا آهن اسين وسيلن ۽ زمينن تي قبضا ٿيڻ نه ڏينداسين . ذوالفقار آباد نئون اسرائيل ٺاهڻ جو منصوبو آهي ، سنڌ جي عورتن تي ڪاروڪاري جا ڪوڙا الزام هڻي بيگناهه نياڻين قتل ڪيون وڃن ٿيون . زبردستي اغوا ڪري نياڻين جون شاديون ڪرايون وڃن ٿيون . سنڌ ۾ 7 هزار کان وڌيڪ اسڪول ۽ ڪاليج بند پيا آهن . سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم جا معياري انتظام نه آهن ، جاهليت ۽ جاگيرداري جي ڪري انساني حقن جي ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن ، هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ميرٽ کي قتل ڪيو ويو آهي . پبلڪ سروس ڪميشن نوڪريون وڪرو ڪرڻ جي منڊي آهي . وسيلن ، پاڻي ، درياءَ سنڌ جي وحدت تي حملو ڪرڻ لاءِ حڪمرانن منصوبابندي تحت سنڌي ماڻهن کي ذاتين ۽ برادرين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي . لطيف جي رواداري سنڌ ۾ انتها پسندي جي باهه ٻاري پئي وڃي ته جيئن سنڌ جا ماڻهو هڪٻئي جا دشمن بڻجي وڃن . سنڌ جي وسيلن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ سڀني کي متحد ۽ مضبوط ٿيڻ جي ضرورت آهي ، جنهن وقت تائين سنڌياڻي تحريڪ ميدان عمل ۾ آهي ان وقت تائين سنڌ خلاف ڪنهن به منصوبي کي قبول ٿيڻ نه ڏينداسين

شادي لارج ۽ ڪوسڪي صحت مرڪزن ۾ دوائن، اوزارن، ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف جي کوٽ خلاف جدوجهد جو اعلان

نوجوان اتحاد طرفان ڳوٺ حاجي يوسف پوٽ ۾ ڪوسڪي جي بنيادي صحت مرڪز جي بحالي لاءِ اهم گڏجاڻي ٿي گذري

ڊاڪٽرن ميڊيڪل عملي ۽ دوائن جي کوٽ سبب هزارين ماڻهو صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم آهن جاني نقصان ٿي چڪا آهن: اڳواڻ

اسپتال جي بحالي لاءِ مرحليوار عملي جدوجهد شروع ڪئي ويندي پهرين مرحلي ۾ ڊي ايڇ او بدين سان ملاقات ڪري لکت ۾ مطالبو پيش ڪيو ويندو

شادي لارج (رپورٽ: غلام رسول بروهي) شادي لارج ڪوسڪي سميت ٻن تعلقن جي عوامي ڳوٺاڻي صحت مرڪز ڪوسڪي ۾ دوائن طبي چڪاس وارن اوزارن ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين ميڊيڪل اسٽاف پيئڻ جو صاف پاڻي صفائي سٿرائي جي اڻ هوند خلاف ڪوسڪي اسپتال جي بحالي لاءِ نوجوان اتحاد پاران عملي جدوجهد جو اعلان. نوجوان اتحاد طرفان ڳوٺ حاجي يوسف پوٽ ۾ ڪوسڪي جي بنيادي صحت مرڪز جي بحالي لاءِ اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ نوجوان اتحاد جي صدر ارشاد علي بلوچ جمعيت علماءِ اسلام يونٽ شادي لارج جي امير مولانا اعجاز احمد لغاري بدين ضلعي جو ڪوآرڊينيٽر ۽ سماجي اڳواڻ محمد ادريس لنڊ شڪيل احمد پوٽ محمد جمن پوٽ علي نواز پوٽ ناٿو خان پوٽ ۽ ٻين علائقي واسين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ ان ڳالهه تي سخت افسوس ڪيو ويو ته ٿر جي ويجهڙائي واري علائقي سميت بدين سي ڪوسڪي ڊگهي عرصي کان غيرفعال بڻيل آهي ڊاڪٽرن ميڊيڪل عملي ۽ دوائن جي کوٽ سبب هزارين ماڻهو صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم آهن حادثن جو مرڪز بڻيل ٽرڪول هاءِ وي تي روڊ ايڪسيڊنٽ ۽ ايمرجنسي حالتن ۾ وقت سر فرسٽ ايڊ نه ملڻ ڪري ڪيترائي قيمتي جاني نقصان ٿي چڪا آهن انهن موتمار حادثن ۾ ڪيترائي ماڻهو مستقل معذوري جو شڪار بڻيا آهن اڳواڻن چيو ته ڪوسڪي اسپتال جي بحالي ڪنهن فرد يا گروهه جو نه پر سڄي علائقي جي عوام جي زندگين ۽ مستقبل جو مسئلو آهي گڏجاڻي ۾ متفق طور فيصلو ڪيو ويو ته آر ايڇ سي ڪوسڪي اسپتال جي بحالي لاءِ مرحليوار عملي جدوجهد شروع ڪئي ويندي پهرين مرحلي ۾ ڊي ايڇ او بدين سان ملاقات ڪري لکت ۾ مطالبو پيش ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ضرورت پوڻ تي جدوجهد جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو اسين علائقي جي سڀني سياسي سماجي مذهبي تنظيمن وڪيلن صحافين نوجوانن واپارين استادن شاگردن ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي گذارش ٿا ڪريون ته پنهنجي بنيادي سهولتن لاءِ هو نوجوان اتحاد سان گڏجي اسپتال جي بحالي واري تحريڪ ۾ ڀرپور ساٿ ڏين ڇاڪاڻ ته صحت هر انسان جو بنيادي حق آهي ۽ ان حق تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي

ڏوڪري روينيو ڪاتي ۾ مختيارڪار جي ڪرسي هڪ مهيني کان خالي پيل

روينيو ڪاتي جو نظام مفلوج بڻيل، انتظامي نظام سخت متاثر ٿي ويو

وراثتي داخلائن، سرٽيفڪيٽن، روينيو رڪارڊ ۽ ٻين معاملن جا ڪم رڪجي ويا

ڪاتيدار ۽ عام شهري آفيسن جا چڪر ڪاٽي مايوس واپس وڃڻ تي مجبور

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري روينيو ڪاتي ۾ مختيارڪار جي ڪرسي هڪ مهيني کان خالي پيل آهي، ان حوالي سان روينيو ڪاتي جو نظام مفلوج بڻيل آهي جڏهن ته ڪاتيدار پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. جڏهن ته روينيو ڪاتي جو انتظامي نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي ان سلسلي ۾ لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ مختيارڪار عبدالباسط موريو جي بدلي ٿيڻ کان پوءِ اڄا تائين نئون مختيارڪار مقرر نه ڪيو ويو آهي جنهن سبب مختيارڪار جي ڪرسي خالي پيل آهي ۽ روينيو ڪاتي جا اهم سرڪاري ڪم ليپ بڻيل آهن مختيارڪار جي غير موجودگي سبب وراثتي داخلائن سرٽيفڪيٽن روينيو رڪارڊ ۽ ٻين قانوني معاملن سان لاڳاپيل ڪم رڪجي ويا آهن جڏهن ته روزانو وڏي انگ ۾ ايندڙ ڪاتيدار ۽ عام شهري آفيسن جا چڪر ڪاٽي مايوس واپس وڃڻ تي مجبور آهن. هنن جي ڪاتيدارن سنڌ حڪومت، روينيو ڪاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏوڪري تعلقي جي روينيو آفيس ۾ مختيارڪار مقرر ڪيو وڃي

باڊهه ۾ امر ابڙو جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

امر نه رڳو هڪ برجستو شاعر هو پر هڪ مثالي استاد ۽ سماج سڌارڪ پڻ هو: زاهد منگي

غريب شاگردن جي مفت ڪتاب ڏيڻ سان گڏ مستقبل سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر استاد ۽ سامس شاخ باڊهه جي اڳوڻي سيڪريٽري امر ابڙو جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. ڪهاڻيڪار زاهد منگي جي صدارت ۾ منعقد گڏجاڻي ۾ سامس سيڪريٽري ... مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي زاهد منگي چيو ته امر ابڙو نه رڳو هڪ برجستو شاعر هو پر هڪ مثالي استاد ۽ سماج سڌارڪ پڻ هو هن ويهن سالن تائين باڊهه شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ تدريس جا فرض نڀايا ۽ ڪيترن ئي غريب شاگردن جي مفت ڪتاب ڏيڻ سان گڏ تعليم ذريعي مستقبل سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جو هن ڪڏهن به ڏيکاءُ نه ڪيو هن چيو ته اڄ امر ابڙو جا ڪيترائي شاگرد مختلف ادارن ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ڪيترائي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سندس شاعري فن ۽ فڪر جو حسين امتزاج آهي جنهن ۾ سچ سونهن ۽ انسان دوستيءَ جا رنگ نمايان آهن استاد فراز ڏهر چيو ته امر ابڙو هڪ فرض شناس استاد هئڻ ناتي کيس سنڌي، انگريزي ۽ رياضي جي مضمونن تي مڪمل عبور حاصل هو امر ابڙو جي ڀاءُ رياض حسين چيو ته امر ابڙو جيتوڻيڪ سندس وڏو ڀاءُ هو پر هن لاءِ پيءُ جي حيثيت رکندڙ هو هن هميشه پنهنجي خواهشن تي خاندان ... ڊاڪٽر واحد سولنگي چيو ته سنڌي ادبي سنگت پنهنجي روايتن موجب وڇڙيل اهلهه ادبي ۽ سماجي شخصيتن کي ياد ڪندي رهي ٿي هن چيو ته امر ابڙو اسان جو ادبي اثاثو هو جنهن شاعريءَ ۾ نواڻ ۽ جدت آڻي پنهنجي دور ۾ منفرد سڃاڻپ قائم ڪئي هن پنهنجي مختصر حياتيءَ دوران سماج ۾ شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ انتهائي متحرڪ ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. ميڙاڪي ۾ اختر علي منگي، محمد علي نوناري، طارق نظير مسن، طاهر نور هيسباڻي، بلال نور هيسباڻي، بلاول چانڊيو، وسيم جهنجيال، ذوهيب ڳوپانگ، حسنين سومرو، ذاڪر ڪولاچي، مجاهد نوناري، خالد چنجڻي، نور پتي ۽ فراز چنا سميت شاگردن ۽ ادب دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان صحافي ممتاز ملاح جي موٽرسائيڪل چوري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان سينيئر صحافي اديب شاعر ممتاز ملاح جي يونيڪ موٽرسائيڪل ڏينهن ڏٺي جو نيم جي چاڙهي تان نامعلوم چور تالو ٽوڙي چوري ڪري ويا. ان ڏس ۾ ممتاز ملاح جو چوڻ آهي ته سندس آفيس جي پرسان نم جي چاڙهي تان ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي آهي اهڙو اطلاع حد جي ٿاڻي تي پڻ ڏئي آهي ... وڃڻ تي پوليس انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي منهنجي ايس ايس پي، اي ايس پي کي گذارش آهي ته حق حلال جي ڪمائيءَ مان ورتل چوري ٿي ويل موٽرسائيڪل جلدي واپس ڪرائي وڃي

گڏيجي جي علي آباد ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد مجلس عزا

گڏيجي (ن ع) حضرت امام حسين عه ۽ ان جي جانثارن ڪربلا جي ميدان تي عظيم قرباني ڏئي هميشه لاءِ حضرت محمد مصطفيٰ صه جي دين کي هميشه جي لاءِ بچايو ڳوٺ علي آباد لعل ڏنو سهتو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد مجلس عزا کي علامه اياز قمي، علامه سيد غلام اصغر شاهه، علامه سيد محسن شاهه ، علامه صفدر علي ملاح ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪربلا ۾ حق جي فتح ٿي آهي اڄ جي دور ۾ به حق ۽ سچ ڳالهايو وڃي ته فتنا ختم ٿي ويندا ۽ حضرت امام حسين عه جي ڏسيل واٽ تي هلڻ وارا ئي مومن آهن ان موقعي تي مشهور قصيدا خوان محمد رمضان لاشاري ،نديم ڳوپانگ برادرس جن قصيدا پيش ڪيا يونين ڪائونسل سيتارجا بالا جو چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير پير مظهرالحق محب شاهه جي وصال تي تعزيت ڪئي

دادو (...) پاڪستان پيپلزپارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق نوشهرو فيروز پهچي سيد موج علي شاهه جي پاءُ سيد محب شاهه جي وصال تي سندن پوٽن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي سيد موج علي شاهه جا فرزند سيد محمد علي شاهه، سيد حسنين شاهه ۽ ڊاڪٽر صاحب پڻ موجود هئا

سيتارجا پرسان ڳوٺ حامد علي ڪٻر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

نجب الدين عرف نجو فقير حملو ڪري سخت تشدد ڪيو آهي: ارشد علي

معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيتارجا (ن ع) سيتارجا پرسان ڳوٺ حامد علي ڪٻر جي رهواسين ارشد علي ،ساگر علي ، فراز علي ،تنوير ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهيو آهي ته اسان معان بي گناهه نجب الدين عرف نجو فقير ،معشوق ، مهتاب ۽ ٻين اسان معان بلا وجهه حملو ڪري سخت تشدد ڪيو آهي اهڙي دانهن سيتارجا ٿاڻي تي پڻ ڏني ۽ اين سي داخل ڪرائي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران انهن کي باحفاظت گهر ڇڏي واپس موٽي آئي ۽ پوليس کي پئسا پڻ ڏنا آهن پر پوليس انصاف ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته اسان غريب آهيون اسان جي جان کي خطرو آهي جوابدارن خلاف علائقي جي چڱن مڙسن کي پڻ شڪايتون آهن پر هو ڪنهن به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن هنن چيو مخالف باثر هجڻ ڪري ڪنهن وٽ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيتارجا: ڳوٺ حامد علي ڪٻر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون

شراب جي وڏي کيپ پڪڙي جوابدار کي ڪار سميت گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار خلاف PEHO 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي صالح پٽ ٿاڻي پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي شراب جي وڏي کيپ جي وڪري جي ڪوشش ناڪام بڻائي هڪ جوابدار کي ڪار سميت گرفتار ڪري ورتو ترجمان سکر پوليس موجب ايس ايڇ او صالح پٽ ذوالفقار چاچڙ پنهنجي حدن اندر ڪارروائي دوران جوابدار لالو مل کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار جي ڪار جي تلاشي دوران 72 بوتلون شراب هٿ ڪيون ويون پوليس طرفان گرفتار جوابدار خلاف PEHO 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايس پي سکر پوليس پارٽي جي بهترين ڪارروائي تي شاباس جو پيغام ڏيندي سندن ڪارڪردگي کي ساراهيو

ملي شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران گيس جي دڪانن تي اوچتو ڇاپا

هڪ دڪان کي سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وصولي تي موقعي تي سيل ڪيو ويو

عوام جو معاشي استحصال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: عمير اشرف

ملي (ڊ-ر) اسسٽنٽ ڪمشنر عمير اشرف جي سربراهي ۾ ملي شهر جي گيس جي مختلف دڪانن تي اوچتو ڇاپا هنيا ويا. چيڪنگ دوران سرڪاري ريٽ جي ڀڃڪڙي تي سخت ڪارروائي ڪئي وئي. پراڻي ناڪي تي گيس جي دڪان کي سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وصولي تي موقعي تي سيل ڪيو ويو ۽ 20 هزار روپيه ڏنڊ عائد ڪيو ويو عوام جو معاشي استحصال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو جيڪو به ڊيلر سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وٺندو ان خلاف بغير ڪنهن رعايت جي ڪارروائي ٿيندي

سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس جو اعليٰ سطحي اجلاس

شبير پلي ضلعي ٺٽي جي صحافين کي درپيش مسئلن بابت ڪيس پيش ڪيو

صحافين خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن: شبير پلي

غلام الله (ن ع) ڪراچي ۾ سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ادر ميڊيا پروفيشنلز جي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون مظهر عباس ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس (HUJ) يونٽ ٺٽي جي ضلعي صدر شبير پلي شرڪت ڪئي اجلاس دوران ضلعي صدر شبير پلي ضلعي ٺٽي جي پيشاور صحافين کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڪيس پيش ڪيو اجلاس ۾ پوليس گردي ۽ بي بنياد ڪيسن جو شڪار بڻيل صحافين پيرل پياسي عبدالله چانڊيو ۽ هادي بخش ملڪاڻي جي معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ضلعي صدر شبير پلي مطالبو ڪيو ته صحافين خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ڪين قانوني تحفظ، انصاف ۽ صحافتي فرضن جي ادائيگي لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته ضلعي ٺٽي ۾ صحافين کي درپيش مسئلن جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي ذميوار ذرين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن صحافتي برادري بنا ڪنهن خوف، دٻاءُ يا هراساني جي پنهنجا پيشاور فرض آزادي سان سرانجام ڏئي سگهي

مسوپرڳڙي پريس ڪلب تي ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب پاران پروگرام ٿي گذريو

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي پريس ڪلب تي ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب مسوپرڳڙي پاران علائقي واسين کي قانوني مدد ۽ مشوره ڏيڻ جي حوالي سان گڏيل سيڪشن پروگرام ٿي گذريو سيڪشن پروگرام ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي حيدرآباد اڳواڻ زاهد ميسو پريس ڪلب مسوپرڳڙي جو سرپرست اعليٰ غلام قادر وسير، پريس ڪلب مسوپرڳڙي جو چيئرمين محمد بخش وگهيو، پريس ڪلب مسوپرڳڙي جو صدر نور محمد ترڪ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ يونٽ مسوپرڳڙي جو جنرل سيڪريٽري عاشق ترڪ، پريس ڪلب مسوپرڳڙي جو جنرل سيڪريٽري غلام مصطفيٰ ابروهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي ڪڏيل پڌرنامي ۾ چيو ويو ته ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب مسوپرڳڙي ڳوٺن ۽ مختلف يوسيز ۾ اويئرنيس جو پروگرام شروع ڪري رهيا آهن ۽ ماڻهن جي قانوني سهائتا لاءِ فري ليگل ايڊ ڏيندا ان موقعي ليگل ايڊ سوسائٽي حيدرآباد جي ڪوآرڊينيٽر زاهد ميسو چيو ته علائقي ۾ اگر ڪنهن کي به شناختي ڪارڊ ۽ فيملي ميٽرڪ ۾ ڪالهي جي حوالي سان قانوني مدد کپي ته پريس ڪلب مسوپرڳڙي ۽ ليگل ايڊ سوسائٽي اهي سڀ مسئلا گڏجي حل ڪرائيندي

ڏگهڙي ۾ انيس ٽريڪٽر شوروم اونرز پاران شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ نياز جو اهتمام

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ انيس ٽريڪٽر شوروم اونرز پاران شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ مقامي هال ۾ دعوت نياز جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪري حضرت امام حسينؑ ۽ ٻين شهداءِ ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب ۾ علائقي جي سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن سان گڏ ڏگهڙي پريس ڪلب جي وفد پڻ شرڪت ڪئي جنهن ۾ قائم مقام صدر يونس راجپوت، سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي، جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار قائمخاني، جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف، پريس سيڪريٽري وسيم قريشي، رابطا سيڪريٽري جاويد خاصخيلي ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي انيس ٽريڪٽر شوروم جي مالڪ حاجي محمد حنيف آرائين ۽ چيئرمين يونين ڪائونسل ڪنگورو حاجي محمد فاروق آرائين دعوتِ نياز ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني مهمانن صحافين ۽ شهرين جا ٿورا مڃيندي چيو ته شهداءِ ڪربلا جون لازوال قربانيون حق، صبر، استقامت ۽ انصاف جو عظيم درس ڏين ٿيون جن تي عمل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

گڏاپ ٽائون ۾ مون سون برساتن جي اڳڪٿي بابت هنگامي اجلاس

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تيارين جو جائزو ورتو ويو

عملو موجود رهي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي جا فرض سرانجام ڏيندو: مجتبيٰ اياز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي خاص هدايتن تي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي صدارت هيٺ مون سون برساتن جي اڳڪٿي هڪ اهم هنگامي اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس دوران برساتن سبب شهرين کي ايندڙ مسئلن، برساتي پاڻي جي فوري نيڪال، نيڪال آب جي لائينن ۽ برساتي گٽرگاهن جي صفائي، ڊي واٽرنگ پمپن ۽ ٻين مشينري جي دستيابي عملي جي حاضري، هيٺاهين وارن علائقن ۾ خاص انتظامن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته نالن جي صفائي، ڪچري جي بروقت منتقلي ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ صفائي جا خاص انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته سينيٽيشن جو عملو مون سون برساتن دوران مسلسل ميدان ۾ موجود رهي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي جا فرض سرانجام ڏيندو ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد افضل لغاري اجلاس کي آگاهه ڪيو ته سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ فيلڊ عملي کي هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته جيئن برساتن دوران مليل شڪايتن جو فوري ازالو ڪري شهرين کي بروقت رليف فراهم ڪري سگهجي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر (ايڪس اين آءِ) نور علي جمالي ٻڌايو ته ڊي واٽرنگ پمپ، جنريٽر ۽ ٻيون ضروري مشينري مڪمل طور تي فعال ۽ استعمال لاءِ تيار آهي جڏهن ته ٽيڪنيڪل عملو به ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ چوويهه ڪلاڪ موجود رهندو اجلاس کي خطاب ڪندي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز سڀني لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته مون سون برساتن دوران مڪمل هاءِ الرٽ رهڻ فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي هر حال ۾ يقيني بڻائين هيٺاهين وارن علائقن تي خاص ڌيان ڏيڻ ۽ پاڻي جي نيڪال جي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي بروقت ۽ بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي پهرين ترجيح آهي، تنهنڪري سڀئي ڪاتا پاڻ ۾ بهتر رابطي مؤثر حڪمت عملي ۽ گڏيل ٽيم ورڪ سان پنهنجون ذميواريون احسن نموني نڀائين جيئن امڪاني برساتن دوران شهرين کي هر ممڪن رليف فراهم ڪري سگهجي

آر ٽي او سکر کي روينيو ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ تي شاندار ڀيٽا پيش

چيف ڪمشنر زيغم عباس جي قيادت، پيشاورانه صلاحيتن جو ثبوت آهي: خالد ڪاڪڙزئي

اها ڪاميابي نه رڳو آر ٽي او سکر پر سڄي علائقي لاءِ فخر جو باعث آهي

سکر (بيورو رپورٽ) ايف پي سي سي آءِ جي نائب صدر ۽ سنڌ ريجنل چيئرمين بلال وقار خان، سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر محمد خالد ڪاڪڙزئي سينيئر نائب صدر اميت ڪمار نائب صدر ملڪ محمد اويس رئيس ايف بي آر ڪاميٽي جي ڪنوينر انجنيئر عبدالفتاح شيخ ۽ ٻين عهديدارن ريجنل ٽيڪس آفيس سکر جي چيف ڪمشنر زيغم عباس سندن آفيسرن ۽ پوري ٽيم کي مقرر روينيو ٽارگيٽ ڪاميابي سان حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيمبر جي عهديدارن چيو ته آر ٽي او سکر پاران روينيو ٽارگيٽ جو ڪامياب حصول چيف ڪمشنر زيغم عباس جي بهترين قيادت، پيشاورانه صلاحيتن، شفاف طرز عمل ۽ پوري ٽيم جي بي انتها محنت جو واضع ثبوت آهي. هنن چيو ته اها ڪاميابي نه رڳو آر ٽي او سکر پر سڄي علائقي لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ قومي معيشت کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي، سکر چيمبر هميشه انهن ادارن ۽ آفيسرن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندو آهي جيڪي ايمانداري، شفافيت ۽ بهترين انتظامي صلاحيتن سان قومي ذميواريون نڀائين ٿا. عهديدارن وڌيڪ چيو ته آر ٽي او سکر جي اها ڪاميابي واپاري برادري ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ باهمي اعتماد ۽ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيندي، هنن اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به آر ٽي او ۽ سکر چيمبر وچ ۾ ويجهو سهڪار برقرار رهندو ته جيئن ڪاروبار دوست ماحول شفاف ٽيڪس نظام ۽ قومي معيشت جي مضبوطي لاءِ گڏيل ڪوششون وڌيڪ اثرائتيون بڻجي سگهن آخر ۾ چيمبر جي عهديدارن چيف ڪمشنر زيغم عباس ۽ پوري ٽيم کي هڪ ڀيرو ٻيهر دلي مبارڪباد پيش ڪندي سندن وڌيڪ ڪاميابين ۽ ترقي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل ڪيمپس سکر ۾ سيمسٽر سرءُ 2026ع ۾ داخلا پروگرام جاري

سکر (بيورو رپورٽ) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل ڪيمپس سکر ۾ سيمسٽر سرءُ 2026ع ۾ داخلا پروگرام پهرين جولاءِ 2026ع کان جاري آهي، جنهن لاءِ 10 آگسٽ آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب سرءُ سيمسٽر ۾ ميٽرڪ (سائنس/ جنرل/ درس نظامي/ اوپن ڪورسز) جڏهن ته ايف اي/ انٽرميڊيئيٽ (سائنس/ جنرل/ درس نظامي) آءِ ڪام شامل آهن. انهيءَ طرح ايسوسيئيٽ ڊگري ان آرٽس ۾ (بي اي جنرل) اوپن ڪورسز جڏهن ته ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامن ۾ ماس ڪميونيڪيشن اردو، پاڪستان اسٽڊيز انگلش، لائبريري اينڊ انفارميشن سائنس سوشيالوجي اڪنامڪس هسٽري، بزنس ايڊمنسٽريشن ايجوڪيشن عربي، پوليٽيڪل سائنسز ۽ ٻين پروگرامن ۾ داخلا جاري آهي. مختلف مدي وارن بي ايس بي بي اي ۽ بي ايڊ پروگرامن ۾ پڻ داخلائون شامل آهن. سرءُ سيمسٽر جي پوسٽ گريجوئيٽ پروگرامن ۾ ڪرمنالاجي، اي پي ايم، ايجوڪيشنل ليڊرشپ اينڊ مئنيجمينٽ، انٽرپرينئرشپ ان ارلي چائلڊ هوڊ ڪيئر اينڊ ايجوڪيشن تي او اي ايف ايل انٽرنيشنل فنانشل رپورٽنگ اسٽينڊرڊز جينڊر اينڊ ويمن اسٽڊيز هيومن ريسورس مئنيجمينٽ، پاپوليشن اينڊ ڊولپمينٽ ۽ سپلائي چين مئنيجمينٽ ۾ داخلائون پڻ شامل آهن. اهڙي ريت ڇهن مهينن وارن سرٽيفڪيٽ ڪورسز ۾ لائبريرين شپ، السان العربي، عربي بول چال/ ڳالهه ٻولهه الغت العربي اسپيشل ايجوڪيشن، اي ٽي ٽي سي، سرٽيفڪيٽ ان لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن آرگينڪ ڪچن گارڊننگ، پبلڪ هيلٿ اينڊ اي ڪامرس ۽ ٻين ڪورسن ۾ 10 آگسٽ 2026ع تائين داخلائون جاري آهن.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بلوچستان ۾ ڪي پي ڪي سرحد تي جيءَ جهوريندڙ حادثو! صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
ترقيءَ جو راز عهدن بدران پنهنجي ڪم تي فخر ۾ آهي! صفحو 4

ايران لاءِ آبنائي هرمز ايترو اهم ڇو آهي؟
ڊاڪٽر رشيد احمد صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 04 جولاءِ صفحو 4

ايل ايڇ ڊبليو پروگرام ۾ پي پي ايڇ آءِ تحت خانگي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوين عورت ملازمن سخت گرمي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ٻين ملازمن سوڌو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي PPHI يا ڪنهن به اين جي او يا خانگي اداري حوالي ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو،حليم لغاري

24 هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز سراپا احتجاج آهن،جيستائين جائز مطالبا فوري طور تي تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌايو ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي سڏ تي سنڌ حڪومت پاران ايل ايڇ ڊبليو پروگرام پي پي ايڇ آءِ تحت خانگي اين جي اوز حوالي ڪرڻ خلاف ڪالهه سوين عورت ملازمن سخت گرمي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون آل سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز اينڊ ايمپلائيز يونين (رجسٽرڊ) جي مرڪزي صدر حليم ذوالقرنين لغاري،رابعه ڏوگر،خالده جمالي،زرينا صديق،عائشه خان حاڪم زادي ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سپروائيزرز ڊرائيورن ۽ ٻين ملازمن سوڌو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو،ان موقعي تي خطاب ڪندي حليم ذوالقرنين لغاري چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي PPHI يا ڪنهن به اين جي او يا خانگي اداري حوالي ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ جون 24 هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز سراپا احتجاج آهن جيستائين سندن جائز مطالبا فوري طور تي تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌايو ويندو ۽ بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو هن چيو ته ليڊي هيلٿ ورڪرز گذريل 30 سالن کان عوام جي خدمت ڪري رهيون آهن جڏهن ته 14 سالن جي ڏکي جدوجهد، لاٺي چارج، گرفتارين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس برداشت ڪرڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت ملازم مستقل ته ٿيا، پر اڃا تائين ڪين سروس اسٽرڪچر پروموشن ۽ ٻين جائز سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي.هن وڌيڪ چيو ته پروگرام جا اعليٰ آفيسر 17هين گريڊ مان ترقي ڪري 19هين گريڊ تائين پهچي ويا آهن جڏهن ته ليڊي هيلٿ ورڪرز، ليڊي هيلٿ سپروائيزرز (LHS)، ڊرائيورز ۽ اڪائونٽ سپروائيزرز اڃا تائين چوٿين، پنجين ۽ ستين گريڊ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن هن الزام هنيو ته ڪجهه آفيسرن پاران تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ مبينا طور پاڪٽ يونينون ٺاهي پيون وڃن پر ملازم اهڙين سازشن کي ناڪام بڻائيندا.احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته اڪائونٽ سپروائيزرز ڊرائيورن ۽ ليڊي هيلٿ سپروائيزرز جون پوسٽون ختم يا ايڊجسٽ نه ڪيون وڃن ملازمن جا اسڪيل فوري طور تي ريوائز ڪري سروس اسٽرڪچر ۽ سمورين جائز مراعتون ڏنيون وڃن پيٽرول جي مد ۾ ڪيل 80 سيڪڙو ڪٽوتي ختم ڪري بجيٽ بحال ڪئي وڃي، ليڊي هيلٿ سپروائيزرز جي گاڏين جي مرمت لاءِ فنڊ جاري ڪري پراڻين گاڏين جي جاءِ تي نيون گاڏيون فراهم ڪيون وڃن خالي پيل اسامين تي اين ٽي ايس يا آءِ بي اي سکر ذريعي شفاف ڀرتيون ڪيون وڃن ڊيوٽي دوران فوت ٿيل ملازمن جي وارثن کي ڪوٽي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون وڃن ۽ رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۽ ٻين رهيل معاملن کي ترت حل ڪيو وڃي آخر ۾ يونين اڳواڻن بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري ۽ بختاور ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته هو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شروع ڪيل ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کڻن ٻي صورت ۾ احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

سٽي پريس ڪلب مٽياري جي نئين عمارت جي افتتاحي تقريب

ٽائون چيئرمين سيد حسن مرتضا چاموٽ رٻن ڪٽي افتتاح ڪيو

ماجد علي ميمڻ چيئرمين کي سنڌ جو ثقافتي بوسڪي جو پٽڪو اوڍايو

مٽياري(ڊ ر)سٽي پريس ڪلب مٽياري جي نئين عمارت جي افتتاحي تقريب دوران ٽائون ڪميٽي مٽياري جي چيئرمين سيد حسن مرتضا شاهه چاموٽ رٻن ڪٽي سٽي پريس مٽياري جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ سٽي پريس ڪلب مٽياري جي ، سرپرست اعليٰ ماجد علي ميمڻ ، چيئرمين پروفيسر شوڪت ميمڻ پريس ڪلب جي صدر اويس گل ميمڻ ، جنرل سيڪريٽري ضمير خاصخيلي ٽائون ڪميٽي مٽياري جي وائيس چيئرمين حاجي پرويز ميمڻ ، پاران ڪيو ويو جنهن ۾ مٽياري جي سياسي سماجي اڳواڻ حاجي الطاف خاصخيلي ، ، سينئر صحافي جي ايم بابو خاصخيلي ، ڪامران ميمڻ ، طارق ميمڻ عزيز ميمڻ وقار منگواڻي،ڪائونسلر آصف ميمڻ ، رضا ميمڻ کان سواءِ پريس ڪلب سٽ جي صحافين شرڪت ڪئي تقريب دوران ماجد علي ميمڻ چيئرمين کي سنڌ جو ثقافتي بوسڪي جو پٽڪو اوڍايو تقريب کي خطاب ڪندي معزز مهمانن جو چوڻ هو ته سٽي پريس ڪلب جي بحالي تي سڀني صحافي دوستن کي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا مٽياري جي صحافين سدائين مٽياري شهر ۽ هتي جي عوام لاءِ آواز بلند ڪيو آهي سالن کان کنڊر بڻيل پريس ڪلب جي بحالي يقينن صحافين جي وڏي ڪاميابي آهي اسان سڀ هميشه پريس ڪلب سان گڏ هونداسين ان موقعي تي سٽي پريس ڪلب پاران 13 آگسٽ جي شام 14 آگسٽ جي رات جشن آزادي جو ڀرپور پروگرام ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪري ڇڏيو

مٽياري: ٽائون چيئرمين سيد حسن مرتضا چاموٽ رٻن ڪٽي افتتاح ڪيو

باڊهه ريلوي اسٽيشن ۾ پورهيت خاندان خيمي اندر زندگي گذارڻ تي مجبور

سيد سچل شاهه جي گهرواري سيد زادي حضوران خاتون مالي تنگدستي سبب پريشان

پورهيت جو هڪ پٽ سيد زاهد شاهه ڪراچي ۾ پسند جي شادي ڪري الڳ ٿي ويو

اسان کي هڪ گهر تعمير ڪرائي ڏنو وڃي ۽ مالي سهائتا ڪئي وڃي:حضوران خاتون

باڊهه(ن ع)باڊهه ريلوي اسٽيشن جي رهواسي پورهيت سيد سچل شاهه جي گهرواري سيد زادي حضوران خاتون مالي تنگدستي سبب پنهنجي بيمار مڙس سان گڏ جهولن ۾ لڪن جي موسم ۾ هڪ خيمي اندر زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي وئي آن سلسلي ۾ هن ميڊيا آڏو ڏانهن ڏيندي چيو ته ڪيس ٻن پٽن جو اولاد هو جن مان هڪ پٽ سيد زاهد شاهه ڪراچي ۾ پسند جي شادي ڪري الڳ ٿي ويو جڏهن ته ٻيو پٽ سيد جبدار علي شاهه حيدرآباد ۾ ٽرئفڪ حادثي ۾ سخت زخمي ٿيو جنهن جو حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسپتالن ۾ ڏکيي عرصي تائين علاج ڪرايو ويو هن چيو ته علاج دوران حيدرآباد وارو گهر وڪرو ڪرڻ سميت سڄي عمر جي جمع پونجي خرچ ٿي وئي پر ان باوجود سندس پٽ جي زندگي نه بچي سگهي. هن چيو ته هاڻي سندن مٿي تي ڇت به ناهي رهي جنهن سبب هو هڪ خيمي ۾ رهڻ تي مجبور آهن جڏهن ته سندس مڙس پڻ بيمار آهي جنهن جو غربت سبب علاج نه ٿو ٿي سگهي سيده چيو ته ڪڏهن ڀاڙيسري مائي ڏين ٿا ته گذر ٿي وڃي ٿو ٻي صورت ۾ فاقه ڪشي ۾ وقت گذري پيو هن حڪومت توڙي انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ اڳواڻن سميت وس وارن کان گهر ڪئي ته کين هڪ گهر تعمير ڪرائي ڏنو وڃي ۽ مالي سهائتا ڪئي وڃي

باڊهه:ريلوي اسٽيشن ۾ پورهيت خاندان خيمي اندر زندگي گذارڻ تي مجبور

ڏگهڙي ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ جماعت اسلامي پاران احتجاجي مظاهرا

بجلي بلن ۾ فڪس چارجز،مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف مظاهرا ڪيا ويا

بيروزگاري ۽ نون ٽيڪسن جا بار وجهي معاشي بدحالي کي وڌائي رهيا آهن:ڪاشف شيخ

ڏگهڙي: بجلي بلن ۾ فڪس چارجز،مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف مظاهرا ڪيا ويا

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ جماعت اسلامي جي سڏ تي بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز جي نالي تي لاڳو ڪيل اضافي ٽيڪس مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. مظاهرا جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جي اپيل تي سنڌ جي ٻين شهرن وانگر ڏگهڙي جي مختلف مسجدن ٻاهران منعقد ڪيا ويا احتجاجي مظاهرن کي خطاب ڪندي امير جماعت اسلامي ڏگهڙي احمد شڪيل جماعت اسلامي ضلعي پبلڪ ايڊ ڪميٽي جي صدر محمد ياسين گجر ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته موجوده حڪمران عوام تي مهانگائي بيروزگاري ۽ نون ٽيڪسن جا بار وجهي معاشي بدحالي کي وڌائي رهيا آهن هنن چيو ته بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز جي نالي تي هڪ هزار رپيا اضافي وصول ڪرڻ عوام سان سراسر ناانصافي آهي جنهن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي مقررن وڌيڪ چيو ته پيٽروليم ليوي جي نالي تي پڻ عوام کان اضافي رقم ورتي پئي وڃي جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي باوجود ملڪ اندر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ مناسب گهٽتائي نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته سنڌ خاص طور سنڌ جا شهري ۽ ٻهراڙي وارا علائقا مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاجي مظاهرن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن، ذميوارن ۽ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين مهانگائي بيروزگاري ۽ ناجائز ٽيڪسن خلاف سخت نعريبازي ڪئي جڏهن ته سندن هٿن ۾ بجلي، گيس، پيٽرول آٽو ۽ ٻين ضروري شين جي اگهن ۾ گهٽتائي جا مطالبا لکيل بينر پينا فليڪس ۽ پلي ڪارڊ موجود هئا. مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بجلي جي بلن ۾ فڪس چارجز سميت سمورا غير ضروري ٽيڪس فوري طور ختم ڪري عوام کي مهانگائي مان رليف فراهم ڪيو وڃي

ضمير سهتي ڏي هڪ لک 58 هزار رپيا پگهار ۽ سولر پليٽن جا رهندڙ آهن:احسان علي

ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو

فوجي ضمير سهتي کي گرفتار ڪري ڪيس کان پيسا وٺرائي ڏيارايا وڃن

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)ڳوٺ موٺيارجا سهتا يوسي رسول آباد رهواسي احسان علي سهتو پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ڊانهيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ويهه ڏينهن اڳ مان هتي ئي فوجي ضمير سهتي خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي هئي جنهن ۾ ڄاڻايو هو ته منهنجا ضمير سهتي ڏي هڪ لک 58 هزار رپيا پگهار ۽ سولر پليٽن جا رهندڙ آهن پيسا ڇهن مهينن کان وٺي نٿو ڏئي اهڙي پريس ڪانفرنس کان پوءِ ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون به ڏئي ٿو چوي ٿو ميڊيا موکي ڇا ڪندي ، پيسن تان هٿ کڻي وڃ ڇا ته ٿي پوي توکي پيسا ڪون ڏيندس رسول آباد ۽ هنگورجا جي پوليس منهنجي کيسي ۾ پيل آهي جنهن وقت به پوليس کي حڪم ڪندس انهي مهل توکي کڻي ڪٽي گم ڪري ڇڏيندي هن وڌيڪ چيو ته ضمير جي ڀيڻ منهنجي گهر واري آهي هاڻي چوي ٿو ته جيڪو ڀيڻ کي مان ڏاجو ڏنو هو اهو ڏاجو ڪيائي پنهنجا پيسا کڻ هن چيو ته ضمير سهتو وڏو ظالم ۽ ڏاڍو مڙس آهي ڪنهن به ڳوٺ واري جي ڳالهه نٿو مڃي مون کي هن مان خطرو آهي مان ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب ۽ ٻين وس وارن کي ٻانهون ٻڌي اپيل ڪيان ٿو ته فوجي ضمير سهتي کي گرفتار ڪري ڪيس کان پيسا وٺرائي ڏيارايا وڃن

ڪوٽڙي: ضمير سهتو ڏمرجي پيو آهي ۽ موت مار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو

ڏڙو پرسان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان بازياب نه ٿي سگهيو،وارثن پاران پوليس جاچ تي بي اعتمادي ظاهر

بااثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پُشت پناهي جو الزام

اغوا ڪندڙن کي ڏڙو شهر جي بااثر سياسي شخصيتن جي سرپرستي حاصل آهي کين فرار ڪرايو آهي،معاملي جي جاچ ڪرائي کين به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي:عبدالغفور گگو

جوابدارن ثناءُ الله گگو نور احمد گگو ۽ اسد الله گگو کي سرپرستي حاصل آهي،پوليس سياسي دٻاءُ هيٺ هجڻ ڪري نوجوان کي بازياب ڪرائڻ لاءِ سنجيده نه آهي

ڏڙو (ن ع)ڏڙو شهر پرسان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان عبدالعزيز گگو بازياب نه ٿي سگهيو وارثن پاران پوليس جاچ تي بي اعتمادي ظاهر بااثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پُشت پناهي جو الزام سجاول ضلعي جي ڏڙو شهر پرسان ڳوٺ مولوي احمد گگو جي رهواسي 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل 16 ورهين جي نوجوان عبدالعزيز گگو جي والد عبدالغفور گگو ۽ نوجوان جي مامي سڪندر گگو ۽ علي اڪبر گگو نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن کي ڏڙو شهر جي بااثر سياسي شخصيتن جي سرپرستي حاصل آهي جن کين فرار ڪرايو آهي معاملي جي جاچ ڪرائي کين به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي مبينا طور 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل نوجوان عبدالعزيز گگو جي وارثن ڏڙو شهر جي بااثر سياسي شخصيت پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي الزام هڻندي چيو آهي ته سندن نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن ثناءُ الله گگو نور احمد گگو ۽ اسد الله گگو کي سندس سرپرستي حاصل آهي

ٺٽو: پ پ اڳواڻ ارباب ابراهيم ميمڻ تي نوجوان کي اغوا ڪندڙ جوابدارن جي پشت پناهي جو الزام

دادو شهر ۾ سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ

سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ،ذوالفقار آباد،سنڌو درياهه تي ڊانڊي،28هين ترميم،ڪرپشن،سنڌ ٽوڙڻ جي سازش،اڄالا پروين ۽ پريا ڪماري جي اغوا،ڪاروڪاري خلاف نعريبازي

پيادل مارچ شهر جو گشت ڪري پريس ڪلب دادو پهتو. پيادل مارچ ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ارسا پاڻي چوري ۾ سهولتڪار آهي،هڪ طرف سنڌ ۾ سخت پاڻي جي کوٽ آهي،ٻئي طرف پنجاب سڄو سال چشمه ۽ تونسا ڪئنال هلائي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي

دادو(ڊ ر)سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ ، ذوالفقار آباد ، سنڌو درياهه تي ڊاڍي ، 28هين ترميم ، ڪرپشن ، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ، اڄالا پروين ۽ پريا ڪماري جي اغوا ڪاروڪاري سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي "متحد ۽ مضبوط سنڌ " جي عنوان سان 24 ڏينهن دادو شهر ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ ڪيو ويو. پيادل مارچ شهر جو گشت ڪري پريس ڪلب دادو پهتو. پيادل مارچ ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، دادو شهر جي مک ڪچهري روڊ تي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻي مرڪزي صدر زينت سمون ، امير زادي برهماڻي ، عذره رند ، ڪشف سولنگي ، خيرالنساءَ سومرو ، قومي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر سومر چانڊيو ، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊووڪيٽ منور جتوئي ، اصغر رند ، منور ملاح ، تجويز چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي عورتن ، اقليتن ۽ ٻارن لاءِ قتل گاهه بڻايو ويو آهي ، سنڌ جي گهرو وزير جو پاڻي جي موٽر چوري ٿئي ٿي ته سڄي سنڌ حڪومت ننڊ حرام ڪري پوليس موٽر هٿ ڪري وٺي ٿي ، پر سيهڙ مان معصوم اڄالا پروين سولنگي اغوا آهي ۽ پنجن سالن کان اغوا ڪيل پريا ڪماري کي بازياب نه ٿو ڪرايو وڃي . سنڌ جا ضلعا وڏيرن ، سردارن ۽ وڏيرن کي جاگيرون ڏاهي ڏنا ويا آهن . ڪرپشن ، لاقانونيت جو راڄ آهي ظلم خلاف "متحد ۽ مضبوط سنڌ" جي عنوان سان جدوجهد ڪري سڄي سنڌ کي گڏ ڪري رهيا آهيون ، ارسا پاڻي چوري ۾ سهولتڪار آهي . هڪ طرف سنڌ ۾ سخت پاڻي جي کوٽ آهي ، ٻئي طرف پنجاب سڄو سال چشمه ۽ تونسا ڪئنال هلائي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي . انڊس رور سسٽم ۾ ضرورت جيترو پاڻي ناهي ، ان باوجود سنڌ دشمن ڪئنال ۽ ڊيم ٺاهڻ جون سازشون جاري آهن ، 28هين آئيني ترميم ۾ سنڌ خلاف وحدت جي سازش ڪئي وئي ته لکين پائرن سان گڏ سنڌياڻي تحريڪ جون ڀينرون به رستن تي اچي وينديون ۽ اسان حڪومت کي هلڻ نه ڏينداسين . ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان منصوبا سنڌ کي بنجر بڻائڻ جا منصوبا آهن اسين وسيلن ۽ زمينن تي قبضا ٿيڻ نه ڏينداسين . ذوالفقار آباد نئون اسرائيل ٺاهڻ جو منصوبو آهي ، سنڌ جي عورتن تي ڪاروڪاري جا ڪوڙا الزام هڻي بيگناهه نياڻيون قتل ڪيون وڃن ٿيون . زبردستي اغوا ڪري نياڻين جون شاديون ڪرايون وڃن ٿيون . سنڌ ۾ 7 هزار کان وڌيڪ اسڪول ۽ ڪاليج بند پيا آهن . سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم جا معياري انتظام نه آهن ، جاهليت ۽ جاگيرداري جي ڪري انساني حقن جي پيچڪريون ٿي رهيون آهن ، هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ميرٽ کي قتل ڪيو ويو آهي . پبلڪ سروس ڪميشن نوڪريون وڪرو ڪرڻ جي منڊي آهي . وسيلن ، پاڻي ، درياءَ سنڌ جي وحدت تي حملو ڪرڻ لاءِ حڪمران منصوبابندي تحت سنڌي ماڻهن کي ذاتين ۽ برادرين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي . لطيف جي رواداري سنڌ ۾ انتها پسندي جي باهه ٻاري پئي وڃي ته جيئن سنڌ جا ماڻهو هڪٻئي جا دشمن بڻجي وڃن . سنڌ جي وسيلن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ سڀني کي متحد ۽ مضبوط ٿيڻ جي ضرورت آهي ، جنهن وقت تائين سنڌياڻي تحريڪ ميدان عمل ۾ آهي ان وقت تائين سنڌ خلاف ڪنهن به منصوبي کي قبول ٿيڻ نه ڏبو

شادي لارج ۽ ڪوسڪي صحت مرڪزن ۾ دوائن،اوزارن، ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف جي کوٽ خلاف جدوجهد جو اعلان

نوجوان اتحاد طرفان ڳوٺ حاجي يوسف پوٽ ۾ ڪوسڪي جي بنيادي صحت مرڪز جي بحالي لاءِ اهم گڏجاڻي ٿي گذري

ڊاڪٽرن ميڊيڪل عملي ۽ دوائن جي کوٽ سبب هزارين ماڻهو صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم آهن جاني نقصان ٿي چڪا آهن:اڳواڻ

اسپتال جي بحالي لاءِ مرحليوار عملي جدوجهد شروع ڪئي ويندي پهرين مرحلي ۾ ڊي ايڇ او بدين سان ملاقات ڪري لکت ۾ مطالبو پيش ڪيو ويندو

شادي لارج(رپورٽ:غلام رسول بروهي) شادي لارج ڪوسڪي سميت ٻن تعلقن جي عوامي گوناگون صحت مرڪز ڪوسڪي ۾ دوائن طبي چڪاس وارن اوزارن ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين ميڊيڪل اسٽاف پيئڻ جو صاف پاڻي صفائي سٿرائي جي اڻ هوند خلاف ڪوسڪي اسپتال جي بحالي لاءِ نوجوان اتحاد پاران عملي جدوجهد جو اعلان.نوجوان اتحاد طرفان ڳوٺ حاجي يوسف پوٽ ۾ ڪوسڪي جي بنيادي صحت مرڪز جي بحالي لاءِ اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ نوجوان اتحاد جي صدر ارشاد علي بلوچ جمعيت علماء اسلام يونٽ شادي لارج جي امير مولانا اعجاز احمد لغاري بدين ضلعي جو ڪوآرڊينيٽر ۽ سماجي اڳواڻ محمد ادريس لنڊ شڪيل احمد پوٽ محمد جمن پوٽ علي نواز پوٽ ٽالو خان پوٽ ۽ ٻين علائقي واسين شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ ان ڳالهه تي سخت افسوس ڪيو ويو ته ٿر جي ويجهڙائي واري علائقي سميت بدين سي ڪوسڪي ڏکيي عرصي کان غيرفعال بڻيل آهي ڊاڪٽرن ميڊيڪل عملي ۽ دوائن جي کوٽ سبب هزارين ماڻهو صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم آهن حادثن جو مرڪز بڻيل ٽرڪول هاءِ وي تي روڊ حادثن ۽ ايمرجنسي حالتن ۾ وقت سر فرسٽ ايڊ نه ملڻ ڪري ڪيترائي قيمتي جاني نقصان ٿي چڪا آهن انهن موتمار حادثن ۾ ڪيترائي ماڻهو مستقل معذوري جو شڪار بڻيا آهن اڳواڻن چيو ته ڪوسڪي اسپتال جي بحالي ڪنهن فرد يا گروهه جو نه پر سڄي علائقي جي عوام جي زندگين ۽ مستقبل جو مسئلو آهي گڏجاڻي ۾ متفق طور فيصلو ڪيو ويو ته آر ايڇ سي ڪوسڪي اسپتال جي بحالي لاءِ مرحليوار عملي جدوجهد شروع ڪئي ويندي پهرين مرحلي ۾ ڊي ايڇ او بدين سان ملاقات ڪري لکت ۾ مطالبو پيش ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ضرورت پوڻ تي جدوجهد جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو اسين علائقي جي سڀني سياسي سماجي مذهبي تنظيمن وڪيلن صحافين نوجوانن واپارين استادن شاگردن ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي گذارش ٿا ڪريون ته پنهنجي بنيادي سهولتن لاءِ هو نوجوان اتحاد سان گڏجي اسپتال جي بحالي واري تحريڪ ۾ ڀرپور ساٿ ڏين ڇاڪاڻ ته صحت هر انسان جو بنيادي حق آهي ۽ ان حق تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي

سيٺارجا پرسان ڳوٺ حامد علي ڪبر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

نجب الدين عرف نجو فقير حملو ڪري سخت تشدد ڪيو آهي: ارشد علي

معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيٺارجا (ن ع)سيٺارجا پرسان ڳوٺ حامد علي ڪبر جي رهواسين ارشد علي ،ساگر علي ، فراز علي ،تنوير ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو آهي ته اسان معان بي گناهه نجب الدين عرف نجو فقير ،معشوق ، مهتاب ۽ ٻين اسان معان بلا وجهه حملو ڪري سخت تشدد ڪيو آهي اهڙي ڏانهن سيٺارجا ٿاڻي تي پڻ ڏني ۽ اين سي داخل ڪرائي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران انهن کي باحفاظت گهر ڇڏي واپس موٽي آئي ۽ پوليس کي پئسا پڻ ڏنا آهن پر پوليس انصاف ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته اسان غريب آهيون اسان جي جان کي خطرو آهي جوابدارن خلاف علائقي جي چڱن مڙسن کي پڻ شڪايتون آهن پر هو ڪنهن به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن هنن چيو مخالف بااثر هجڻ ڪري ڪنهن وٽ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيٺارجا: ڳوٺ حامد علي ڪبر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڏوڪري روينيو کاتي ۾ مختيارڪار جي ڪرسي هڪ مهيني کان خالي پيل

روينيو کاتي جو نظام مفلوج بڻيل،انتظامي نظام سخت متاثر ٿي ويو

وراثتي داخلائن،سرٽيفڪيٽن،روينيو رڪارڊ ۽ ٻين معاملن جا ڪم رڪجي ويا

کاتيدار ۽ عام شهري آفيسن جا چڪر ڪاٽي مايوس واپس وڃڻ تي مجبور

ڏوڪري(ن ع)ڏوڪري روينيو کاتي ۾ مختيارڪار جي ڪرسي هڪ مهيني کان خالي پيل آهي ان حوالي سان روينيو کاتي جو نظام مفلوج بڻيل آهي جڏهن ته کاتيدار پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جڏهن ته روينيو کاتي جو انتظامي نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي ان سلسلي ۾ لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ مختيارڪار عبدالباسط موريو جي بدلي ٿيڻ کان پوءِ اڃا تائين نئون مختيارڪار مقرر نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب مختيارڪار جي ڪرسي خالي پيل آهي ۽ روينيو کاتي جا اهم سرڪاري ڪم لٽڪيل پيا آهن، مختيارڪار جي غير موجودگي سبب وراثتي داخلائن، سرٽيفڪيٽن، روينيو رڪارڊ ۽ ٻين قانوني معاملن سان لاڳاپيل ڪم رڪجي ويا آهن جڏهن ته روزانو وڏي انگ ۾ کاتيدار ۽ عام شهري آفيسن جا چڪر ڪاٽي مايوس واپس وڃڻ تي مجبور آهن. هتان جي کاتيدارن سنڌ حڪومت، روينيو کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏوڪري تعلقي جي روينيو آفيس ۾ مختيارڪار مقرر ڪيو وڃي

باڊهه ۾ امر ابڙو جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

امر نه رڳو هڪ برجستو شاعر هو پر هڪ مثالي استاد ۽ سماج سڌارڪ پڻ هو:زاهد منگي

غريب شاگردن جي مفت ڪتاب ڏيڻ سان گڏ مستقبل سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

باڊهه (ن ع)باڊهه ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران سنڌي ٻوليءَ جي ناميا ري شاعر استاد ۽ ساس شاخ باڊهه جي اڳوڻي سيڪريٽري امر ابڙو جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. ڪهاڻيڪار زاهد منگي جي صدارت ۾ منعقد گڏجاڻي ۾ ساس سيڪريٽري ڊاڪٽر واحد سولنگي، فراز ڏهر ۽ مرحوم امر ابڙو جي ڀاءُ رياض حسين اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي زاهد منگي چيو ته امر ابڙو نه رڳو هڪ برجستو شاعر هو پر هڪ مثالي استاد ۽ سماج سڌارڪ پڻ هو هن ويهن سالن تائين باڊهه شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ تدريس جا فرض نڀايا ۽ ڪيترن ئي غريب شاگردن جي مفت ڪتاب ڏيڻ سان گڏ تعليم ذريعي مستقبل سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جو هن ڪڏهن به ڏيکاءُ نه ڪيو هن چيو ته اڄ امر ابڙو جا ڪيترائي شاگرد مختلف ادارن ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ڪيترائي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سندس شاعري فن ۽ فڪر جو حسين امتزاج آهي جنهن ۾ سچ، سونهن ۽ انسان دوستيءَ جا رنگ نمايان آهن. استاد فراز ڏهر چيو ته امر ابڙو هڪ فرض شناس استاد هئڻ ناتي ڪيس سنڌي، انگريزي ۽ رياضي جي مضمونن تي مڪمل عبور حاصل هو امر ابڙو جي ڀاءُ رياض حسين چيو ته امر ابڙو جيتوڻيڪ سندس وڏو ڀاءُ هو پر هن لاءِ پيءُ جي حيثيت رکندڙ هو هن هميشه پنهنجي خواهشن تي خاندان جي ضرورتن ۽ خوشين کي ترجيح ڏني ۽ اسان جي هر ڏک سک ۾ ساٿ ڏنو. ڊاڪٽر واحد سولنگي چيو ته سنڌي ادبي سنگت پنهنجي روايتن موجب وڇڙي ويل اهم ادبي ۽ سماجي شخصيتن کي ياد ڪندي رهي ٿي هن چيو ته امر ابڙو اسان جو ادبي اثاثو هو جنهن شاعريءَ ۾ نواڻ ۽ جدت آڻي پنهنجي دؤر ۾ منفرد سڃاڻپ قائم ڪئي هن پنهنجي مختصر حياتيءَ دوران سماج ۾ شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ انتهائي متحرڪ ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. ميڙاڪي ۾ اختر علي منگي، محمد علي نوناري، طارق نظير مستي، طاهر نور هيسباڻي، بلال نور هيسباڻي، بلاول چانڊيو، وسيم جهنيال، ذوهيب ڳوپانگ، حسنين سومرو، ذاڪر ڪولاچي، مجاهد نوناري، خالد چنجڻي، نور پٽي ۽ فراز چند سميت شاگردن ۽ ادب دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان صحافي ممتاز ملاح جي موٽرسائيڪل چوري

سکر(بيورو رپورٽ)سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان سينئر صحافي اديب شاعر ممتاز ملاح جي يونيڪ موٽرسائيڪل ڏينهن ڏٺي جو نيم جي چاڙهي تان نامعلوم چور تالو ٽوڙي چوري ڪري ويا.ان ڏس ۾ ممتاز ملاح جو چوڻ آهي ته سندس آفيس جي پرسان نم جي چاڙهي تان ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي آهي اهڙو اطلاع حد جي ٿاڻي تي پڻ ڏنو آهي پر پوليس اڃان تائين ڪاروائي ناهي ڪئي شهر ۾ چورين ڦرون بدامني وڌندي پئي وڃي پوليس انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي منهنجي ايس ايس پي، اي ايس پي کي گذارش آهي ته حق حلال جي ڪمائيءَ مان ورتل چوري ٿي ويل موٽرسائيڪل جلدي واپس ڪرائي وڃي

گڏيجي جي علي آباد ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد مجلس عزا

گڏيجي(ن ع)حضرت امام حسين عه ۽ ان جي جانثارن ڪربلا جي ميدان تي عظيم قرباني ڏئي هميشه لاءِ حضرت محمد مصطفيٰ صه جي دين کي هميشه جي لاءِ بچايو ڳوٺ علي آباد لعل ڏنو سهتو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد مجلس عزا کي علامه اياز قمي،علامه سيدغلام اصغر شاهه،علامه سيد محسن شاهه ،علامه صفدر علي ملاح ۽ ٻين خطاب ڪندي چيوته ڪربلا ۾ حق جي فتح ٿي آهي اڄ جي دور ۾ به حق ۽ سچ ڳالهايو وڃي ته فتنا ختم ٿي ويندا ۽ حضرت امام حسين عه جي ڏسيل واٽ تي هلڻ وارا ئي مومن آهن ان موقعي تي مشهور قصيدا خوان محمد رمضان لاشاري ،نديم ڳوپانگ برادرس جن قصيدا پيش ڪيا يونين ڪائونسل سيٺارجا بالا جو چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

اڳوڻي سينيٽر صوبائي وزير پير مظهرالحق محب شاهه جي وصال تي تعزيت ڪئي

دادو(ڊ ر)پاڪستان پيپلزپارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻو سينيٽر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق نوشهرو فيروز پهچي سيد موج علي شاهه جي ڀاءُ سيد محب شاهه جي وصال تي سندن پونئرن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي سيد موج علي شاهه جا فرزند سيد محمد علي شاهه، سيد حسنين شاهه ۽ ڊاڪٽر صاحب پڻ موجود هئا.

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل ڪيمپس سکر ۾ سيمسٽر سرءُ 2026ع ۾ داخلا پروگرام جاري

سکر(بيورو رپورٽ) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل ڪيمپس سکر ۾ سيمسٽر سرءُ 2026ع ۾ داخلا پروگرام پهرين جولاءِ 2026ع کان جاري آهي جنهن لاءِ 10 آگسٽ آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب سرءُ سيمسٽر ۾ ميٽرڪ (سائنس/ جنرل/ درس نظامي/ اوپن ڪورسز) جڏهن ته ايف اي/ انٽرميڊيٽ (سائنس/ جنرل/ درس نظامي) آءِ ڪام شامل آهن. انهيءَ طرح ايسوسيئيٽ ڊگري ان آرٽس ۾ (بي اي جنرل) اوپن ڪورسز جڏهن ته ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامن ۾ ماس ڪميونيڪيشن اردو، پاڪستان اسٽڊيز انگلش، لائبريري اينڊ انفارميشن سائنس سوشيالوجي اڪنامڪس هسٽري، بزنس ايڊمنسٽريشن، ايجوڪيشن، عربي، پوليٽيڪل سائنسز ۽ ٻين پروگرامن ۾ داخلا جاري آهي. مختلف مدي وارن بي ايس بي بي اي ۽ بي ايڊ پروگرامن ۾ پڻ داخلائون شامل آهن. سرءُ سيمسٽر جي پوسٽ گريجوئيٽ پروگرامن ۾ ڪرمنالاجي اي پي ايس ايجوڪيشنل ليڊرشپ اينڊ مئنيجمينٽ، انٽرپرينئرشپ ان ارلي چائلڊ هوڊ ڪيئر اينڊ ايجوڪيشن ٽي او اي ايف ايل انٽرنيشنل فنانشل رپورٽنگ اسٽينڊرڊز جينڊر اينڊ ويمن اسٽڊيز هيومن ريسورس مئنيجمينٽ، پاپوليشن اينڊ ڊولپمينٽ ۽ سپلائي چين مئنيجمينٽ ۾ داخلائون پڻ شامل آهن. اهڙي ريت ڇهن مهينن وارن سرٽيفڪيٽ ڪورسز ۾ لائبريرين شپ، السان العربي، عربي بول چال/ڳالهه ٻولهه الغت العربي، اسپيشل ايجوڪيشن اي ٽي سي، سرٽيفڪيٽ ان لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن آرگينڪ ڪچن گارڊننگ، پبلڪ هيلٿ اينڊ اي ڪامرس ۽ ٻين ڪورسن ۾ 10 آگسٽ 2026ع تائين داخلائون جاري آهن.

مسوريگڙي پريس ڪلب تي ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب پاران پروگرام ٿي گذريو

مسوريگڙي(ن ع)مسوريگڙي پريس ڪلب تي ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب مسوريگڙي پاران علائقي واسين کي قانوني مدد ۽ مشوره ڏيڻ جي حوالي سان گڏيل سيڪشن پروگرام ٿي گذريو سيڪشن پروگرام ۾ ليگل ايڊ سوسائٽي حيدرآباد اڳواڻ زاهد ميسو پريس ڪلب مسوريگڙي جو سرپرست اعليٰ غلام قادر وسير،پريس ڪلب مسوريگڙي جو چيئرمين محمد بخش وگهيو ، پريس ڪلب مسوريگڙي جو صدر نور محمد ترڪ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ يونٽ مسوريگڙي جو جنرل سيڪريٽري عاشق ترڪ،پريس ڪلب مسوريگڙي جو جنرل سيڪريٽري غلام مصطفيٰ ا بروهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي گڏيل پڌرنامي ۾ چيو ويو ته ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ پريس ڪلب مسوريگڙي گڏجي ۽ مختلف يوسيز ۾ اويئرنيس جو پروگرام شروع ڪري رهيا آهن ۽ ماڻهن جي قانوني سهائتا لاءِ فري ليگل ايڊ ڏيندا ان موقعي ليگل ايڊ سوسائٽي حيدرآباد جي ڪوآرڊينيٽر زاهد ميسو چيو ته علائقي ۾ اگر ڪنهن کي به شناختي ڪارڊ ۽ فيملي ميٽرز ۾ ڪاٿي جي حوالي سان قانوني مدد کپي ته پريس ڪلب مسوريگڙي ۽ ليگل ايڊ سوسائٽي اهي سڀ مسئلا گڏجي حل ڪرائيندي

ڏگهڙي ۾ انيس ٽريڪٽر شوروم اونرز پاران شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ نياز جو اهتمام

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ انيس ٽريڪٽر شوروم اونرز پاران شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ مقامي هال ۾ دعوت نياز جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪري حضرت امام حسينؑ ۽ ٻين شهداءِ ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪئي.تقريب ۾ علائقي جي سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن سان گڏ ڏگهڙي پريس ڪلب جي وفد پڻ شرڪت ڪئي جنهن ۾ قائم مقام صدر يونس راجپوت، سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار قائمخاني جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف، پريس سيڪريٽري وسيم قريشي رابطا سيڪريٽري جاويد خاصخيلي ۽ ٻيا شامل هئا.ان موقعي تي انيس ٽريڪٽر شوروم جي مالڪ حاجي محمد حنيف آرائين ۽ چيئرمين يونين ڪائونسل ڪنگورو حاجي محمد فاروق آرائين دعوتِ نياز ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني مهمانن صحافين ۽ شهرين جا ٿورا مڃيندي چيو ته شهداءِ ڪربلا جون لازوال قربانيون حق، صبر استقامت ۽ انصاف جو عظيم درس ڏين ٿيون جن تي عمل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

گڏاپ ٽائون ۾ مون سون برساتن جي اڳڪٿي بابت هنگامي اجلاس

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تيارين جو جائزو ورتو ويو

عملو موجود رهي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي جا فرض سرانجام ڏيندو:مجتبيٰ اياز

ڪراچي(بيورو رپورٽ)ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي خاص هدايتن تي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي صدارت هيٺ مون سون برساتن جي اڳڪٿي هڪ اهم هنگامي اجلاس منعقد ڪيو ويو.اجلاس دوران برساتن سبب شهرين کي ايندڙ مسئلن برساتي پاڻي جي فوري نيڪال نيڪال آب جي لائينن ۽ برساتي گٽرگاهن جي صفائي ڊي واٽرنگ پمپن ۽ ٻين مشينري جي دستيابي عملي جي حاضري، هيٺاهين وارن علائقن ۾ خاص انتظامن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.ان موقعي تي ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته نالن جي صفائي ڪچري جي بروقت منتقلي ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ صفائي جا خاص انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته سينيٽيشن جو عملو مون سون برساتن دوران مسلسل ميدان ۾ موجود رهي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي جا فرض سرانجام ڏيندو ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد افضل لغاري اجلاس کي آگاهه ڪيو ته سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ فيلڊ عملي کي هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته جيئن برسات دوران مليل شڪايتن جو فوري ازالو ڪري شهرين کي بروقت رليف فراهم ڪري سگهجي.سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (ايم اينڊ اي) نور علي جمالي ٻڌايو ته ڊي واٽرنگ پمپ، جنريٽر ۽ ٻيون ضروري مشينري مڪمل طور تي فعال ۽ استعمال لاءِ تيار آهي جڏهن ته ٽيڪنيڪل عملو به ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ چوويهه ڪلاڪ موجود رهندو اجلاس کي خطاب ڪندي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز سڀني لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته مون سون برساتن دوران مڪمل هاءِ الرٽ رهن فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي هر حال ۾ يقيني بڻائين هيٺاهين وارن علائقن تي خاص ڌيان ڏين ۽ پاڻي جي نيڪال جي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي بروقت ۽ بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي پهرين ترجيح آهي تنهنڪري سڀئي کاتا پاڻ ۾ بهتر رابطي، مؤثر حڪمت عملي ۽ گڏيل ٽيم ورڪ سان پنهنجون ذميواريون احسن نموني نڀائين جيئن امڪاني برساتن دوران شهرين کي هر ممڪن رليف فراهم ڪري سگهجي

آر ٽي او سکر کي روينيو ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ تي شاندار ڀيٽا پيش

چيف ڪمشنر زيغم عباس جي قيادت،پيشاورانه صلاحيتن جو ثبوت آهي:خالد ڪاڪڙزئي

اها ڪاميابي نه رڳو آر ٽي او سکر پر سڄي علائقي لاءِ فخر جو باعث آهي

سکر (بيورو رپورٽ)ايف پي سي سي آءِ جي نائب صدر ۽ سنڌ ريجنل چيئرمين بلال وقار خان سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر محمد خالد ڪاڪڙزئي سينيئر نائب صدر اميت ڪمار نائب صدر ملڪ محمد اويس رئيس ايف بي آر ڪاميٽي جي ڪنوينر انجنيئر عبدالفتاح شيخ ۽ ٻين عهديدارن ريجنل ٽيڪس آفيس سکر جي چيف ڪمشنر زيغم عباس، سندن آفيسرن ۽ پوري ٽيم کي مقرر روينيو ٽارگيٽ ڪاميابي سان حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيمبر جي عهديدارن چيو ته آر ٽي او سکر پاران روينيو ٽارگيٽ جو ڪامياب حصول چيف ڪمشنر زيغم عباس جي بهترين قيادت، پيشاورانه صلاحيتن، شفاف طرز عمل ۽ پوري ٽيم جي بي انتها محنت جو واضح ثبوت آهي. هنن چيو ته اها ڪاميابي نه رڳو آر ٽي او سکر پر سڄي علائقي لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ قومي معيشت کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. سکر چيمبر هميشه انهن ادارن ۽ آفيسرن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندو آهي جيڪي ايمانداري، شفافيت ۽ بهترين انتظامي صلاحيتن سان قومي ذميواريون نڀائين ٿا.عهديدارن وڌيڪ چيو ته آر ٽي او سکر جي اها ڪاميابي واپاري برادري ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ باهمي اعتماد ۽ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيندي. هنن اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به آر ٽي او سکر ۽ سکر چيمبر وچ ۾ ويجهو سهڪار برقرار رهندو ته جيئن ڪاروبار دوست ماحول شفاف ٽيڪس نظام ۽ قومي معيشت جي مضبوطي لاءِ گڏيل ڪوششن وڌيڪ اثرائتيون بڻجي سگهن آخر ۾ چيمبر جي عهديدارن چيف ڪمشنر زيغم عباس ۽ پوري ٽيم کي هڪ ڀيرو ٻيهر دلي مبارڪباد پيش ڪندي سندن وڌيڪ ڪاميابين ۽ ترقي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو

سکر پوليس پاران سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون

شراب جي وڏي کيپ پڪڙي جوابدار کي ڪار سميت گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار خلاف PEHO 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پوليس پاران سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي صالح پٽ ٿاڻي پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي شراب جي وڏي کيپ جي وڪري جي ڪوشش ناڪام بڻائي هڪ جوابدار کي ڪار سميت گرفتار ڪري ورتو ترجمان سکر پوليس موجب ايس ايڇ او صالح پٽ ذوالفقار چاچڙ پنهنجي حدن اندر ڪاروائي دوران جوابدار لالو مل کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار جي ڪار جي تلاشي دوران 72 بوتلون شراب هٿ ڪيون ويون پوليس طرفان گرفتار جوابدار خلاف PEHO 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايس پي سکر پوليس پارٽي جي بهترين ڪاروائي تي شاباس جو پيغام ڏيندي سندن ڪارڪردگي کي ساراهيو

ملٽي شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران گيس جي دڪانن تي اوچتو ڇاپا

هڪ دڪان کي سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وصولي تي موقعي تي سيل ڪيو ويو

عوام جو معاشي استحصال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو:عمير اشرف

ملٽي (ڊ ر) اسسٽنٽ ڪمشنر عمير اشرف جي سربراهي ۾ ملٽي شهر جي گيس جي مختلف دڪانن تي اوچتو ڇاپا هنيا ويا. چيڪنگ دوران سرڪاري ريٽ جي پيچڪڙي تي سخت ڪاروائي ڪئي وئي. پراڻي ناڪي تي گيس جي دڪان کي سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وصولي تي موقعي تي سيل ڪيو ويو ۽ 20 هزار روپيه ڏنڊ عائد ڪيو ويو عوام جو معاشي استحصال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو جيڪو به ڊيلر سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ وٺندو ان خلاف بغير ڪنهن رعايت جي ڪاروائي ٿيندي

سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس جو اعليٰ سطحي اجلاس

شبير پٽي ضلعي ٺٽي جي صحافين کي درپيش مسئلن بابت ڪيس پيش ڪيو

صحافين خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن: شبير پٽي

غلام الله (ن ع)ڪراچي ۾ سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ادر ميڊيا پروفيشنلز جي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون مظهر عباس ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس (HUJ)يونٽ ٺٽي جي ضلعي صدر شبير پٽي شرڪت ڪئي اجلاس دوران ضلعي صدر شبير پٽي ضلعي ٺٽي جي پيشاور صحافين کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڪيس پيش ڪيو.اجلاس ۾ پوليس گردي ۽ بي بنياد ڪيسن جو شڪار بڻيل صحافين پيرل پياسي عبدالله چانڊيو ۽ هادي بخش ملڪاڻي جي معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ضلعي صدر شبير پٽي مطالبو ڪيو ته صحافين خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن کين قانوني تحفظ انصاف ۽ صحافتي فرضن جي ادائيگي لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪيو وڃي.هن وڌيڪ چيو ته ضلعي ٺٽي ۾ صحافين کي درپيش مسئلن جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي ذميوار ڌرين خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي جيئن صحافتي برادري بنا ڪنهن خوف، دٻاءُ يا هراساني جي پنهنجا پيشاور فرض آزادي سان سرانجام ڏئي سگهي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

بقايا 1 احتجاجي ڌرڻو

نعريبازي ڪئي وئي ، ڏاڏرڪو شاخ جي پوڇڙي جي آبادگارن محمد عثمان راهو مير محمد راهو وڏيرو محمد يوسف ڪوسو رئيس محمد اشرف جت محمد حسن جت ۽ ٻين آبادگارن هارين جو چوڻ هيو ته اسان جا ڏاڏرڪو شاخ جي پوڇڙ ۾ ڪجهه علائقن ۾ هن وقت تائين سارين جو بيجارو پوکجي ناهي سگهيو جڏهن ته سوين ايڪڙن تي پوکيل سارين جو بيجارو پاڻي نه ملڻ سبب سڪي ۽ سڙي رهيو آهي پر اسان جي شاخ مان پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي آبپاشي کاتي جي انتظامي نااهليءَ سبب پاڻي جي چوري جي بجاءِ سينا زوري ڪئي وئي آهي جو سري عام مشين گريڪٽن ذريعي پڪي شاخ کي ٽوڙي ناجائز واٽر ڪورسن مان پاڻي کنيو پيو وڃي آبادگارن هارين چيو ته جنهن۾ايس ڊي او ايريگيشن شمش ميمڻ ۽ شاخ جو ڪئنال نظير ڪلهوڙو ملوث آهن جن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ پڪي شاخ ٽوڙي ناجائز پاڻي چوري ڪندڙ بااثر زميندارن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي رات جي پيٽ۾ڪئنال نظير ڪلهوڙو رات پيٽ۾ گريٽر سان پنهنجو واٽر ڪورس ٽوڙيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڏاڏرڪو شاخ جي پاڻي تي پوڇڙ جي آبادگارن جي حقن تي هنيل ڌاڙي جي انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ملوث سمورن ڪردارن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ڌرڻو هٽي روڊ کي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو ڌرڻو 3 ڪلاڪ جاري رهيو جنهن سبب ٽن ڪلاڪن تائين آمدرفت مڪمل طور معطل رهي ۽ مسافرن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو اطلاع ملندي ئي ڊي ايس پي گولاڙچي عبدالرحيم خاصخيلي ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور مختيار ٽيبو ۽ حارث ميمڻ پوليس نفري سميت واقعي واري هنڌ پهچي ويا هنن احتجاج ڪندڙ آبادگارن سان ڳالهيون ڪيون ۽ مسئلي جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطا ڪيا بعد ۾ ايس ڊي او شمس ميمڻ جي خاطري ۽ ايريگيشن عملدارن سان ڪامياب ڳالهين کان پوءِ آبادگارن پنهنجو احتجاج ختم ڪري ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن کان پوءِ روڊ تي ٽريفڪ بحال ٿي وئي ۽ گاڏين جي اچ وڃ معمول موجب بيهر شروع ٿي وئي جڏهن ته سرڪاري اعلي عملدارن مظاهرين کي انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ۽ کين خاطري ڪرائي ته پاڻي چوري ڪندڙ بااثر ڏاڏرڪو شاخ مان واٽر ڪورسن کي ٽوڙيندڙ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ شاخ جي پوڇڙ تائين پاڻي پهچائڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 2 مقرر ڪيو ويو

- 7جي ضمني چونڊ لاءِ پنهنجيون ذميواريون سنڀالي ورتيون

بقايا 3 احتجاجي ريلي

شاهه ساجد اين بي ڪوسو سعيد احمد چنه ماجد علي ڪوريجو عبدالرزاق مستوئي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته پاڻي زندگي ۽ بنيادي حق آهي پاڻي وارو حق کسڻ معنى زندگي کسڻ برابر آهي سنڌو درياهه هتان گذري ٿو ڪي بي فيڊر ڪراچي واهه هتان وهي ٿو پر پوءِ به هتي پاڻي جو بحران مسلسل برقرار آهي واٽر ٽئينڪرز مافيا پاران ڌاڙو ڪيئا چٽوڻا مهانگا من پسند ريٽ مقرر ڪري وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي تنهن ڪري واٽر ٽئينڪرز مالڪن پاران نوان مقرر ڪيل من پسند ۽ عوام دشمن ريٽ لسٽ کي رد ڪندي ڊي سي پبلڪ هيلٿ ڪاٽو ۽ ڏاٿون ڪاميٽي انتظاميا کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڏاٿون ڪاميٽي جي ڏهن ئي واردن ۾ پائپ لائين وڇائي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي لائين جي پاڻي جي گهرن ۾ فراهمي کي يقيني بڻائي شهرين جي بي چيني ختم ڪري مستقل بنيادن تي پاڻي جهڙو بنيادي مسئلو حل ڪيو وڃي بي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 4

جان کان مارڻ چاهين ٿا هنن الزام هنيو ته بااثر يوسي سمن سرڪار جو چيئرمين ۽ ضلع ڪائونسل ميمبر جي چوڻ تي ايوب چانڊيو اڏي تي قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو وٺي آيو جن کين رستي تان هٽائڻ لاءِ مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هن وڌيڪ چيو ته جيئن معمول موجب اڏي تي پهتس ته مذڪوره شخص پنهنجي ڇاڙتن سميت لٺن مڪن جو وسڪارو ڪري زخمي ڪري ڪپڙا ڦاڙي منهجي پٽ کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين چتاءُ ڏنو ته رينواڙ شورو ۽ ان جي پٽ کي ڪجهه به ٿيو ته ڇاڙيل شخص ۽ سندس سرپرست ذميوار هوندا هن ايس ايس پي بدين آءِ جي سنڌ کي اپيل ڪندي چيو آهي ته ڇاڙيل جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي بي پاسي وين اڏي ۽ پريس ڪلب پنگريو اڳيان ڪنهن اڻوڻندڙ واقع کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري موجود آهي جڏهن ته چئن ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻو اختيارين جي اڄ ڇنڇر 10 وڳي [illegible] رضا شورو [illegible] پريس ڪلب پنگريو اڳيان لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا 5 انصاف جو مطالبو

ڪاٽي جو هڪ ننڍڙو ملازم آهي ۽ گذريل ڏيڍ مهيني کان سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي هن دعوي ڪئي ته ڪيترين ئي هنڌن تي دانهن ڏيڻ باوجود سندس فرياد ڪو به ٻڌڻ وارو ناهي ۽ کيس انصاف فراهم نه ڪيو ويو آهي

بقايا 6 فائرنگ، 12 ڄڻا زخمي

ٿي پيا آهن ان حوالي سان ڪائونسلر شبير بليدي جو چوڻ هو منهنجي ڀاءُ رشيد بليدي جي ننڍڙي نينگر احمد بليدي سان اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ زبير مگسي نياز ڪارائڻ جي بهاني ويران جاءِ تي وٺي وڃي بدفعلي ڪئي آهي اسان ان ماڻري تي انهن جي وڏن وٽ دانهن ڪئي وياسين جنهن هنن اسان مٿان حملو ڪيو آهي اسان کي ٽليون لڳيون آهن ۽ هڪ منهنجي ڀاءُ وليد کي گولي لڳي آهي ٻئي طرف مگسي ذر جي نوروز خان مگسي چيو آهي نينگر جي بدفعلي جا الزام سراسر ڪوڙا آهن جيڪڏهن ڪو اهڙو ماملو هو ڪنهن چڱي وٽ دانهن ڪئي اچن هان اسان تي شبير بليدي ان جي پاڙن ۽ بليدي برادري جي وڏي، هجوم ۾ اسان جي گهرن دوڪانن تي هٿيار ڪٺي هلان ڪندي اسان جي گهرن ۾ نياڻين ۾ گهڙيا آهن گهرن مٿان دوڪانن مٿان فائرنگ ڪئي وئي آهي اسان کي ٽليون سيخون کهاڙيون هنيون ويون آهن زخمي ڪيو ويو آهي سڄي پريل بازار ۾ فائرنگ ڪري خوف هراس ڪيو ويو آهي هن چيو اسان پنهنجي سردار مير نادر مگسي کي اپيل ڪيون ٿا اسان سان ٿيل ناانصافي جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 7 ملهائڻ جو اعلان

ڪي پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي جمهوري تاريخ جو هڪ ڪارو باب قرار ڏيندي آهي ان سلسلي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پاران 5 جولاءِ 2026ع تي صوبي جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرز تي ان حوالي سان احتجاجي مظاهرن ريلين ۽ جلسن جي انعقاد جو اعلان ڪيو ويو آهي پارٽي جي صوبائي هدايتن موجب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ جي قيادت پڻ ضلعي جي سمورن تعلقن جي هيڊڪوارٽرز تي تعلقي سطح جا احتجاجي پروگرام منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 8 ڪرڻ جي دعوي

سندس پٽ نبي بخش ۽ گلزار عرف ڪارو پٽ امام بخش بوزدار جن تي خان پور ٿاڻي تي الڳ الڳ قتل جا ڪيس داخل ٿيل آهن جيڪي واردات ڪرڻ بعد آهي علائقا ڇڏي پٽ شاهه جي ڪچي آبادي ۾ رهائش پذير آهن پوليس مطابق پڪڙيل جوابدارن وٽان هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوا پڻ ڪئي آهي پوليس جي چوڻ مطابق پٽ شاهه جي ڪچي آبادي واري علائقي ۾ ٻين علائقن ۾ قتل ڦرون ڌاڙا هڻي هتي پناهه ورتل ڌوهاري پناهه ورتل آهن ۽ هو لطيف سرڪار جي نگري ۾ امن و امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا مگر پٽ شاهه شهر ۾ امن و امان سميت قانون کي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪنهن به اجازت نه ڏني ويندي ۽ پٽ شاهه جي ڪچي آبادي واري علائقي ۾ رهندڙ ڌوهارين خلاف جلد آپريشن شروع ڪندي گهر گهر تلاشي ورتي ويندي

بقايا 9

نامزدگي فارم جاري ڪيا ويندا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ کان پوءِ 16 جولاءِ تي انهن جي جاچ پڙتال ڪئي ويندي جڏهن ته 20 جولاءِ تي اميدوار اپيلون داخل ڪري سگهندا 28 جولاءِ تي اميدوارن جي حتمي فهرست جاري ڪئي ويندي، 29 جولاءِ تي اميدوار پنهنجي نامزدگي واپس وٺي سگهندا جڏهن ته 30 جولاءِ تي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويندا پي ايس-30 تي پولنگ 16 آگسٽ تي ٿيندي پيپلز پارٽي طرفان

امڪاني اميدوارن ۾ سينيٽر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري اسفنديار ڪرل پير سيد احمد رضا شاهه جيلاني (جگنو سائين)، سيد محرم علي شاهه لڪياري، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سهاڳ، عبداللطيف شيخ سردار شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ڪجهه ٻين جا نالا گردش ۾ آهن ٻئي طرف جي ڊي اي طرفان خالد شيخ ايڊووڪيٽ، سردار معظم علي عباسي پير سيد محمد اسماعيل شاهه راشدي نثار احمد ابڙو ۽ ڪجهه ٻيا اڳواڻ به سرگرم آهن واضح رهي ته پي ايس-30 جي هن تڪ تان مرحوم سردار نعيم احمد ڪرل پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي پنج ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو هو هاڻي پيپلز پارٽي ڪنهن کي ٽڪيٽ ڏئي ٿي ۽ جي ڊي اي ڪنهن اميدوار کي ميدان ۾ لاهي ٿي، ان جو فيصلو لاڳاپيل پارٽيون ڪنديون ان کان علاوه ڪجهه آزاد اميدوارن جي به چونڊ ميدان ۾ اچڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن

بقايا 10 عورتون پريشان

کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن الزام هنيو ته نئين سسٽم تحت ٻهراڙي وارن علائقن جي سم استعمال ڪرڻ سبب به ڪيترين عورتن کي تصديق ۽ ادائيگي ۾ مسئلا پيش اچي رهيا آهن عورتن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پراڻو ۽ آسان سسٽم بيهر بحال ڪيو وڃي جيئن مستحق عورتون بنا ڪنهن تڪليف جي پنهنجي وظيفي جي رقم حاصل ڪري سگهن

بقايا 11 ڪري ورتي

طفيل پنو هٿ ڪيل ناري رابيعه ۽ انکي ورغلائي اغوا ڪندڙ جوابدار نعيم کي ڪراچي ڊفينس ٿاڻي تان آيل ليڊي انسپيڪٽر حاجره عثمان جي حوالي ڪندي کين ڪراچي روانو ڪري ڇڏيو ڪراچي روانگي کان اڳ پٽ شاهه ٿاڻي تي موجود ناري جي والدين مقامي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هو قيوم آباد ڪراچي جي علائقي ۾ رهندا آهين جڏهن ته سندن معصوم نياڻي رابيعه گهر جي ڪم سان گهران نڪتل هئي جنهن جي واپس نه ورڻ تي هنن سندس ڪافي ڳولا ڪندي ڊفينس ڪراچي ٿاڻي تي ڳولا پڻ ڪئي جڏهن گذريل ڏينهن سندس موبائيل ذريعي سائنس رابطو ٿيو جنهن بعد هو ڪراچي ڊفينس پوليس سان گڏ هتي پهچي پٽ شاهه ٿاڻي جي ايس ايڇ او طفيل پنوجي مدد سان گهر ۾ لڪايل سندس نياڻي کي هٿ ڪندي کين ٻن هفتن کان گم ٿيل ناري سان ملايو ان موقعي تي بازياب ٿيل ناري رابيعه جي ماءُ خوشي وچان روئيندي پٽ شاهه ۽ ڪراچي جي پوليس کي دعائون ڏيندي رهي ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته هٿ ڪيل ناري رابيعه ۽ پڪڙيل جوابدار نعيم کي سڀاڻي ڪراچي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو جڏهن ته ٻئي طرف ناري سان گڏ پڪڙيل نوجوان نعيم جي وارثن رابيعه سان سندن ٿيل نڪاح نامون ڏيکاريندي چيو ته نعيم رابيعه کي اغوا ناهي ڪيو البت رابيعه پنهنجي مائٽن جي نڪري نعيم سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي ۽ ڪراچي پوليس سندن نوجوان کي بيگناهه پڪڙي پاڻ سان گڏ کڻي ويئي آهي پوليس جي اهڙي خلاف هو عدالت سگهوري جو در کڙڪائي ندي انصاف لاءِ آواز اٿاريندا.

بقايا 12 سلسلو جاري

گل شير ڪولاچي جنرل سيڪريٽري نور احمد ٻاگراڻي جوائنٽ سيڪريٽري اڙان سنڌي خزانچي اصغر ملاح پريس سيڪريٽري امير علي جلالاڻي سينئر صحافي عثمان پنهور ۽ ٻيا بلوچ شاهه ڪريم مگسي هاؤس پهچي مقتول غلام نبي مگسي جي پاءِ يونين بلوچ جي اڳوڻي وائيس چئرمين پ پ اڳواڻ اڪرم مگسي سان تعزيت ڪري ڏک ونڊڻ بعد ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي بلوچ شاهه ڪريم شهر ۾ پارٽي ورڪر راجا مهشوري جي رهائشگاهه تي پڻ پهتو جتي ڪيس راجا مهشوري سميت جسقم بشير خان قريشي جي ڪارڪنن همدرد سائين سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جا حڪمران سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب کي وڪرو ڪري رهيا آهن اسان 8 جولاءِ تي پاڻي ڪوٽ خلاف سجاول شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪينداسين جنهن ۾ سنڌ اندر وڌندڙ بد امني سميت پريا ڪماري جي آزادي جو مطالبو توڙين شهيد غلام نبي مگسي ۽ سندس ونيءَ جي قاتلن جي گرفتاري جو پڻ مطالبو ڪنداسين

بقايا 13 هالار وسارڻ

(اي ڊي پي) ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وسارڻ جي ڪوششن بعد وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه منصوبي جي منظوري ڏني آهي ذريعن موجب منصوبي جي پهرئين مرحلي ۾ ڪوٽڏيجي کان نارا گيٽ تائين لڳ ڀڳ 10 ڪلوميٽر ڊگهي شاهراهه جي مڪمل بحالي مرمت ۽ بهتري جو ڪم ڪيو ويندو جنهن سان علائقي جي هزارين رهواسين کي محفوظ، تيز ۽ بهتر سفري سهولتون ميسر اينديون جڏهن ته آمدرفت ۾ آساني سان گڏ واپار ۽ روزاني زندگيءَ تي پڻ مثبت اثر پوندا ان موقعي تي بئريسٽر هالار منظور وسارڻ پنهنجي بيان ۾ چيو ته عوام سان ڪيل واعدن جي تڪميل سندن اولين ترجيح آهي ۽ هو علائقي جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ هر سطح تي ڪوششون جاري رکيون وينديون هن چيو ته ڪوٽڏيجي کان نارا گيٽ تائين شاهراهه جي بحالي علائقي جو پراڻو ۽ اهم عوامي مطالبو هو جيڪو هاڻي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان عملي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته عوامي ڀلائي ۽ ترقياتي منصوبن کي ترجيح ڏيڻ تي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه جا ٿورائتا آهيون سندس چوڻ هو ته روڊ جي بحالي سان نه رڳو سفري سهولتن ۾ نمايان بهتري ايندي، پر علائقي جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي لاءِ به نوان موقعا پيدا ٿيندا، جنهن سان ترقي جي نئين دور جي شروعات ٿيندي هوڏانهن مقامي شهرين، واپارين، ٽرانسپورٽرن ۽ سماجي اڳواڻن منصوبي جي منظوري کي خوش آئند قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته روڊ جي بحالي سان نه رڳو آمدرفت ۾ آساني پيدا ٿيندي، پر واپاري سرگرمين، زرعي پيداوار جي مارڪيٽن تائين پهچ، هنگامي حالتن ۾ سفري سهولتن ۽ علائقي جي مجموعي سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي پڻ هٿي ملندي شهرين مطالبو ڪيو ته منظور ٿيل منصوبي تي جلد کان جلد عملي ڪم شروع ڪري مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي، جيئن عوام ڊگهي عرصي کان درپيش سفري تڪليفن مان نجات حاصل ڪري سگهي

بقايا 14 ڪٽي ڇڏي

اسپتال داخل ڪيو ويو جنهن کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد نوابشاهه ريفر ڪيو ويو زخمي ڳوٺاڻي چيو ته ڊاڪسن جي تري ۾ ڪيلن جا پن وڃائي سال ڪٽندا آهيون هن موڪل به ڏني هئي اڄ جڏهن هي ويو ته اوچتو مچرجي پيو۽ نوجوان کي هٿ ۾ ڏاٽو هٽي سندس کابي هٿ جي آڱر ڪٽي ڇڏي جڏهن ته سول اسپتال نوشهروفيروز پاران زخمي کي نوابشاهه ريفر ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 15

(OGRA)پاران مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي ايل پي جي وڪري، اوگرا ۽ ضلعي انتظاميه کان گهربل اين او سي (NOC)حاصل ڪرڻ کان سواءِ ڪاروبار هلائڻ، حفاظتي ايس او پيز تي عمل نه ڪرڻ ۽ عوام جي جان ۽ مال کي خطري ۾ وجهندڙ غير قانوني سرگرميون شامل هيون. خلاف ورزين تي فوري ڪارروائي ڪندي به ايل پي جي دڪان سيل ڪيا ويا جڏهن ته ذميوارن تي 40 هزار رپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو.

بقايا 16 احتجاجي مظاهرو

اچڻ جو خدشو آهي هنن چيو ته هر سال واهن مان ڪاٽي ڪاٽي انهن جي بندن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪروڙين روپيا بجيٽ ايندي آهي پر ايريگيشن عملدار ملي ڀڳت ڪري ڪاغذي ڪارروائي ۾ پورا ڪن ٿا هنن چيو ته روهڙي ڪئنال جا بند ڪمزور هجڻ ڪري لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل خراب ٿيڻ جي به ڳڻتي آهي ايريگيشن انتظاميه گم آهي هنن ايريگيشن کاتي جي صوبائي وزير ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته روهڙي ڪئنال جي ڪمزور بندن جي مرامت ڪرائي انهن کي پڪو ڪرايو وڃي.

بقايا 17 ڄڻا فوت

حادثي وقت خانگي ڪلينڪ بند هئي، جنهن سبب ڪنهن به مريض يا شهري جو جاني نقصان نه ٿيو بي صورت ۾ وڏو

ساٿحو پيش اچي سگهي پيو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس، ڪرين مشين ۽ ٻيون ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ امدادي ڪارروائيون شروع ڪري ڇڏيون

بقايا 18 ريلي ڪڍي وئي

پئي وڃي، ۽ سنڌ ۾ غيرقانوني ترسيلن کي واپس پنهنجي ملڪ موڪليو وڃي اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن ڪو سنڌ جي وحدت کي ٽوڙڻ جي ناپاڪ سازش ڪندو ته سنڌ جو هر هلالي پٽ ان سازش کي روڪڻ لاءِ تيار آهي ۽ اسان پنهنجي وطن جي بقا ۽ سالميت لاءِ هر قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه هٽنداسين اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ بک بي روزگاري حڪمرانن جو ڏنل تحفو آهي سنڌ جو نوجوان ڊگريون حاصل ڪري ٿو پر نوڪرين لاءِ پريشان آهن سنڌ ۾ گئس بجلي جي لوڊشيڊنگ وڌائي وئي آهي جنهن سبب عوام پريشان آهن سنڌ جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ملي جنهن سبب سنڌ جو عوام سورن ۾ آهن ريلي ۾، فراز جهتيال اسد لاشاري سلمان جهتيال زبير جهتيال زاهد لانگاهه رينواز پالاري، زيشان چانڊيو فرحان ڳوڙ علي گل چانڊيو لطيف ملاح شاهه محمد گرگيز علي رضا گوپانگ سليم چنا ۽ فياض ساهو ۽ ٻين خطاب پڻ ڪيو

بقايا 19 جولاءِ تي طلب

ٿيندڙ جنهن ۾ اميدوارن جي مسئلن جي حل لاءِ غور ويچار ڪيو ويندو

بقايا 20 هوٽل سيل

انتظاميه جو عمل انساني صحت لاءِ هاجيڪار آهي، عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي هدايت موجب ڪارروائي ڪئي آهي هن چيو ته اهڙي ڪنهن به عمل کي قبول نه ٿو ڪري سگهجي جنهن سان انساني صحت متاثر ٿئي انڪري ٻيا هوٽل به پنهنجو قبلو درست ڪري صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکن

بقايا 21 ڳوٺاڻن جو حملو

زمينن تان غيرقانوني قبضا هٽائڻ لاءِ سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ۽ قبضا ڪندڙن خلاف قانوني قدم کنيا پيا وڃن آپريشن دوران فاريسٽ عملي ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ چڪتاڻ پيدا ٿي وئي، جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران پٿراءُ ۽ لٺين سان حملو ڪيو جنهن سبب آپريشن ۾ عارضي رڪاوٽ پيش آئي واقعي بعد حد جي پوليس نفري طلب ڪري صورتحال تي ضابطو آندو سرڪاري زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ جو عمل جاري رهندو ۽ سرڪاري زمينن تي غيرقانوني قبضا ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 22 مطالبو

ڪئي جڏهن ته لالا جاويد، لالا عارف پلاڻ، لالا ستار سيد مزمل شاهه ۽ ٻين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پوليس خلاف نعريبازي ڪئي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندن ڪلٽس ڪار 26 ڏينهن اڳ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر واقع ڳوٺ بجل شاهه محلي ۾ گهر ٻاهران بيٺل هئي جتان نامعلوم چور آساني سان ڪار چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي کان پوءِ فوري طور اي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ درخواست پڻ جمع ڪرائي وئي پر ايترو وقت گذرڻ باوجود پوليس ڪار جي بازيابي يا جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪا به مؤثر ڪارروائي نه ڪئي آهي هنن چيو ته اسان ذهني پريشاني ۽ بي چيني جو شڪار آهيون احتجاج ڪندڙن صوبائي گهرو وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي سندس چوري ٿيل ڪلٽس ڪار جلد کان جلد بازياب ڪرائي وڃي

بقايا 23 جو احتجاج

ڪرپشن نقلي بجن جي واپان ذاري آبادڪاري، ميرٽ جي لتاڙ ڪاروڪاري ۽ سرڪاري نوڪرين جي مبينا وڪري عوام لاءِ وڏا مسئلا بڻجي ويا آهن هنن چيو ته خراب حڪمراني سبب سنڌ جا وسيلا ۽ حق مسلسل متاثر ٿي رهيا آهن .

بقايا 24 ڪرڻ جو مطالبو

ان سلسلي ۾ تعلقي بار ايسوسيئيشن ٺٽي پاران مذمتي قرارداد منظور ڪندي مطالبو ڪيو ويو ته رسول بخش پليجي صاحب جي مزار ۽ ڀرپاسي واري عوامي اجتماع واري هنڌ تان غيرقانوني قبضو فوري طور ختم ڪرايو وڃي، قبضاگيرن کي بي دخل ڪري قبضو خالي ڪيو وڃي سياسي انتقام ۽ قانون جي بالادستي کي ڪمزور ڪرڻ جي هر ڪوشش جي سخت مذمت ڪجي ٿي بار ايسوسيئيشن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته غيرقانوني عملن تشدد ۽ هراسان ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ترت، شفاف ۽ غيرجانبدار ڪارروائي ڪئي وڃي قراردادن ۾ وڌيڪ چيو ويو ته هي سمورو عمل سنڌ حڪومت ۽ رياستي مشينري جي سرپرستي هيٺ ٿي رهيو آهي .

بقايا 25 ڪرڻ جي دعوي

فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس خودحفاظتي تحت جوابي ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران هڪ مبينا جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ڪي ساٿي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا پوليس موجب گرفتار ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ جبار ولد پلاڻ عرف خان خاصخيلي طور ٿي آهي جنهن وٽان هڪ غيرقانوني هٿيار پڻ هٿ ڪيو ويو آهي زخمي جوابدار کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي

بقايا 26 ڪرڻ جي هدايت

حڪمت عملي ۽ ويجهي رابطي کي يقيني بنائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو _ هن ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي حيدرآباد جي ميمبرن کي هدايت ڪئي ته سمورا ادارا سانوڻي جي برسات جي سلسلي ۾ پنهنجا پلان فوري طور تي شامل ڪن ته جيئن جتي به گنجائش موجود هجي ان کي بهتر بڻايو وڃي _ هن واسا ايڇ ڊي اي جي عملدارن ۽ ٽي ايم اوز کي هدايت ڪئي ته پوري ضلعي جي نالن جي صفائي سٿرائي اڳواٽ ڪئي وڃي ته جيئن برساتي پاڻي جي نيڪالي بهتر طريقي سان ممڪن ٿي سگهي جڏهن ته هيٺياهين وارن علائقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ گڏ ٿيل برساتي پاڻي جي نيڪالي لاءِ جتادار پلان ترتيب ڏنو وڃي_ اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو عملدارن کي هدايت ڪئي ته برسات دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جو سڄو نظام بجلي جي موجودگي تي منحصر هوندو آهي،برسات دوران پمپنگ اسٽيشنن تي بجلي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن _ هن چيو ته سانوڻي جي امڪاني برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ صحت کاتي ريسڪيو 1122 ۽ ٻيا لاڳاپيل کاتا اڳواٽ پنهنجي تياري کي يقيني بڻائين _ ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته مون سون دوران تعلقي ۽ يونين سطح تي مڇر مار ڦوهاري کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مليريا ۽ ڊينگي جهڙين بيمارين کان عوام کي محفوظ رکي سگهجي _ ان موقعي تي ايم ڊي واسا طفيل احمد ابڙو ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر حيدرآباد پير غلام محمد شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار ۽ نمائندا موجود هئا

بقايا 27 لاڏائو ڪري ويو

وڪرو ۽ واهپو عروج تي هلندڙ آهي واضع رهي ته گذريل هڪ سال دوران ڳوٺ علي بخش خاصخيلي ۾ ڏهه کان وڌيڪ ماڻهو مين پوري سبب ڪينسر جي موذي مرض سبب فوت ٿي چڪا آهن جن ۾ چاهن خاصخيلي شهباز پيندو عبدالرزاق اسلام علي خادم علي ۽ چار عورتون شامل آهن جڏهن ته ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميا ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي ۽ نه ئي ضلعي پوليس منشيات خلاف ڪا ڪارروائي ڪري سگهي آهي

بقايا 28 رڪ مدد جي اپيل

اٿڻ سبب گهر کي باهه وڪوڙي وئي سڄو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي ۽ گهرن ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو باهه لڳڻ شرط فائر برگيڊ عملي کي فون ذريعي اطلاع ڏنو ويو پر هڪ ڪلاڪ گذرڻ باوجود فائر برگيڊ جي گاڏي نه پهتي، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آندو متاثرن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ٻن نياڻين جو ڏاج رکيل هو اهو به سڙي رک ٿي ويو آهي اسان ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور آغا شير زمان پٺاڻ کان اپيل آهي ته ٻن گهرن جو سڄو سامان سڙي ويو آهي نوٽس وٺي مالي سهائتا ڪئي وڃي

بقايا 29 مظاهرو ڌرڻو

نشي ۾ ذات ٿي ذهني مريض بنجي تباهه ٿي رهيا آهن نشي جي پورائي لاءِ گهر جو سامان چوري ڪري رهيا آهن جڏهن ته

پيرسن والدين تي تشدد جا واقعا پڻ پيش اچي رهيا آهن جڏهن ته جوا چورين ۽ سماجي برايون پڻ وڌي ويون آهن پر پوليس خاموش تماشائي بڻجي منشيات فروشن سان ٻٽ ٻڌيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته نشي تي ڪنٽرول ڪرايو وڃي بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 30 اياز لطيف

رک وک تي پنجوڙ آهن سنڌ ۾ نه پيئڻ جو صاف پاڻي آهي نه تعليم نه صحت، نه روزگار ۽ نه ئي قانون يا انصاف آهي پيپلزپارٽي ۽ ڪرپٽ سنڌ حڪومت سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي مسلسل ارڙهن سالن جي اقتداري دور دوران سنڌ کي ترقي بدران منشيات ڪرپشن ڏوهن،بدامني لاقانونيت ذريعي تباهه ڪري ڇڏيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي تعليم جي ميدان ۾، روزگار جي ميدان ۾ ، ميرٽ جي ميدان ۾ ، پنهنجي وسيلن جي مالڪي جي لاءِ ميدان تي اچڻو پوندو سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين کي سنڌ جي علم ، ميرٽ سان شفافيت سان ۽ سلي گورنر سان پاڻ کي جوڙڻو پوندو پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي سنڌ حڪومت تي دٻاءُ وجهن ته هو سنڌ ۾ آباد سمورن اليگل اميگرينٽس کي ٻاهر ڪڍي پاڪستان جي ٻين سمورن صوبن ۾ اليگل اميگرينٽس جي خلاف غير ملڪي پرڏيهي جي خلاف ڪارروائي هلي پئي سنڌ ۾ ڪانه پئي هلي اياز لطيف پليجو چيو ته سنڌ ۾ وڏين يونيورسٽين اسپتالن ڪاليجن ٽيڪنيڪل ادارن جي ضرورت آهي جتي ميرٽ جي بنيادن تي سنڌين کي تعليم ، صحت ۽ روزگار جا موقعا ملڻ اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ عالمي موسميات تبديلين جي شڪار پئي بنجي سڄي دنيا هئير ڪلائيميٽ جي ذريعي گرمي جو ٽيمپريچر وڌڻ جي مشڪلاتن کي منهن پئي ڏي پر دنيا ان سان مقابلي لاءِ وڌيڪ وڻ پئي پوکي وڌيڪ ماحول دوست تبديليون پئي آڻي پر سنڌ ۾ ان قسم جا اپاءَ نٿا ورتا وڃن اياز لطيف پليجي چيو ته گلوبل وارمنگ، گرمي ڏڪار ۽ ماحولياتي تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وڻڪاري بدران حڪمران سردار ۽ وڏيرا سڄي سنڌ ۾ ٻيلن ڪچي روينيو هاءِ ويز ۽ آبپاشي جي زمينن تان وڻ وڍرائي رهيا آهن سنڌ جي عوام ميڊيا ۽ سول سوسائٽي کي شديد مزاحمت ڪن اياز لطيف پليجي چيو ته ٻيلا وڻ ختم ٿي ويا ته سنڌ دوزخ بنجي ويندي وڻن جي واڍي رڳو سنڌ نه پر سڄي دنيا جو معاملو آهي خطرناڪ موسمي تبديليون آهن سنڌ وڻڪاري ڪرڻ گهرجي سنڌي ماڻهن کي وڻن جي واڍي خلاف احتجاج ڪرڻ گهرجي

بقايا 31 احتجاجي مظاهرو

وڪيل وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا گڏجاڻي کان پوءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران اسسٽنٽ ڪمشنر جي مبينہ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڊي بي اي جا اڳواڻ وڪيل ڪامران خان پيچوهو جنرل سيڪريٽري مظفر علي رند، وڪيل عبدالجبار رند، وڪيل زاهد حسين ٿهيمن رند، امداد علي جمالي سيد اعجاز شاهه نهال خان دشتي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ناجائزي ڪندي وڪيل ظفر الله دشتي جو گهر ڊاهيو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته سمورو شهر بااثر ماڻهن جي قبضي هيٺ آهي پر انتظاميه انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان لاچار آهي، هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ٿيل زيادتين جو ازالو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 32 احتجاجي ريلي

ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته مرڪزي جماعت اهل سنت ضلع بدين جيو نيوز جي پروگرام "سفر عشق" جي هڪ نشريات ۾ مبينا طور نشر ڪيل قابل اعتراض مواد تي سخت ڳڻتي ڏک، مذمت ۽ ڀرپور احتجاج جو اظهار ڪري ٿي هن چيو ته ناموس رسالت ص، اهل بيت اطهارؓ جي حرمت، صحابہ ڪرامؓ جي ناموس ۽ اسلام جي سمورن مقدسات جو احترام هر مسلمان جي ايمان جو بنيادي حصو ۽ پوري امت مسلمہ لاءِ ڳاڙهي لڪير جي حيثيت رکي ٿو انهن مقدس هستين ۽ اسلامي شعائر بابت ڪنهن به قسم جي غير محتاط، نامناسب، تڪراري يا توهين آميز پيشڪش نه رڳو مسلمانن جي مذهبي جذبن کي سخت مجروح ڪري ٿي پر امت جي اندر بيچيني ۽ اضطراب جو سبب پڻ بڻجي ٿي مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين واضح ڪري ٿي ته جديد ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل ذريعن ۽ مصنوعي ذهانت (AI)جو استعمال ديني، شرعي ۽ اخلاقي حدن ۽ ضابطن جي مڪمل احترام سان ٿيڻ گهرجي اهڙو ڪو به عمل، مواد يا پيشڪش جو انداز جيڪو ناموس رسالت ص، اهل بيت اطهارؓ جي حرمت يا صحابہ ڪرامؓ جي ناموس جي بيحرمتي، توهين يا گستاخي جو سبب بڻجي امت مسلم جي نظر ۾ هرگز قابل قبول ناهي ۽ اهڙو قدم توهين رسالت جي دائري ۾ شمار ٿيندو آخر ۾ اڳواڻن لاڳاپيل ادارن، ميڊيا هائوسز ۽ ذميوار اختيارين کان مطالبو ڪيو ته هن معاملي جو سنجيدگي سان نوٽيس ورتو وڃي، حقيقتون عوام آڏو آنديون وڃن، ذميوار عنصرن جي نشاندهي ڪري انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن، جيئن مسلمانن جي مذهبي جذبن، اسلامي قدرن ۽ مقدسات جي احترام کي هر حال ۾ يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 33 نينگر فوت

وارڊ نمبر هڪ جو رهواسي ايس ٽي پي ضلع دادو اڳواڻ شهباز علي ملڪ جو هڪ سالا معصوم نينگر محمد ابراهيم ملڪ ارڙي جي بيماري وگهي فوت ٿي ويو ان موقعي تي فوت ٿيندڙ معصوم نينگر جي والد شهباز ملڪ ٻڌايو ته مونکي پٽ جو هڪ ئي پٽ هيو جيڪو ارڙي جي بيماري وگهي فوت ٿي ويو سنڌ حڪومت پاران دادو صحت کاتي کي عوام جي علاج لاءِ ڪروڙين رپيا بجيٽ ۽ فنڊ ڏنا وڃن ٿا جيڪي دادو صحت کاتي جي عملدارن ۽ سياسي ڪامورن جي ملي ڀڳت هڙپ ڪيا وڃن ٿا سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون صحولتون نه هجڻ ڪري ڪيترا ئي معصوم ٻارڙا ارڙي جي بيماري وگهي تڙپي تڙپي فوت ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن ئي مائرن جو ضلع انتظاميا ۽ صحت کاتي جي نااهلي سبب هنجون خالي ٿي ويون آهن اعلي اختيارين کان مطالبو آهي ته فوري طور سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون بهتر صحولتون ڏنيون وڃن ته جيئن وڌيڪ معصوم ٻارڙن جي حياتيون بچائي سگهجن

بقايا 34 ٻاران احتجاج

سنڌياڻي تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي صدر زينت سمون ، امير زادي برهماڻي ، عذرہ رند ، ڪشف سولنگي ، خيرالنساءَ سومرو ، قومي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر سومر چانڊيو ، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊووڪيٽ منور جتوئي ، اصغر رند ، منور ملاح ، تجويز چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي عورتن ، اقليتن ۽ ٻارن لاءِ قتل گاهه بڻايو ويو آهي ، سنڌ جي گهرو وزير جو پاڻي جي موٽر چوري ٿئي ٿي ته سڄي سنڌ حڪومت ننڊ حرام ڪري پوليس موٽر هٿ ڪري وٺي ٿي ، پر ميهڙ مان معصوم اجالا پروين سولنگي اغوا آهي ۽ پنجن سالن کان اغوا ڪيل پريا ڪماري کي بازياب نه ٿو ڪرايو وڃي

بقايا 35 اسپتال ۾ فوت

ڏئي ۽ پٽ پرائي ڪري رهيو آهي هوڏانهن ٽنڊوآدم تعلقہ پوليس موجب واقعي جو ڪيس داخل ڪري جانو ۽ شنڪر کي گرفتار ڪيو ويو آهي وڌيڪ ڪارروائي جاري آهي

بقايا 36 ولنڊرز 5 دڪان سيل

اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪرڻ ۽ آبادي وارن علائقن ۾ غير محفوظ نموني ڪاروبار هلائڻ تي 5 دڪان سيل ڪيا ويا اسسٽنٽ ڪمشنر دڪاندارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو حڪومت پاران مقرر ڪيل اگهن تي ايل پي جي وڪرو ڪن بي صورت ۾ سندن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته ڪجهه هنڌن تي ايل پي جي 400 کان 500 رپيا في ڪلو تائين وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون مليون هيون جن تي فوري نوٽيس وٺندي ڪارروائي ڪئي وئي آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي حنين طارق شاهاڻي چيو ته ضلعي انتظاميه جو مقصد عوام کي ناجائز منافعي خوري کان بچائڻ ۽ سرڪاري اگهن تي ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي هن چيو ته وڌيڪ اگهه وصول ڪندڙ ذخيره اندوزي ڪندڙ ۽ قانون جي

ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪنهن به شخص سان ڪا رعايت نه ڪئي ويندي ۽ اهڙيون ڪارروايون بنا ڪنهن فرق جي جاري رهنديون اسسٽنٽ ڪمشنر شهرين کي به اپيل ڪئي ته جيڪڏهن ڪو دڪاندار سرڪاري ريٽ کان وڌيڪ اگهه وصول ڪري ته ان جا ثبوت، وڊيو يا تصويرون انتظاميه تائين پهچائين ته جيئن لاڳاپيل دڪاندار خلاف فوري ۽ قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي

بقايا 37 چابي چور ڪاهي ويا

موٽرسائيڪل جلدي واپس ڪرائي وڃي

بقايا 38 احتجاج

گستاخي جا معاملا سامهون اچي رهيا آهن پر انتظاميه هنن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري، اسان بار بار درخواستون ڏنيون پر انتظاميه ڪيس داخل نٿي ڪري، هنن چيو ته ٿرپارڪر ۾ ٻن نوجوانن کي ٽن ڏينهن ۾ گرفتار نه ڪيو ويو ته ملي لڳ ڦانگاريو وٺ

مين ٿر ڪول روڊ بند ڪيو ويندو

بقايا 39 احتجاج

دوران ايجوڪيشن کاتي جي اعلي عملدارن مون کي منهنجي اولاد لاءِ نوڪريون ڏيڻ جي خاطري پڻ ڪرائي هئي پر 15 سال گذرڻ باوجود مونکي هڪ نوڪري ناهي ڏني وئي ويتر غير مقامي ماڻهن کي اسان جي اسڪول ۾ نوڪريون ڏئي اسان مٿان حڪم هلايا پيا وڃن هن چيو آهي ته اسڪول ۾ روز مرحا ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ايندڙ فنڊن ۾ به وڏي پئماني ڪرپشن ڪئي پئي وڃي جنهن سبب ٿوري ئي عرصي ۾ اسڪول جي عمارت پڻ خستا حال ٿي وئي آهي، محمد اسماعيل چاڙڙو چيو آهي ته اسان جو ڳوٺ عبد[illegible] چاڙڙو منهنجي والد مرحوم پنهنجي نالي سان قائم ڪيو ۽ ان وقت کان هينئر تائين ان ڳوٺ جي ڀلائي لاءِ لوڙي ۽ لوڇي رهيا آهيو

پر بدري ۾ اسان کي سواءِ مايوسي جي بيو ڪجهه به ناهي ملي سگهيو هن چيو ته منهنجو هڪ پٽ لکيو پڙهيو هجڻ باوجود لمس يونيورسٽي ۾ پرائيويٽ سيڪيورٽي گارڊ آهي ۽ هڪ پائيلو گريجوئيٽ هجڻ باوجود بيروزگار آهي هن چيو ته مون پاران پنهنجي ڳوٺ ۾ قائم ڪرايل اسڪول ۾ خالي جڳهيون هجڻ اسان جي اولاد کي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ غير مقامي ماڻهن نوڪريون ڏئي اسان سان وڏي ناانصافي ڪئي ٿي وڃي محمد اسماعيل چاڙڙو تعليم کاتي جي اعلي آفيسرن صوبائي وزير تعليم لاءِ چتا ڏيندي چيو آهي ته مون سان ٿيندڙ ناانصافي جو نوٽيس وٺي منهنجي اولاد کي نوڪريون ڏنيون وڃن ٻئي صورت ۾ مان اسڪول کي تالو هڻي پنهنجي ملڪيت واپس وٺندس

بقايا 40 احتجاج

پيچوهو جنرل سيڪريٽري مظفر علي رند، وڪيل عبدالجبار رند، وڪيل زاهد حسين گلزار خان رند، امداد علي جمالي سيد اعجاز شاهه نهال خان دشتي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ناجائزي ڪندي وڪيل ظفر الله دشتي جو گهر ڊاهيو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته سمورو شهر بااثر ماڻهن جي قبضي هيٺ آهي پر انتظاميه انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان لاچار آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ٿيل زيادتين جو ازالو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 41 تدارڪ جي گهر

ڏنو هن چيو مان ان کان لاتعلقي ڪرڻ باوجود هو مون کي روزمارڪٽ ڪري ٿو هن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ان ظالم پٽ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

نیشنل بینک آف پاکستان

روایتی بینکاری برانچ کی اسلامی بینکاری برانچ میں تبدیلی

آپ کو یہ جان کرخوشی ہوگی کہ اللہ تعالیٰ کے فضل وکرم اور ہم پر آپ کے مسلسل اعتماد کے باعث، اسٹیٹ بینک آف پاکستان (SBP) کی اصولی منظوری کے بعد درج ذیل روایتی برانچز کو اعتماد اسلامی بینکاری برانچز میں تبدیل کرنے کے لیے منتخب کیا گیا ہے۔

نیشنل بینک آف پاکستان (NBP) اعتماد اسلامی بینکاری، ممتاز شریعہ اسکالرز سے منظور شدہ شرعی اصولوں کے مطابق اپنے صارفین کو بہترین خدمات اور مصنوعات فراہم کرنے کے لیے مسلسل کوشاں ہے۔ہمیں یقین ہے کہ ہماری جدید مصنوعات اور خدمات آپ کے ہمارے ساتھ تعلق کو مزید مضبوط کریں گی اور آپ کی روزمرّہ زندگی میں آسانی فراہم کریں گی۔

اطلاعی خطوط مع رضامندی خط آپ کے فراہم کردہ پتوں پر ارسال کیے جارہے ہیں۔ ازراہِ کرم اپنے موجودہ روایتی NBP اکاؤنٹ کو اسلامی بینکاری اکاؤنٹ میں تبدیل کرنے کے لیے مذکورہ خط میں دی گئیں ہدایات پر عمل کریں۔

کرنٹ اکاؤنٹس قرض کی بنیاد پر جبکہ سیونگز اکاؤنٹس مضاربہ کی بنیاد پر کھولے جاتے ہیں (جہاں صارف رب المال اور بینک مضارب ہوتا ہے) اور مضاربہ کی تمام شرائط وضوابط لاگو ہوں گے۔ منافع کا تعین اور اُس کی تقسیم، اسٹیٹ بینک آف پاکستان (SBP) کی ہدایات کے مطابق پہلے سے مقرّر کردہ تناسب کے تحت کی جائے گی۔ اسلامی بینکاری مصنوعات (KFS) اور اسلامی بینکاری اکاؤنٹس کی شرائط وضوابط کی تفصیلات ہماری ویب سائٹ [www.nbp.com.pk/islamic] پر دیکھی جاسکتی ہیں۔

مزید تفصیلات کے لیے ازراہِ کرم اپنے برانچ منیجر سے رابطہ کریں۔

برانچز ،میپنگ برانچز اور اُن کی تبدیلی کی تاریخوں کی تفصیلات درج ذیل ہیں:

نمبر شمار	تبدیلی کے لیے منتخب برانچ	میپنگ (متعلقہ) برانچ	تبدیلی کی تاریخ
1	ڈرائی پورٹ چک نمبر 201/Rb برانچ، فیصل آباد (1389) دکان نمبر 1، کھاتہ نمبر 498، خسرہ نمبر 12، فیصل آباد ڈرائی پورٹ ٹرسٹ بلڈنگ، گٹی ریلوے پھاٹک، چک نمبر 201/RB، گٹی، جھمرہ روڈ فیصل آباد	چک نمبر 202Rb برانچ فیصل آباد (1334) چک نمبر 202/RB گٹی برانچ فیصل آباد	07 ستمبر 2026ء
2	زیدہ برانچ، صوابی (1972) کھاتہ نمبر 1600/1555، کھتونی نمبر 2842، زیدہ بازار تحصیل وضلع صوابی، کنڈہ صوابی روڈ زیدہ	مین برانچ صوابی (0406) مین برانچ صوابی	07 ستمبر 2026ء
3	اڈا سکھ پور برانچ، اوکاڑہ (0571) کھیوٹ نمبر 58/59، کھتونی نمبر 239، محلّہ ٹھاکر سنگھ والا، اڈا سکھ پور، تحصیل دیپالپور ضلع اوکاڑہ	دیپالپور برانچ اوکاڑہ (0498) دیپالپور، اوکاڑہ	07 ستمبر 2026ء
4	اڈا باریکا برانچ، بہاولنگر (1771) خسرہ نمبر 10، کھتونی نمبر 22 سے 25، ہیڈ سلیمانکی روڈ، اڈا باریکہ، پوسٹ آفس: حاصل سرو، ہیڈ سلیمانکی روڈ، تحصیل منچن آباد، ضلع بہاولنگر	منچن آباد برانچ بہاولنگر (0370) منچن آباد، بہاولنگر	07 ستمبر 2026ء
5	ایبٹ آباد یونیورسٹی آف سائنس اینڈ ٹیکنالوجی (AUST) برانچ، ایبٹ آباد (2240) خسرہ نمبر 1717، ایبٹ آباد یونیورسٹی آف سائنس اینڈ ٹیکنالوجی، حویلیاں، ایبٹ آباد	حویلیاں برانچ ایبٹ آباد (0424) حویلیاں، ایبٹ آباد	07 ستمبر 2026ء
6	رتہ برانچ، میرپور آزاد کشمیر (0613) خسرہ نمبر 1267، گاؤں رتہ، مین روڈ رتہ، تحصیل ڈڈیال، میرپور آزاد کشمیر	مین برانچ ڈڈیال، بھمبر آزاد کشمیر (0444) مین برانچ ڈڈیال ضلع بھمبر آزاد کشمیر	07 ستمبر 2026ء
7	یونیورسٹی آف تربت برانچ، تربت (2257) یونیورسٹی آف تربت کیمپس M-8، سی پیک روڈ، تربت	مین برانچ تربت، کیچ (0140) مین بازار تربت، کیچ	07 ستمبر 2026ء
8	مین بازار برانچ کیچ (2186) کھتونی نمبر 341، موضع صدر بازار، مین بازار تربت، کیچ	مین برانچ تربت، کیچ (0140) مین بازار تربت، کیچ	07 ستمبر 2026ء
9	اورماڑہ برانچ، گوادر (0235) کھتونی نمبر 107، خسرہ نمبر 2249، کھیوٹ 106، مین بازار اورماڑہ، گوادر	پسنی برانچ گوادر (0191) فش ہاربر پسنی، گوادر	07 ستمبر 2026ء
10	خضدار کینٹ برانچ خضدار (2149) علامہ اقبال روڈ، خضدار کینٹ، خضدار	خضدار برانچ خضدار (0192) کرخ روڈ، خضدار	07 ستمبر 2026ء
11	GOI برانچ، کوٹلی آزاد کشمیر (1682) خسرہ نمبر 1489، جی او آئی ضلع کوٹلی آزاد کشمیر	مین برانچ کوٹلی آزاد کشمیر (0441) مین برانچ کوٹلی آزاد کشمیر	07 ستمبر 2026ء
12	نوکنڈی برانچ، چاغی (0189) خسرہ نمبر 387، مین بازار نوکنڈی، چاغی	تفتان برانچ چاغی (1080) پولیس اسٹیشن تفتان کے قریب، کوہِ تفتان، چاغی	07 ستمبر 2026ء
13	ژوب کینٹ برانچ، ژوب (2327) سروے نمبر 38، جناح روڈ، ژوب کینٹ، ژوب	ژوب برانچ، ژوب (0101) تھانہ روڈ، ژوب، لورالائی	07 ستمبر 2026ء
14	علمدار روڈ برانچ کوئٹہ (2106) خسرہ نمبر 490، علمدار روڈ، یزدان خان ہائی اسکول کے قریب، کوئٹہ	منان چوک برانچ کوئٹہ (1860) منان چوک، ایم اے جناح روڈ، کوئٹہ	07 ستمبر 2026ء
15	بافہ برانچ مانسہرہ (1423) خسرہ نمبر 3934، محلّہ تیروال بالا، بافہ ٹاؤن، بافہ بجنہ روڈ، ضلع مانسہرہ	ہزارہ یونیورسٹی برانچ مانسہرہ (1487) ہزارہ یونیورسٹی، مانسہرہ	07 ستمبر 2026ء
16	بھرکنڈ برانچ مانسہرہ (1337) پرانا خسرہ نمبر 16، نیا خسرہ نمبر 111، تیرہا، نوکوٹ روڈ، بھرکنڈ، ضلع مانسہرہ	کالج چوک مانسہرہ (1798) کالج چوک، مانسہرہ	07 ستمبر 2026ء
17	بشام برانچ سوات (1535) خسرہ نمبر 83، مین کے کے ایچ، بشام بازار، بشام ضلع سوات	بٹگرام برانچ، بٹگرام (0926) بٹگرام برانچ، بٹگرام	07 ستمبر 2026ء
18	گاہکوچ برانچ غذر، جی بی (2029) خسرہ نمبر 495، مین بازار گاہکوچ، تحصیل گاہکوچ ضلع غذر (گلگت بلتستان)	گوپس برانچ غذر (0886) مین بازار شندور روڈ، گوپس، ضلع غذر	07 ستمبر 2026ء
19	کریم آباد ضلع صوابی (1708) خسرہ نمبر 5147، کھتونی 1134، کھیوٹ نمبر 285 / 1134، کریم آباد زروبی، تحصیل ٹوپی، ضلع صوابی	مین برانچ صوابی (0406) مین برانچ صوابی	07 ستمبر 2026ء
20	تھنڈکوئی ضلع صوابی (1554) خسرہ نمبر 878/2010-09-20، وی پی او تھنڈکوئی صوابی	مین برانچ صوابی (0406) مین برانچ صوابی	07 ستمبر 2026ء
21	کنڈہ ضلع صوابی (1313) خسرہ نمبر 1102، کھتونی نمبر 208 / 190 / 221-1، کھیوٹ نمبر 1865، مین جہانگیرہ روڈ، کنڈہ موڑ، چھوٹا لاہور، کنڈہ، ضلع صوابی	مین برانچ صوابی (0406) مین برانچ صوابی	07 ستمبر 2026ء
22	زرگڑی برانچ کوہاٹ (1561) دکان نمبر 02-01، رب نواز خان مارکیٹ، گاؤں زرگڑی، تحصیل ہنگو، زرگڑی ضلع کوہاٹ	ہنگو برانچ ہنگو (0420) ڈی سی او آفس، کوہاٹ روڈ ہنگو کے سامنے	07 ستمبر 2026ء
23	منگل میلہ بنوں (2316) دکان نمبر 40، سہراب مارکیٹ، گاؤں منگل میلہ، تحصیل ڈومیل، ضلع بنوں	جدید آبادی برانچ (1401) جدید آبادی، زمان روڈ، بنوں	07 ستمبر 2026ء
24	لطیف آباد نمبر 11 برانچ حیدرآباد (2250) پلاٹ نمبر 5/A، بلاک -D، یونٹ نمبر 11 لطیف آباد، حیدرآباد	لطیف آباد نمبر 08 برانچ حیدرآباد (0091) لطیف آباد، حیدرآباد	07 ستمبر 2026ء
25	بٹھروئی برانچ میرپور آزاد کشمیر (0601) خسرہ نمبر 52، سیاکھ روڈ، درونی بٹھروئی، ڈڈیال، میرپور آزاد کشمیر کنڈورے برانچ	کنڈور برانچ، میرپور آزاد کشمیر (0487) کنڈور برانچ، ڈڈیال ضلع میرپور آزاد کشمیر	07 ستمبر 2026ء
26	ڈی ایچ اے فیز-2 برانچ کراچی (2304) پلاٹ نمبر 87، دکان نمبر 47-46، ڈی ایچ اے فیز II-، ڈیفنس گارڈن کراچی	ڈی ایچ اے فیز-I برانچ کراچی (0009) A-15 ڈیفنس ہاؤسنگ سوسائٹی، کورنگی روڈ کراچی	07 ستمبر 2026ء
27	ایسر برانچ میرپور آزاد کشمیر (0584) خسرہ نمبر 2725، 2726، نزد پوسٹ آفس ایسر، چکسواری، میرپور آزاد کشمیر	حمید آباد کالونی برانچ چکسواری آزاد کشمیر (2308) خسرہ نمبر 580، حمید آباد کالونی، کوٹلی روڈ، چکسواری، ضلع میرپور آزاد کشمیر	07 ستمبر 2026ء
28	سرہوٹہ برانچ کوٹلی (1304) خسرہ نمبر 1361، سرہوٹہ بازار، پوسٹ آفس سرہوٹہ نمبر 2، ضلع کوٹلی آزاد کشمیر	مین برانچ کوٹلی آزاد کشمیر (0441) مین برانچ کوٹلی آزاد کشمیر	07 ستمبر 2026ء
29	ہارون ہاؤس برانچ کراچی (0223) ہارون ہاؤس بلڈنگ (ڈان نیوز) کے اندر، ہارون ہاؤس، ڈاکٹر ضیاء الدین احمد خان روڈ، کراچی	پی آئی ڈی سی ہاؤس برانچ کراچی (0050) پی آئی ڈی سی ہاؤس، ڈاکٹر ضیاء الدین احمد روڈ، کراچی	07 ستمبر 2026ء
30	میرعلی برانچ میرعلی (2001) کھاتہ نمبر 166، کھتونی نمبر 176، اکبر علی مارکیٹ، نزد THQ میرعلی، میرعلی، شمالی وزیرستان	بنوں سٹی برانچ (0309) ریلوے روڈ، بنوں سٹی	07 ستمبر 2026ء
31	فش ہاربر برانچ کراچی (0012) کراچی فشریز، ویسٹ وارف روڈ، کراچی	کسٹم ہاؤس برانچ کراچی (0007) کسٹم ہاؤس، ڈنشا روڈ کراچی	07 ستمبر 2026ء
32	شریف آباد برانچ کراچی (1035) ST-8، النصر اسکوائر، سرشاہ سلیمان روڈ، ایف بی ایریا کراچی	اردو یونیورسٹی برانچ کراچی (1081) یونیورسٹی روڈ، گلشنِ اقبال کراچی	07 ستمبر 2026ء
33	پاسپورٹ آفس برانچ (1066) پاسپورٹ آفس بلڈنگ، شاہراہِ عراق، سندھ ہائی کورٹ کے قریب، کراچی	صدر برانچ کراچی (0055) 252، پی او ایف، سرور شہید روڈ، صدر، کراچی	07 ستمبر 2026ء

PID(K)32/26

NBP National Bank of Pakistan
نیشنل بینک آف پاکستان
نیشنل بینک اور پاکستان

ڪڙيو گهنور ۾ آبادگارن جو ايس ڊي او ايريگيشن جي زيادتين خلاف احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن عثمان راهو، مير محمد راهو، وڏيرو محمد يوسف ڪوسو ۽ ٻين حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

ڊاڏرڪو شاخ جي پڇڙي ۾ سارين جو ٻيجارو پاڻي نه ملڻ سبب سُڪي سڙي رهيو آهي: مظاهرين

پاڻي تي هنيل ڌاڙي جي انڪوائري ڪرائي ملوث ڪردارن خلاف ڪارروائي ڪري پاڻي ڏنو وڃي

ڪڙيو گهنور(ن ع) ڊاڏرڪو شاخ جي سوين آبادگارن ايس ڊي او ايريگيشن شمش ميمڻ آبپاشيءَ عملدارن پاران مبينا طور منڊ جي بااثر زميندارن کي پڪي شاخ ڪوڙي ناجائز واٽر ڪورسن جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري مين گولاڙچي حيدرآباد روڊ تي ڊاڏرڪو شاخ اسٽاپ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون سخت احتجاج جي دوران آبپاشيءَ عملدارن جي خلاف سخت

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: آبادگار پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٻيٽ شاهه پوليس پاران ٽن قتلن ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

شهزادو بوزدار، سنڌس پٽ نبي بخش ۽ گلزار عرف ڪارو کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

گرفتار ٿيلن تي خان پور ٿاڻي تي الڳ الڳ قتل جا ڪيس داخل ٿيل آهن

هالا (ت ر) ٻيٽ شاهه پوليس جي ڪامياب حڪمت عملي سبب ٽن قتلن ۾ گهربل روپوش ٽن جوابدارن کي هٿيارن سميت پڪڙي چالان ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او ٻيٽ شاهه طفيل ابڙو ڪچي آبادي ٻيٽ شاهه ۾ پناهه وٺندڙ قتل ۾ ملوث فرار جوابدارن کي ڊرامائي انداز ۾ گرفتار ڪري ورتو پوليس جو چوڻ آهي ته پڪڙيل جوابدارن جو تعلق بوزدار برادري سان آهي جيڪي خان پور جا رهواسي آهن ايس ايڇ او ٻيٽ شاهه طفيل ٻٽو جو چوڻ آهي ته پڪڙيل جوابدارن جنهن ۾ هر هڪ شهزادو عرف رند ٻٽ باغ علي بوزدان

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٻيٽ شاهه ۽ ڪراچي پوليس پاران مبينا اغوا ٿيل ڇوڪري هٿ ڪري ورتي

پوليس ڳوٺ ميوو ميرجت تي چڙهائي ڪري رابعه ۽ نعيم کي سوگهو ڪيو

ڇوڪري جو نڪاح نامون ڏيکارڻ باوجود پوليس ناجائز ڪئي آهي انصاف ڪيو وڃي: نعيم جا وارث

هالا (ت ر) ڪراچي پوليس جي ٻيٽ شاهه پوليس سان گڏ ڳوٺ ميوو ميرجت تي چڙهائي ڪراچي مان اغوا ڪيل معصوم ڇوڪري رابعه هٿ ڪرڻ تي گهر ۾ موجود عورتن جي پوليس سان جهڙپ پوليس ڪارروائي ڪندي ڇوڪري رابعه ۽ ڪيس اغوا ڪندڙ گروهه جو هڪ جوابدار نعيم پڪڙي کين ٻيٽ شاهه ٿاڻي تي پهچايو ٻيٽ شاهه پوليس بازياب ڪرايل ڇوڪري رابعه کي سنڌس والدين سان ملائي ڇڏيو آءِ جي سان ملڻ دوران ڇوڪري روئيندي ماءُ جي ڪڇ ۾ ڪري پئي ڪجهه دير کين ٻيٽ شاهه ٿاڻي تي رکڻ بعد ٻيٽ شاهه ٿاڻي جي ايس ايڇ او

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: پ پ اڳواڻ غلام نبي مگسي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، لياقت ملاح، شاهجهان ملاح ۽ ٻين تعزيت ڪئي

بلڙي شاهه ڪريم (ن ع) بلڙي شاهه ڪريم ۾ ڏهين محرم جي شام جوابدارن هٿان بيدردي سان گولين جو ڪاچ بڻجي ويندڙ پ پ يوٿ اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ جي گهر وارن جي وارثن سان تعزيت ڪندي جسقم شهيد بشير خان قريشي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو ضلع حيدرآباد صدر لياقت ملاح صوفي شاهجهان ملاح ٽنڊو محمد خان ضلع صدر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پي ايس-30 خيرپور- 7جي ضمني چونڊ لاءِ اليڪشن ڪمشنر عبدالواحد بلوچ کي ڊي آر او مقرر ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر)پي ايس-30 خيرپور- 7جي ضمني چونڊ لاءِ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ريجنل اليڪشن ڪمشنر عبدالواحد بلوچ کي ضلعي ريٽرننگ آفيسر (DRO)مقرر ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهاڻ عبدالواحد بلوچ کان سندس عهدي جو حلف ورتو حلف برداري جي تقريب ڪان پوءِ ضلعي ريٽرننگ آفيسر پي ايس-30 خيرپور

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: مقتول نوجوان جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سانگهڙ پاران 5 جولاءِ تي ڪارو ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي هر سال 5 جولاءِ کي "ڪارو ڏهاڙو" طور ملهائيندي آهي 5 جولاءِ 1977ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو جنهن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

علائقي جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ هر سطح تي ڪوششون جاري رکيون وينديون: هالار وسان

خيرپور(ڊ ر)ڪوٽڏيجي کان نارا ڪينٽ تائين اهم شاهراهه جي بحالي وارو منصوبو سنڌ حڪومت جي ساليانو ترقياتي پروگرام

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ تيز رفتار مزدا بي قابو ٿي خانگي ڪلينڪ سان ٽڪرائجي وئي، ٻه ڄڻا فوت

جيڪب آباد روڊ قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ سجاڳپ اسد بروهي ۽ ناصر بروهي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

شڪارپور (رپورٽ :رحيم بخش جمالي) شڪارپور: جيڪب آباد روڊ قومي شاهراهه تي پيش آيل خوفناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ تيز رفتار مزدا بي قابو ٿي روڊ جي ڀرسان قائم هڪ خانگي ڪلينڪ سان ٽڪرائجي اونڌي ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڊرائيور ۽ ڪلينر موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. پوليس موجب فوتين جي سڃاڻپ اسد بروهي ۽ ناصر بروهي طور ٿي آهي ٻنهي جا لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ٽيسٽ پاس اميدوارن جي مسئلن جي حل لاءِ پارلياماني ڪميٽي جو اجلاس 10 جولاءِ تي طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم کاتي ۾ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي طور ڀرتي لاءِ ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن جي مسئلن جي حل لاءِ جوڙيل پارلياماني ڪميٽي جو اجلاس 10 جولاءِ تي طلب ڪيو ويو آهي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس لاءِ لاڳاپيل ميمبرن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن جاري ڪيل بيان موجب، اجلاس ۾ شرڪت لاءِ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، تعليم واري وزير سردار شاهه، اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي ۽ ٻين لاڳاپيل ميمبرن کي دعوت ڏني وئي آهي. ٻڌايو موجب، اجلاس 10 جولاءِ تي صبح جو ساڍي ڏهين وڳي سنڌ اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لطيف آباد ۾ حدخلين ڇاٽيل اڏاوتون ڊاهيون پيون وڃن

ٽنڊوباگو ۾ پاڻي جي کوٽ، بدامني، ڪرپشن خلاف قومي عوامي تحريڪ جو احتجاج

ڪارڪنن گيان چند مهيشوري، گل حسن چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پاڻي کوٽ، بدامني، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ ۽ سنڌ کي درپيش ٻين مسئلن کي حل ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي "متحد ۽ مضبوط سنڌ" مهم تحت ٽنڊوباگو ۾ پاڻي جي کوٽ، بدامني، ڪرپشن، منشيات، ميرٽ جي لتاڙ ۽ سنڌ کي درپيش ٻين مسئلن خلاف گيان چند مهيشوري، گل حسن چانڊيو، يار محمد شاهه بلاول پلاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ الله والا چوڪ کان ريلي ڪڍي بدر چوڪ تي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ، خاص طور بدين ضلعي ۾ پاڻي جي هزارين ڪوٽ سبب آبادگار سخت بحران جو شڪار آهن جڏهن ته بدامني، منشيات جي ڪليل وڪري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪار سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. ناظم آباد نمبر 1 ملت بيڪري جي ويجهو موٽرسائيڪل تان هيٺ پراسرار نموني ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 50 سالن جو محمد بشير فوت ٿي ويو آهي متوفي ٽريفڪ پوليس اهلڪار ٻڌايو پيو وڃي

سنڌ جي رڪيل برادري پاران رسول بخش پليجي جي مزار تان قبضو ڪرڻ جو مطالبو

مزار ۽ عوامي اجتماع واري هنڌ تان غيرقانوني قبضو فوري طور ختم ڪرايو وڃي: ٺڪو بار

هراسان ڪرڻ ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب غيرجانبدار ڪارروائي ڪئي وڃي

... ۽ پوليس ۽ مبينا ڌوهارين وچ ۾ مقابلي دوران هڪ مبينا خطرناڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس ٽي ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ايس ايڇ او ڪڏهر قربان ڪلهوڙو پنهنجي ٽيم سان گڏ معمول جي گشت دوران شڪي ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي جوابدارن پوليس تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽنڊو آدم جون پوليو ورڪر احتجاج ڪري رهيون آهن

پيپلزپارٽي ۽ ڪرپٽ سنڌ حڪومت سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي: اياز لطيف

سنڌ ۾ وڏين يونيورسٽين اسپتالن، ڪاليجن، ٽيڪنيڪل ادارن جي ضرورت آهي

پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين کي سنڌ جي علم، ميرٽ ۽ شفافيت سان جوڙڻ پوندو: سانا ۾ خطاب

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا سانا جي دعوت تي سانا جي ساليانو ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ ٽورنٽو ڪئناڊا جي شهر ۾ پهچي ويو ٽورنٽو ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا سانا ڪئناڊا جي اڳواڻن ڊاڪٽر رئوف شيخ ۽ اشفاق ميمڻ پاران اياز لطيف پليجو جي مان آجيانو ڏنو ويو آجياڻي ۾ ڪئناڊا ۾ رهندڙ سنڌي ڪميونٽي جي عورتن مردن ۽ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اياز لطيف پليجي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ڊسٽرڪٽ بار پاران اسسٽنٽ ڪمشنر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ضلعي انتظاميه پاران حدخلين ڇاٽائي وڪيل ظفر الله دشتي جي گهر تي ڪارروائي ڪرڻ واري عمل کان پوءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي وڪيلن پاران بار آفيس اندر گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: جسقم بشير قريشي اڳواڻ نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي

بدين جماعت اهلسنت پاران توهين آميز مواد نشر ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن مفتي احمد صادق نعيمي بغدادي قاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

توهين آميز مواد نشر ڪندڙ اداري خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين جي سڏ تي جيو نيوز پاران توهين آميز مواد نشر ڪرڻ خلاف مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين جي امير مفتي احمد صادق نعيمي بغدادي قاري حسين بلالي، مولانا محمد هارون نعيمي مفتي داڻود جت نعيمي غلام نبي ميمڻ محمد امير نوراني حافظ عبدالغفار ڪوسو علامه فقير حبيب الله نعيمي مولانا عبدالواجد سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جامع نوراني مسجد بدين کان بلاول پارڪ تائين احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن ۽ ڀرپاسي ارڙي جي بيماري تيزي سان ڦهلجڻ لڳي، هڪ نينگر فوت

وارڊ نمبر هڪ واسي ايس ٽي پي اڳواڻ شهباز علي ملڪ جو هڪ سال جو نينگر موذي مرض رڳهي فوت ٿي ويو

سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون نه هجڻ ڪري ڪيترائي معصوم ٽڙپي ٽڙپي فوت ٿي رهيا آهن: شهباز ملڪ

حڪومت پاران جاري ڪيل عوام جي علاج لاءِ ڪروڙين رپيا بجيٽ ۽ فنڊ هڙپ ڪندڙن خلاف ڪارروائي وڃي

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن شهر ٽوڙي پر پاسن جي علائقن ۾ ارڙي جي بيماري تيزي سان ڦهلجڻ لڳي صحت کاتي پاران مقامي سرڪاري اسپتالن ۾ جوڳا انتظام نه هجڻ ڪري ڦلجي شهر جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: شاخ مان پاڻي چوري ڪرڻ لاءِ آيل پائيپ ڏسي ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد: ڳوٺاڻا ٽائر ساڙي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڄامشورو ۾ پاڻي بحران ۽ ٽئنڪرز مافيا پاران اگهه وڌائڻ خلاف احتجاجي ريلي

نوجوان سجاڳ تحريڪ پاران رضوان چانڊيو سيد سجاد علي شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڏهن ڏينهن کان واٽر سپلاءِ لائين بحال ڪري گهرن ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائي وڃي: مطالبو

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو ۾ مسلسل پاڻي بحران ۽ تازو ٽئنڪرز مافيا پاران بنا ڪنهن سبب بلاجواز ريٽ مهانگا من پسند مقرر ڪرڻ خلاف نوجوان سجاڳ تحريڪ پاران رضوان چانڊيو سيد سجاد علي شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي سامهون ڌرڻو هڻي پاڻي جي حاصلات لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سماجي اڳواڻ اين بي ڪوسو ايس يو پي اڳواڻن سالار پلائي سيد بشير احمد شاهه متحرڪ نوجوان اتحاد سيدآباد جي اڳواڻن عابد علي شورو سيد ارسلان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ نينگر سان مبينا بدفعلي ماري تان جهيڙو، فائرنگ، 12 ڄڻا زخمي

شاهي بازار واري علائقي ۾ بيلدي ۽ مگسي برادري جي ٻن ڌرين ۾ اوچتو جهيڙو ٿي پيو

پ پ ڪائونسلر سميت ٻنهي ڌرين جا 12 ماڻهو زخمي ٿي پيا، لمس اسپتال منتقل

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو شاهي بازار ۾ نينگر زبير بليدي سان مبينا بدفعلي جي ڪوشش واري ماري تان بيلدي ۽ مگسي برادري جي ٻن ڌرين ۾ اوچتو جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران هوائي فائرنگ، لٺيون گوليون ۽ سيخون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 12 ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن جن کي لمس اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ آزاد مگسي فقير مگسي رزاق مگسي تاج مگسي حسيم مگسي نويد مگسي زخمي ٿي پيا جڏهن ته ٻئي ڌر جا ڪائونسلر پ پ اڳواڻ شبير بليدي وليد بليدي رشيد بليدي نظير بليدي طارق بليدي اسماعيل بليدي زخمي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز لڳ بااثر معمولي ڳالهه تان پورهيت جي آگر ڪٽي ڇڏي

ڳوٺ ڪوڙي واسي 17 ورهين جي ڪاظم کي اسپتال آندو ويو جتان نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

بااثر معمولي ڳالهه تان حملو ڪري آگر ڪٽي ڇڏي آهي، انصاف فراهم ڪيو وڃي: متاثر

نوشهرو فيروز(ڊ ر) نوشهرو فيروز ڀرسان ڳوٺ ڪوڙي جي رهواسي 17سالن جي نوجوان ڪاظم ڪلهوڙو پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسان مال جا واپاري آهيون مال ڪراچي موڪلڻ لاءِ گاڏي ۾ ڪيلن جا ڀن رڇائيندا آهيون ان ڪري مان ڳوٺ ڀرسان ڪيلن جي باغ مان ڪيلن جا سڪل ڀن ڪٽي رهيو هئس ته اتي ڪيلن جو واپاري غلام شبير رند آيو ان گار گند ڪري ڏاٽن جا وار ڪري هٿ جي آگر وڍي ڇڏي آهي مون اهڙي ايڊ سي نوشهرو فيروز داخل ڪرائي آهي ٻئي طرف زخمي نوجوان کي نوشهرو فيروز

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو الهيار: سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ علي خورشيدي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪوٽڙي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران "متحد ۽ مضبوط سنڌ" مهم ريلي ڪڍي وئي

سنڌو درياءَ تي ڌاڙي، 28هين آئيني ترميم، ڪرپشن، سنڌ جي نوجوانن سان ناانصافي ٿي پئي

سنڌ جي وحدت کي ٽوڙڻ جي ناپاڪ سازش کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ڄامشورو پاران متحد ۽ مضبوط سنڌ مهم جي سلسلي ۾ ابڙا چوڪ کان هيرآباد تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن مقصود جهتيال ، ڊاڪٽر گرگيز لڪانو پالاري ، نعيم شر ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءَ تي ڌاڙي، 28هين آئيني ترميم ڪرپشن سنڌ جي نوجوانن سان ناانصافي، ميرٽ جي لتاڙ ۽ سنڌ جي آبادگارن کان پنهنجي حصي جو پاڻي کسي، سنڌ جون زمينون بڙ پاٽنگ ڪري ۽ فصلن جو اگهه ڪيرائي سنڌ جي آبادگارن سان ويساهه گهاتي ڪئي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ واش روم واري تيزاب سان ڪولر ڌوئڻ وڊيو وائرل، هوٽل سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر جي نوٽيس بعد انتظاميا تاج محل هوٽل سيل ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي واشروم واري تيزاب سان ڪولر ڌوئڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ بعد ضلعي انتظاميه جي ڪارروائي، اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر ۽ مختيارڪار گهوٽڪي شاهد دايو جي هدايت تي اسسٽنٽ مختيارڪار سهيل احمد ملهڻ تاج محل هوٽل سيل ڪري ڇڏيو اسسٽنٽ مختيارڪار سهيل احمد ملهڻ روينيو کاتي جي ٽيم کي ساڻ ڪري ڪارروائي ڪندي، گهوٽڪي قومي شاهراهه تي موجود تاج محل هوٽل سيل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي اسسٽنٽ مختيارڪار سهيل احمد ملهڻ جو چوڻ هو ته هوٽل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

مٺي: مذهبي تنظيمن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوآدم لڳ مهمان ٿي آيل نينگر لوهار شاخ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت

ٽنڊوالهيار واسي 13 ورهين جو عثمان ولد زاهد شاخ ۾ ٻڏي ويو

نينگر کي ڪڍي وارث اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ الهرکيو آرائين ۾ مهمان ٿي آيل ٽنڊوالهيار واسي 13 سالا نينگر عثمان ولد زاهد لوهار شاخ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش شاخ مان ڪڍي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ڊاڪٽرن نينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي بعد ۾ ضروري ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

ٽنڊوآدم لڳ مري ۽ ڇنڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا مرٽيڻگ

ڳوٺ ڪڙيو ٻجل بوداڻي ۾ پاڻي جي واري تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالڪريم مري ۽ حبيب مري کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ڪڙيو ٻجل بوداڻي ۾ پاڻي جي واري تان مري ۽ ڇنڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ مري برادري جا 2 ڄڻا عبدالڪريم مري ۽ حبيب مري سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو باگوڊاڏي پوليس واقعي تي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي .

حيدرآباد: ليڊي هيلٿ ورڪر نجڪاري خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

دادو ۾ سنڌ دشمن منصوبن خلاف سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج

ڪارڪنن زينت سمون ، امير زادي برهماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪيو

سنڌ جي وسيلن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ سڀني کي متحد ۽ مضبوط ٿيڻ جي ضرورت آهي

دادو(ڊ ر) سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ ، ذوالفقار آباد ، سنڌو درياهه تي ڌاڙي ، 28هين ترميم ، ڪرپشن ، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ، اجالا پروين ۽ پريا ڪماري جي اغوا ڪاروڪاري سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي "متحد ۽ مضبوط سنڌ " جي عنوان سان 24 ڏينهن دادو شهر ۾ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ ڪيو ويو . پيادل مارچ شهر جو گشت ڪري پريس ڪلب دادو پهتو . پيادل مارچ ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، دادو شهر جي مک ڪچهري روڊ تي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سامارو لڳ نوحاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 5 زخمي

ڳوٺ مهيار نوحاڻي ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي زينب، نازيه، گل محمد، الهه بخش ۽ ڪريم کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

سامارو (ن ع) سامارو لڳ نوحاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو بن عورتن سميت پنج ڄڻا زخمي اسپتال داخل ڳوٺ مهيار نوحاڻي ۾ نوحاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن زينت زال الهبخش . نازيه زال صديق . گل محمد .الهبخش .ڪريم نوحاڻي زخمي ٿي پيا سامارو پوليس اطلاع تي پهچي زخمين کي اسپتال سامارو مان طبعي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو آهي

شهدادپور لڳ ڪبوترن جي بازي تان جهيڙي جو زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت

زخمي ڪانچي ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي حيدرآباد جي اسپتال ۾ فوت ٿي

وارثن پاران لاش رکي ٽنڊوآدم شهدادپور روڊ بلاڪ ڪري جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

شهدادپور (ن ع)8 ڏينهن اڳ شهدادپور ڳوٺ دين محمد اٽڙ ۾ ڪبوتر بازي تان ڪولهي برادري جي نوجوانن ۾ جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب زخمي ٿيندڙ ڪانچي ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي حيدرآباد جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو هوڏانهن سندس وارثن پاران لاش رکي ٽنڊوآدم شهدادپور روڊ بلاڪ ڪري ٽريفڪ معطل ڪري ڇڏي نوجوان جي پيءُ چيتن ڪولهي ٻڌايو ته منهنجي پٽ کي ڪبوترن جي معمولي ڳالهه تان ڪهاڙي هڻي قتل ڪيو ويو آهي بااثر اسد اٽڙ ملوث جوابدار هرچند شنڪر جانو وارن کي پڪڙڻ نٿو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ وين اڏي تي قبضي لاءِ جوابدارن جي اسٽارٽر کي مارڪٽ، احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين رب نواز شورو، نوراحمد زنگيجو، گلزار ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج بعد ڌرڻو هنيو ويو

اڏي تي قبضي لاءِ بااثرن حملو ڪري رب نواز کي زخمي ڪري سنڌس پٽ کي ڪنهڻ جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

چئن ڪلاڪ ڌرڻي بعد انتظاميا عملدار پهچي متاثرن کي انصاف ۽ تحفظ جو يقين ڏيارڻ ڌرڻو ختم ڪرايو

پنگريو (ن ع)پنگريو وين اڏي تي هلندڙ تڪرار تيز ٿي ويو اسٽارٽر رب نواز شورو کي مارڪٽ ڪري سنڌس پٽ کي مبينا ڪنهڻ خلاف ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن شهرين جو پريس ڪلب پنگريو اڳيان ڌرڻو هڻي پنگريو جهڏو روڊ بند ڪري ڇڏيو جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي رب نواز شورو نوراحمد زنگيجو گلزار ملاح ۽ ٻين چيو ته گذريل ويهه سالن کان رب نواز شورو نوراحمد زنگيجو وارا وين اڏو هلائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪن ٿا پر بااثر اڏي تي قبضو ڪري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: حادثي جو شڪار ٿيل ٽرڪ پيل آهي

خيرپور ۾ تعليم کاتي جي ڪلارڪ جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)ٿي او فيميل ڪنگري جي تعليم کاتي جي ڪلارڪ سيد سردار علي شاهه پريس ڪلب خيرپور پهچي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته وڏا ماڇيون ٿاڻي جي ايس ايڇ او موٽر سائيڪل جي چيڪنگ دوران سنڌس نئين سي ڊي 70 موٽر سائيڪل پنهنجي تحويل ۾ وٺي ۽ لک رپيا رشوت طلب ڪئي، ڪلارڪ سيد سردار علي شاهه جو چوڻ هو ته هو تعليم

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن: بيمار ٻارڙو علاج جو منتظر آهي

خيرپور ۾ نعيم ڪرل جي لاڏاڻي سبب خالي ٿيل سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرميون

اليڪشن ڪميشن جي شيڊيول مطابق 8 جولاءِ کان 10 جولاءِ تائين فارم جاري ڪيا ويندا

پي ايس-30 تي 16 آگسٽ تي ٿيندڙ چونڊ لاءِ اميدوارن سياسي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ سردار نعيم احمد ڪرل جي لاڏاڻي سبب خالي ٿيل پي ايس-30 جي سنڌ اسيمبليءَ جي سيٽ تي ضمني چونڊن جي شيڊيول جي اعلان کان پوءِ مختلف سياسي پارٽين جي اميدوارن پنهنجون چونڊ مهمون ۽ سياسي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون آهن تفصيل موجب، اليڪشن ڪميشن جي جاري ڪيل شيڊيول مطابق 8 جولاءِ کان 10 جولاءِ تائين اميدوارن کي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بي آءِ ايس پي جي رقم نه ملڻ سبب مستحق عورتون پريشان

ادائيگي لاءِ مقرر ڊوائيسز بند هجڻ ڪري رقم حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائون ٿي رهيون آهن: مستحق

پراڻو سسٽم ٻيهر بحال ڪيو وڃي، جيئن بنا ڪنهن ڏکيائي جي رقم حاصل ڪري سگهون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP)تحت مستحق عورتن کي ملندڙ وظيفي جي ادائيگي متاثر ٿيڻ سبب سوين عورتون سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيون آهن متاثر عورتن جو چوڻ آهي ته ادائيگي لاءِ مقرر ڪيل ڊوائيسز بند هجڻ ڪري کين رقم حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائون

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمامه سولنگي پاران ٻن غيرقانوني هلندڙ ايل پي جي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ سوشل ميڊيا تي غير قانوني ايل پي جي وڪري، مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي وڪري ۽ حفاظتي ضابطن جي ڀڃڪڙين بابت هلندڙ خبرن جو فوري نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمامه سولنگي کي ترت ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون هدايتن تي عمل ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمامه سولنگي اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز حسين ڦليوٽو سان گڏجي شهر ۾ قائم ايل پي جي (LPG) جي دڪانن جو اوچتو معائنو ڀڃڪڙ معائني دوران ڪيترين ئي سنگين ڀڃڪڙين جو انڪشاف ٿيو جن ۾ اوگرا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ايريگيشن کاتي جي خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين محمد عمر نواز اعجاز حزب الله ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

روهڙي ڪئنال جا بند ڪمزور هجڻ ڪري پاڻي ڳوٺن ڏانهن اچڻ جو خدشو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ڊ ر) ايريگيشن انتظاميه جي سنگين نااهلي سبب روهڙي ڪئنال مختلف هنڌن تي ڪمزور ٿي وئي ، متاثر علائقي واسين پاران ايريگيشن کاتي جي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو مظاهري جي اڳواڻي محمد عمر محمد نواز ،اعجاز حزب الله، سعيد احمد، عطا الله شيخ، جاويد ڦليوٽو عمران ارشاد ، فتي خان ،وسيم راجپوت، محمد علي اعجاز راجپوت، سڌير ڦليوٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين ڏانهيندي چيو ته ايريگيشن کاتي جي سنگين نااهلي سبب روهڙي ڪئنال مختلف هنڌن تان ڪمزور ٿي وئي آهي جنهن سبب پاڻي ڳوٺن ڏانهن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ لڳ ڪچي ۾ ٻيلي تان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن، ڳوٺاڻن جو حملو

ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هوش محمد شر جي اڳواڻي ۾ عملي آپريشن شروع ڪيو ته ڳوٺاڻن مزاحمت

ڳوٺاڻن پٿراءَ ۽ لٺين سان حملو ڪرڻ سبب آپريشن ۾ عارضي رڪاوٽ، پوليس پهچي صورتحال تي

سرڪاري زمينن تي غيرقانوني قبضا ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: هوش محمد

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دادو: سنڌياڻي تحريڪ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور واسي هڪ ڄڻي چوري ٿيل ڪار جي واپسي لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور شهر جي علائقي لقمان جي رهواسي آغا ذوهيب پٺاڻ جي گهر ٻاهران بيٺل ڪلٽس ڪار چوري ٿيڻ واري واقعي خلاف متاثر خاندان پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف ۽ ڪار جي بازيابي جو مطالبو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي آغا ذوهيب پٺاڻ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ميين ٻڙي واپرائيندڙ ڪينسر ۾ مبتلا نوجوان لاڏاڻو ڪري ويو

ڳوٺ علي بخش خاصخيلي ۾ 30 سالن جو نوجوان ارشد خاصخيلي فوت ٿي ويو

علائقي ۾ منشيات واپرائڻ سبب ڇهن عورتن سميت 10 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا، پوليس خاموش

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي لڳ ٽيليگراف جي ڳوٺ علي بخش خاصخيلي ۾ مين پڙي واپرائيندڙ 30 سالن جو نوجوان ارشد خاصخيلي ڪجهه عرصو ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس لوڪ هاڻين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي تدفين ۾ وڏي تعداد ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي جڏهن ته ان کان ڪجهه وقت اڳ مرحوم جو وڏو ڀاءُ عبدالرزاق خاصخيلي پڻ ساڳي طرح ڪينسر جي موذي مرض سبب لاڏاڻو ڪري ويو هو ڳوٺ ۾ ڪيترن اي سالن مين پوري گٽڪي ۽ زيڊ ايڪيهه جهڙي منشيات جو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڊي سي حيدرآباد پاران امڪاني برساتن ۽ ٻوڏجي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارن کي تياريون ڪرڻ جي هدايت

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي)امڪاني برساتن ۽ ٻوڏجي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي انتظاميا حيدرآباد پاران سمورن لاڳاپيل ادارن کي اڳواٽ مڪمل طور تيار رهڻ لاءِ هدايتون ڪيون ويون آهن ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي حيدرآباد جي ميمبرن جو هڪ اجلاس نيو ڊي سي ڪامپليڪس حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو _ اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد چيو ته امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا اڳواٽ ئي سمورا انتظام مڪمل ڪري وٺن ۽ هن مون سون 2026 دوران گهڻ رخي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ماتلي ۾ بدامني، منشيات، جوا جي اڏن خلاف ايس يو پي پاران مظاهرو ڌرڻو

ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي هڪ ڪلاڪ ڌرڻو هنيو

پوليس جي نااهلي سبب آئيس هيروئن شراب گٽڪو ۽ نشي آور منشيات سرعام وڪرو ٿي رهي آهي: اڳواڻ

ماتلي (ن ع) ماتلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪائون ماتلي طرفان ڪارڪنن منشيات جوا ۽ بدامني خلاف شاهي بازار مان ريلي ڪڍي نڪرندڙ اس ۾ مين چوڪ تي هڪ ڪلاڪ ڌرڻو هنيو انتظاميا خلاف چٽي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي يوسف عمراڻي حاڪم علي ڪوسو غلام نبي ماتلي اعجاز ميمڻ زوار الطاف ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ماتلي پوليس جي نااهلي سبب علائقي ۾ آئيس هيروئن شراب گٽڪو ۽ نشي آور منشيات سرعام وڪرو ٿي رهي آهي علائقو منشيات جو گڙهه هئڻ سبب نوجوان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: عوامي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊڪوٽ ويجهو پورهيت جي گهر کي باهه، الهه تلهه سڙي رک، مدد جي اپيل

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ پرسان ڳوٺ هيبت خان باجڪاڻي ۾ امير بخش باجڪاڻي جي گهر کي چلهه مان اوچتو چڻنگ اڏڻ سبب گهرن باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ سبب ٻه سڙي رک ٿي ويا گهر ۾ پيل سامان هنڌن ڪٽون ٻن نياڻين جو شادي لاءِ رکيل ڏاج ڪٽڪ ۽ ٻيو سامان سڙي ويا آهن اهڙو اطلاع فائر برگيڊ عملي کي ڏنو ويو پر فائربرگيڊ عملو پنهنجي روايت کي برقرار رکندي واقعي واري هنڌ دير سان پهتو ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ڪنٽرول ڪري ورتو ۽ ٻين گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو آهي هوڏانهن متاثرن ڪليل آسمان هيٺ ويٺل آهن متاثرن جو چوڻ آهي ته چلهه سان چڻنگ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اي سي ٽنڊو آدم پاران ايل پي جي دڪانن تي ڇاپا، وڌيڪ اگهه وٺندڙ 5 دڪان سيل

ٽنڊوآدم (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي حڪ وسعت پاران مقرر ڪيل اگهن تي عملدرآمد ڪرائڻ ۽ شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ٽنڊو آدم شهر ۾ ايل پي جي وڪرو ڪندڙ مختلف دڪانن تي اوچتا ڇاپا هنيا، جتي سرڪاري

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص سائيڪل تي پکي وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

سکر جي صحافي ممتاز ملاح جي موٽرسائيڪل چاٻي چور کاهي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان سينئر صحافي اديب شاعر ممتاز ملاح جي يونيڪ موٽرسائيڪل ڏينهن ڏٺي جو ٽيم جي چاڙهي تان نامعلوم چور تالو ٽوڙي چوري ڪري ويا.ان ڏس ۾ ممتاز ملاح جو چوڻ آهي ته سنڌس آفيس جي ڀرسان نم جي چاڙهي تان ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي آهي اهڙو اطلاع حد جي ٿاڻي تي پڻ ڏنو آهي پر پوليس اجان تائين ڪارروائي ناهي ڪئي شهر ۾ چوريون ڦريون بدامني وڌندي پئي وڃي پوليس انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي منهنجي ايس ايس پي اي ايس پي کي گذارش آهي ته حق حلال جي ڪمائيءَ مان ورتل چوري ٿي ويل

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ اسڪول لاءِ پلاٽ ڏيندڙ ڳوٺاڻي جو سرڪاري نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو جي ڳوٺ عبدالله چاڙو جي معزز محمد اسماعيل چاڙو ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته 15 سال اڳ مون پنهنجي ڳوٺ عبدالله چاڙو ۾ اسڪول قائم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ذاتي پلاٽ ڏيڻ سميت ذاتي سطح تي ڪوششون ڪري ڳوٺ ۾ اسڪول قائم ڪريں جنهن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ اهلسنت جماعت پاران توهين آميز مواد نشر ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

مٺي (ڊ-ر) مٺي ۾ اهلسنت جماعت طرفان مٺي جي ڪشمير چوڪ تي ٿنهن اس ۾ روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ پير عمر جان سرهندي، مولوي علي نواز جهاڳوڻ محبت چاري نواز بجير ۽ ٻين شرڪت ڪئي انهي موقعي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته هر اينڊ ڏينهن صحابه ڪرام جي حوالي سان مختلف شهرن ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ پيرسن جو پنهنجي پٽ جي ظلمن خلاف احتجاج، تدارڪ جي گهر

ڄامشورو(ڊ ر) شهر جي ريلوي اسٽيشن جي علائقي نورشاهه جي رهواسي پيرسن معشوق علي مگنهار جو پنهنجي پٽ نذاڪت مگنهار جي ظالمن خلاف ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي ڏانهيندي چيو آهي منهنجو پٽ ظالم ٿي ويو آهي هو مون تي روزانو بلاجواز تشدد ڪري ٿو منهنجي سمهڻ جي کٽ ڦري ويو آهي پيٽون هنڌ بسترا کڻي ويو آهي التو پوليس کان ٻڌايو آهي پوليس کي جڏهن ان جي ظلمن جي خبر پئي ته پوليس سونکي ڇڏي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ڊسٽرڪٽ بار پاران اسسٽنٽ ڪمشنر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ضلعي انتظاميه پاران حدخلين ڇاٽائي وڪيل ظفر الله دشتي جي گهر تي ڪارروائي ڪرڻ واري عمل کان پوءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي وڪيلن پاران بار آفيس اندر گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ وڪيل وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا گڏجاڻي کان پوءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران اسسٽنٽ ڪمشنر جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڊي بي اي جا اڳواڻ وڪيل ڪامران خان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي پاران لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.